


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# جديد قومي
# ۽
# بين الاقوامي نظام

## خاڪي جويو

ساجاهه پبليڪيشن
حيدرآباد، سنڌ
2007ع

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# جديد قومي ۽ بين القومي نظام


ليکڪ : خاڪي جويو

ڇاپو : مارچ 2007ع

ڇپائيندڙ : ساجد سومرو

آزاد پبلشنگ هائوس

134- ڀٽائي ٽائون، حيدرآباد

ڪمپوزنگ ۽ ڇپيندڙ : سُورج پرنٽرس

قيمت : -/100 (هڪ سؤ رپيا)

**JADEED QOUMI AIEN BEN-AL-QOUMEE NIZAM**

By:

**Khaki Joyo**

Edition: 1st, Octomber 2004

Published by:

**Sajid Soomro**

**Sanjah Publication**

134- Bhittai Town, Hyderabad

Composing & Printers:

Soorij Printers

Price Rs. 100/- only


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ارپنا

پنهنجي دلبر دوست، همدم ۽ هم خيال، ڪشادي دل ۽ وڏي نظر واري انسان

مرحوم پروفيسر عبدالله مگسيءَ جي نالي

وِجهِيو مُنهنُ مَٽَن ۾، موکي اُپيو روءِ،
متارا منهن مٿي ويا، آڳَڻَ اچي نہ ڪوءِ،
پِيا ڪَنِ ڪان پوءِ، مِٺا مَٽَ مٿي ٽِيا.

(شاهہ)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# سٽاءُ


**باب پهريون**

1. جدلياتي ترقيءَ جو ترقي پسند تصور 11
2. قومي تڪميل جو ترقي پسند تصور 15
3. قومي مفادن جي ترقيءَ جو تصور 21

**باب ٻيو**

1. قومي مفادن جي هم آهنگيءَ جو شعور 27
2. قومي قوتن جي هم آهنگيءَ جي تشڪيل 33
3. قومي تڪميل جي ترقي پسند تشڪيل 38

**باب ٽيون**

1. جاگيردار طبقي جو قومي ۽ غير قومي ڪردار 44
2. ضرورت ۽ خواهش جو جدلياتي ڪردار 52
3. جاگيردار طبقي جو قوم دشمن ڪردار 56

**باب چوٿون**

1. گروهي فرقيوار فطرت جو قوم دشمن ڪردار 62
2. قومي تحريڪ ۾ فڪر ۽ عمل جي وحدت جو ڪردار 75

**باب پنجون**

1. سرمائيدار ترقي پذير قوتن جو ڪردار 80
2. سنڌ جي سرمائيدارن جي سياسي تنظيم 86
3. سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي قومي هم آهنگي 92
4. سنڌي قوم جي وسعت پذير هم آهنگي 97

**باب ڇهون**

رياست جو قومي ۽ غير قومي ڪردار 102
2. گهڻ قومي رياست جو سامراجي ڪردار 107
3. گهڻ قومي رياستن ۾ بنيادپرستي 111
4. گهڻ قومي رياستن ۾ جنگي جنون 113

**باب ستون**

1. آزاد ۽ خودمختيار قومن جي بين الاقواميت 116
2. عالمي سرمائيداريءَ جو ترقي پسند ڪردار 119
3. انسانيت جو مستقبل روشن ۽ تابناڪ آهي 122

**باب اٺون**

1. حڪمرانيءَ جو غير طبقاتي نظام يا بوناپارٽزم 127
2. ٻڪ تي برابريءَ وارو سوشلزم 132
3. مارڪيٽ کان ماورا معاشيات جو تصور 136
4. ذاتي ملڪيت، ذاتي محنت جو تصور 142

**باب اٺون**

**The New Progressive Interpratation of Historical Process**

1. تاريخي عمل (عالمي نظام) جي نئين ترقي پسند تشريح 149
2. جديد ٽيڪنالاجي سوويت سماج جي زوال جو سبب 155
3. پيداواري طريقي جي جدلياتي پيش قدمي 161
4. عالمگير انساني تهذيب جي اعليٰ ترقي يافته شڪل 165
5. حوالا ۽ سمجهاڻيون 173



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پيش لفظ

منهنجو هيءُ ٻيو نثري ڪتاب آهي، جيڪو منهنجن پنهنجن خيالن ۽ نظرين جي مڪمل عڪاسي ڪندي ته وڏاءُ نه ٿيندو، جيتوڻيڪ انهيءَ ڪانسواءِ شاعريءَ ۽ نثر جا منهنجا ويهارو کن ٻيا به ڪتاب آهن ۽ ايترائي اڻ ڇپيل شاعريءَ ۽ نثر جا ڪتاب ٿيندا، پر قوميتي ۽ بين القوميتي نقطه نظر تي ويهن سالن کان پوءِ منهنجو هيءُ ٻيو نثري ڪتاب آهي. ان کان اڳ 1984ع ۾ منهنجو پهريون نثري ڪتاب، 'قومي سوال جو نظرياتي جائزو' ڇپيو هو. جنهن ۾ مون سوشلزم جي عام مروج نظريي سان اختلاف ڏيکاريندي، ترقي پسند فڪر موجب، دليلن ۽ حوالن سان ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ته مارڪسزم قومن جي آزاديءَ جو مخالف نظريو نه، پر اهو هر قسم جي غلاميءَ جي خلاف هڪ مضبوط فڪر يا نظريو آهي ۽ منهنجي انهيءَ نقطه نظر جي مخالفت رکندڙ به مون کي اڄ تائين ڪنهن جواب ڏيڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي. انهيءَ خيال کان منهنجو هيءُ قومي ۽ بين القومي نقطه نظر تي ٻيو ڪتاب آهي ۽ مون کي خبر آهي ته هن ڪتاب ۾ پيش ڪيل مؤقف به گهڻن ئي قدامت پسند سوشلسٽ نقطه نظر رکندڙن کي چيڙائي يا مچرائي ڇڏيندو. ڇاڪاڻ ته مون پنهنجي مؤقف ۾ موجوده جديد دور جي سرمائيداري سسٽم جي حمايت ڪئي آهي ۽ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته موجوده جديد روبوٽائيزيشن يا خودڪار ٽيڪنالاجيءَ جي پيداوار سرمائيداري، گذريل صنعتي دور جي سرمائيداريءَ کان وڌيڪ ترقي پسند ۽ انسان دوست رخ اختيار ڪري رهي آهي ۽ اهائي موجوده دور جي سرمائيداريءَ جي عالمگير مفادن جي ضرورت آهي ته اِها پنهنجي ايندڙ دور جي جياپي ۽ ترقيءَ لاءِ انسان ذات، خاص ڪري پوئتي پيل ملڪن جي عوام جي معيار زندگيءَ کي ترقي ڏياري ۽ انساني تهذيب کي خوشحال ۽ ترقي يافته ڪرڻ جي ڪوشش ڪري؛ ٻيءَ صورت ۾ اها پاڻ به زنده رهي ڪانه سگهندي ۽ نه وڌي ويجهي ۽ ترقي ڪري سگهندي.

مون پنهنجي هن ڪتاب کي اٺن ننڍين ننڍين بابن ۾ ورهايو آهي، جنهن مطابق ڪتاب جي پهرين ٻن بابن ۾ قومن جي واڌويجهه ۽ ترقيءَ جي تاريخي تسلسل تي بحث ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ رهبر سنڌ سائين جي. ايم. سيد، اسٽالن ۽ ڪن ٻين مفڪرن ۽ دانشورن جي حوالن سان ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ته جديد قوم لاءِ قومي تڪميل جون ڪهڙيون تاريخي ۽ تهذيبي تقاضائون آهن، جن مان قومون



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لازمي طور گذرڻ کان پوءِ ئي، اُهي پنهنجي قومي تڪميل مڪمل ڪري سگهن ٿيون. ان کان پوءِ واري ٽئين باب ۾، دنيا ۽ سنڌ جي جاگيرداري معاشرتي رشتن ۽ جاگيردار طبقي جي ڪردار بابت ڳالهايو ۽ انهيءَ جو طبقاتي جائزو ورتو ويو آهي. اهڙيءَ طرح ان کان پوءِ واري چوٿين باب ۾، خاص ڪري سنڌي قومي سرمائيدار جي غير موجودگيءَ ۽ 1970ع کان اڄ تائين ايرنڊڙ وچولي طبقي جو طبقاتي جائزو ورتو ويو آهي ۽ اُنهيءَ جي گروهي فرقيواريت تي گهربل بحث ڪيو ويو آهي ته انهيءَ طبقي سنڌ جي قومي تحريڪ ۾، انهيءَ دوران ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو آهي، ۽ ان جو اصل ۾ قومي تحريڪ اندر يا انقلابن ۾ ڪهڙو ڪردار رهيو آهي ۽ ڪهڙو هجڻ گهرجي. جيڪڏهن اهو وچولو طبقو معاشي طور سگهارو هوندو آهي ته پوءِ ان جو قومي تحريڪ ۾ مثبت ۽ ترقي پسند ڪردار جڙندو آهي، نه ته عام طور ان جو منفي ڪردار رهندو آهي ۽ سنڌ جي وچولي طبقي جو اهوئي ڪردار رهيو آهي. اهڙيءَ طرح سنڌي جاگيردار طبقي توڙي وچولي طبقي جي طبقاتي فطرت جي جائزي وٺڻ کان پوءِ پنجين باب ۾ سنڌ ۾ اردو ڳالهائيندڙ سرمائيدار طبقي جي سنڌ دشمن ۽ سنڌ دوست طبقاتي ڪردار جو جائزو ورتو ويو آهي ۽ ان جي آئيندي جي ڪردار ۽ مفادن تي روشني وڌي وئي آهي، ته اهو سنڌ جي قومي سرمائيدار جو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو؟ جيڪڏهن قومي ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو ته ڪيتري تائين ۽ ڪهڙن شرطن تي ادا ڪري سگهي ٿو؟ ۽ قومي تحريڪ سان واڳجي ۽ ان جي اڳواڻي ڪري سگهي ٿو يا اهو ناممڪن آهي؟ ۽ ڇهين باب ۾ خاص ڪري ٽئين دنيا جي گهڻ قومي رياستن جو سرمائيدار طبقو، پنهنجو تاريخي قومي يا انقلابي ڪردار ڇونه ادا ڪري، سگهيو آهي ۽ انهيءَ سان گڏ، ايندڙ عالمي سرمائيداريءَ جي ڪهڙي تاريخي ضرورت آهي ۽ پوئتي پيل قومن جي قومي تڪميل جي سلسلي ۾ انهيءَ عالمي سرمائيداريءَ جو ايندڙ ڪردار ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟ ۽ انهيءَ بابت تجزياتي ۽ نظرياتي طور نقطہ نظر پيش ڪيو ويو آهي ته ايندڙ دور جي عالمي سرمائيداريءَ جو جياپو ۽ ترقي، جيئن ٽيئن دنيا جي عوام جي خوشحال معيار زندگيءَ سان مشروط ٿي رهيو آهي. تيئن ئي اُنهيءَ جو پوئتي پيل مظلوم ۽ محڪوم قومن جي قومي تعمير ۽ تڪميل لاءِ به لازمي ۽ ضروري طور مشروط ڪردار ٿي پيو آهي؛ جيڪو ڪردار گهڻ قومي رياستن جو قومي سرمائيدار ادا ڪري نه سگهيو آهي. انهيءَ ڪردار جي پورائي جديد ٽيڪنالاجي جي سرمائيداريءَ جي تاريخي ضرورت بڻجي پئي آهي، جنهنڪري جديد سرمائيداريءَ جي روشنيءَ ۾ دنيا ۽ انسان ذات جو آئيندو روشن ۽ تابناڪ آهي، ڇاڪاڻ ته جديد سرمائيداريءَ لاءِ اڳي واريءَ سرمائيداريءَ وانگر پيداوار ڪرڻ ڪو مسئلو ڪونه رهيو آهي. پر ان جي اڳيان وڏي ۾ وڏو ان جي نيڪال جو مسئلو آهي ۽ انهيءَ پيداوار جو نيڪال، تڏهن ممڪن آهي، جڏهن سڄيءَ دنيا جي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

قومن جو معيار زندگي يورپ ۽ آمريڪا جي ماڻهن جي معيار زندگيءَ جهڙو مٿاهون ۽ اعليٰ هوندو. جاڪاڻ تہ جديد سرمائيدار دنيا جي عالمن ۽ مفڪرن ۽ ڏاهن ڏسي ورتو آهي ۽ دنيا جي جديد سرمائيداري جي تجزياتي جائزي مان معلوم ڪيو آهي تہ يورپ ۽ آمريڪا جي پيٽ ۾ پوئتي پيل ملڪن جا ماڻهو ٽيهن حصي جيترا بہ صارف بڻجي ڪونہ سگهيا آهن؛ جڏهن تہ آباديءَ جي لحاظ کان سڌريل ملڪن کان پوئتي پيل ملڪن جي آبادي پنجوڻ تي وڃي ڪ آهي.

انهيءَ پس منظر يا صورتحال ۾ انهن جو تجزياتي نقطہ نظر آهي تہ جيڪڏهن اينڊڙ دور جي سرمائيداريءَ کي زنده رهڻو آهي يا ترقي ڪرڻي آهي تہ پوءِ سڀ کان اول، ٽين دنيا جي ملڪن ۾ جاگيرداري باقيات جو خاتمو ضروري آهي ۽ انهيءَ سان لاڳاپيل مذهبي رجعت پرستيءَ ۽ بنيادپرستيءَ جو خاتمو بہ ضروري آهي ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ سرد جنگ جي دور واريون غير جمهوري فوجي ۽ شخصي آمريتون توڙي ننڍيون وڏيون بادشاهتون، جديد دور جي سرمائيداريءَ جي ترقيءَ جي راهہ ۾ وڏيون رڪاوٽون پيدا ڪنديون؛ انهيءَ ڪري دنيا مان سڀ کان پهرين انهن جي خاتمي جو بندوبست ضروري آهي. جاڪاڻ تہ اينڊڙ جديد دور جي سرمائيداريءَ جي مستقبل جي جياپي ۽ واڌويجهہ ۽ ترقيءَ لاءِ فوجي هٿياربند رياستن جي نہ پر جمهوري، سيڪيولر ۽ ترقي يافتہ ملڪن ۽ قومن جي ضرورت آهي، دنيا ۾ ماڻهن جو جيترو معيار زندگي مٿانهون ۽ معياري هوندو، ايتروئي اهي جديد خودڪار ۽ روبوٽائيزيشن جي ٽيڪنالاجيءَ جي پيداوار کي هضم ڪري سگهندا. جنهن ۾ وڏ ۾ وڏ رڪاوٽون فوجي راڄ، مذهبي بنيادپرستي، جاگيرداري باقيات ۽ سوشلسٽ قسمن واريون آمريتون ٿينديون. اهوئي سبب آهي جو اڄوڪي دور واريون اهڙيون سموريون رياستون ۽ حڪمرانيون، جديد سرمائيداريءَ جي اٿندڙ لهر کان ڏاڍيون خوفزده ۽ ڊنل آهن؛ جن پنهنجن پنهنجن ملڪن ۾ اندران ئي اندران رجعت پرست ۽ بنيادپرست قوتن جي سرپرستي ۽ پشت پناهي ڪرڻ شروع ڪري ڇڏي آهي. جنهن جي ڪري اهڙي قسم جي مذهبي بنيادپرستي عربستان کان ايران تائين ۽ پاڪستان ۽ افغانستان کان اتر ڪوريا ۽ چين تائين وينڊي هندستان ۾ بہ وڌي ۽ ويجهي رهي آهي ۽ وچ اوڀر کان ڏکڻ ايشيا تائين اڄوڪي دنيا بنيادپرستيءَ جو ڳڙهہ بڻجي وئي آهي.

هن ڪتاب جي ستين باب ۾ سوويت يونين جي زوال تي روشني وڌي وئي آهي ۽ انهيءَ جي انهدام جا تاريخي، تهذيبي ۽ سماجي سبب ٻڌايا ويا آهن؛ جن سببن جي ڪري سوويت يونين جو سوشلسٽ سماج جديد تهذيب جي ترقيءَ ۾ عالمگير سرمائيداريءَ جو مقابلو ڪري ڪونہ سگهيو. انهيءَ جو سائنسي سماجيات جي نقطہ نظر کان دليلن سان جائزو ورتو ويو آهي، تہ سوويت سوشلسٽ سماجي نظام هڪ قسم



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي غير طبقاتي "بونارٽزم" حڪمراني هئي. اهڙيءَ طرح آخري انهن باب ۾ ايندڙ دور جي نئين دنيا جو نقشو چٽيو ويو آهي، تہ دنيا ۽ انسان ذات جو مستقبل ڪيئن انهن وچي رهيو آهي ۽ جديد دور جو انسان جسماني محنت مان آزادي حاصل ڪري ذهني محنت کي "پيداوارِي قوت" ۾ بدلائي رهيو آهي، يعني هن ڪان اڳ ۾ عام تصور مطابق يا مارڪسي فلاسافيءَ موجب، مادي پيداوار ئي انسان جي روحاني دنيا جي خالق رهي آهي يعني تهذيب مان ئي ثقافت جنم وٺندي رهي آهي پر ايندڙ دور جي انسانيت، پورهيي جي تاريخي عمل، جسماني پورهئي (Thesis)، جسماني ذهني پورهئي (Antithesis)، ۽ خالص ذهني پورهئي (Synthesis) مان گذري مڪمل عالمي انساني معياري تهذيب ۾ داخل ٿي رهي آهي ۽ تهذيب جي پيداوار جي خالق ثقافت بنجي رهي آهي، نتيجي ۾ صوفين جي وحدت الوجود جي فلسفي مطابق اهڙوڪو انسان پاڻ خدا ٿيڻ ڏانهن اڳتي وڌي رهيو آهي. جيئن سنڌ جي عظيم صوفي شاعر سچل سرمست چيو آهي تہ:

"ايجها ڪم ڪريجي، جنهن وچ آلهہ آپ بٹيجي."

يا وري هيگل جي جدلياتي ترقيءَ جي تصور موجب "منطلق شعور" يا "مطلق روح" ڪائنات يا فطرت مان انساني شعور ۾ ترقي ڪري پنهنجيءَ اصليت (ذات مطلق) ڏانهن واپس موٽي وڃڻ چاهي ٿو ۽ انسان جي شعور جي ارتقاء جڏهن "ذات مطلق" ۾ تڪميل ماڻيندي تہ انسان بيائي مان نڪري ڪائناتي وحدت ۾ سمائجي، ان جو حصو ٿي ويندو. انسان پنهنجي گڏيل تخليقي پورهئي ۽ سماجي سرگرميءَ جي ذريعي ئي ترقي ڪئي آهي تہ پنهنجي تاريخ بہ تخليق ڪئي آهي. پر انسان جي اها ارتقا يا تهذيب جي ترقي جسماني يا ذهني پورهئي ۽ سرگرميءَ سواءِ ٿي نہ سگهي آهي، ۽ انهيءَ جو مثال دنيا جي عظيم فنڪشن جي تخليقڪار يا ڪهاڻيڪار ٽالسٽاءِ جي زندگيءَ مان ورتو ويو آهي.

هو هڪ وڏو جاگيردار ۽ ڪروڙ پتي انسان هو ۽ جنهن پنهنجي سڄي دولت، غريبن ۽ مفلسن سان همدرديءَ ۾ لٽائي ڇڏي هئي. هو روز صبح جو ڏوڪڙن سان ٿيلهو ڀري وڃي فقيرن ۽ غريبن ۾ ورهائي ايندو هو ۽ آخرڪار پاڻ بہ انهن جهڙو ئي مفلس ٿي ويو ۽ جيڪي ماڻهو روزانو ڪانئس خيرات وٺندا هئا، سي پڇاڙيءَ تائين غريب ۽ فقير ئي رهجي ويا. ان جي ڀيٽ ۾ هڪ ٻيو دولتمند انسان ٽالسٽاءَ جو پاڙيسري هو. جنهن پنهنجي سڄي دولت صنعتڪاريءَ ۾ سيڙائي ڪارخانا وغيره لڳايا ۽ انهن ۾ ماڻهن کي روزگار ڏنو، ڪي مزدور ٿيا، ڪي ڪلاڪ ٿيا، ڪي انتظامي آفيسر ٿيا ۽ ڪي انجنيئر ۽ ڊاڪٽر ٿيا، ڪن ان جي ڪارخاني جي چوڌاري دڪانداري ڪئي ۽ واپار ڪوليو. نتيجي ۾ انهيءَ جاءِ تي اسڪول ۽ اسپتالون کلي ويون، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون وجود ۾ آيون، ۽



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هنري گهر ۽ سائنس جا مطالعي گاهه تعمير ٿيا ۽ اهو هڪ وڏو شهر بڻجي ويو ۽ انساني زندگي ۽ ان جي تهذيب و تندني ويجهندي ترقيءَ جي شاهراهه تي گامزن ٿيندي وئي. هڪ انسان مجرد يا نريءَ انسان دوستيءَ يا همدرديءَ جي ڪري پنهنجي سڄي دولت لٽائي ڇڏي پر انسان ذات جي ترقيءَ ۽ واڌ ۾ ڪابه اوسر ٿي ڪانه سگهي ۽ ٻئي انسان پنهنجي دولت، انسان جي ترقيءَ ۽ تهذيب جي تاريخي تقاضائن مطابق خرچ ڪئي، جنهن جي ڪري انسان، انساني سماج ۽ ان جي تاريخ جيئن پوءِ تيئن ترقي ڪندي وئي ۽ ڪندي رهي ٿي. انسان، انساني تاريخ توڙي انساني شعور ۽ ساچاهه جي ترقي ۽ واڌ انسان جي سرگرميءَ ۽ پورهيي سان مشروط رهي آهي ۽ ن جي تاريخ محنت جي درجي بدرجي ترقيءَ جو نالو آهي. هن قسم جي انساني پورهيي يا سرگرميءَ تي گهٽو ڪجهه ڳالهائي سگهجي ٿو. اسان جڏهن سائنسي نقطہ نظر کان سؤ يا ٻہ سؤ سالن جي تاريخ ۽ سماجن جو تجزيو ڪري ڏسنداسين تہ معلوم ٿيندو تہ دنيا اندر سوشلسٽ تبديليون يا انقلاب صرف اهڙن ملڪن يا سماجن ۾ آيا آهن، جن ۾ جاگيرداري نظام وارا بادشاهي ۽ شهنشاهي راڄ هئا. خاص ڪري جن ۾ اڃا ڪي بہ سرمائيداري انقلاب ڪونہ اچي سگهيا هئا، پر جن ملڪن يا سماجن ۾ جاگيرداري نظامن جي خلاف سرمائيداريءَ جا جمهوري انقلاب اچي چڪا هئا، انهن ملڪن ۾ اڄ سوڌا ڪي بہ سوشلسٽ انقلاب اچي ڪونہ سگهيا آهن. جيئن 14- 15 ۽ 16 صدين دوران ڊنمارڪ، هالينڊ ۽ بيلجيم ۾ يا سترهين صديءَ ۾ برطانوي انقلاب يا 1789ع ۾ فرانسيسي انقلاب آيا يا 1945ع ۾ جپان جو سرمائيدار انقلاب آيو. انهن ملڪن ۾ اڄ سوڌو ڪنهن بہ ٻئي قسم جو يا سوشلسٽ انقلاب اچي ڪونہ سگهيو آهي.

جاگيرداري نظامن جي خلاف جيڪي انقلاب آيا سي آيا، ٻيو ڪوبہ وڏو انقلاب ڪونہ آيو آهي. جنهن ڪيفيتي لحاظ کان سڄي سماجي نظام جي اڳوڻي شڪل بدلائي ڇڏي هجي، پر جيئن ٽينءَ دنيا جا ملڪ آهن، انهن ملڪن ۾ سرمائيداري ارتقائي مرحلن مان گذري آهي ۽ ٿوري يا گهٽي ترقي بہ ڪري رهي آهي. ڪٿي ڪٿي تہ مڪمل طور سرمائيداريءَ ۾ بدلجي وئي آهي، جيئن سينگاپور، هانگ ڪانگ، تائيوان يا ڏکڻ ڪوريا آهي ۽ ٻين ملڪن ۾ سرمائيداري آهستي آهستي ترقي ڪري رهي آهي. پوءِ اهي آفريڪا جا ملڪ هجن، لاطيني آمريڪا جا ملڪ هجن يا ڪي ايشيائي ملڪ هجن. اولهہ يورپ ۾ سرمائيدار انقلابن کان پوءِ روس جو سرمائيدار انقلاب مارچ 1917ع ۾ آيو ۽ ساڳي سال اٺن مهينن کان پوءِ ان جو متبادل سوشلسٽ انقلاب آيو، جيڪو روسي بورزوازيءَ جي ڪمزوريءَ جو نتيجو هو، روسي عوام ڪي جيڪي بورزوا انقلاب سان توقعات وابسطا هيون، سي روس جرمن جنگ جي ڪري پوريون ٿي نہ سگهيون هيون. رهندو عوام ۾ بيزاري ۽ بدنظمي پيدا ٿي پئي. جنهن جو منظم بالشويڪ پارٽيءَ ۽ ان جي قيادت وڏيءَ دانائيءَ ۽ ڏاهپ سان فائدو ورتو، سوشلسٽ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ ان کي ڪامياب ڪندا ويا.

اهو جاگيرداري نظام مان دنيا جو پهريون سوشلسٽ نظام ۾ سڌو ڇلانگ هو. جيڪو بورزوا انقلاب کي باءِ پاس ڪري آيو هو. جنهن سرمائيداريءَ کان ان جي تڪميل جو تاريخي حق کسي ورتو هو. اٿين 1949ع ۾ چين جو سوشلسٽ انقلاب بہ جاگيرداري نظام مان آيو تہ لاطيني آمريڪا جي ملڪ ڪيوبا جو سوشلسٽ انقلاب بہ جاگيرداري نظام مان آيو تہ ويٽنام جو انقلاب بہ جاگيرداري نظام مان آيو. پر جن جن



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ملڪن ۾ سرمائيداري انقلاب مڪمل ٿي چڪا هئا يا آهن، انهن ملڪن مان ڪنهن به ملڪ ۾ ڪٿي به سوشلسٽ انقلاب ڪونه آيو آهي. اوڀر يورپ جي ملڪن، سويڊن يا يوڪرين وغيره ۾ ٻي مهاڀاري جنگ جي فتح جي نتيجي ۾ سوشلسٽ نظام اٿين زوريءَ نافذ ڪيا ويا هئا، جيئن مڪ ڪي غير فطري طور چيپياٽي ڇڏبو آهي. نه ته اهي ڪي عوامي انقلاب ڪونه هئا، پر جيئن ته انسان گهٽو ڪري مابعد الطبعياتي عقيدي پرست رهيو آهي، پوءِ اهو عقيدو مذهب يا خدا جو هجي، ديوتائن يا بت پرستيءَ جو هجي يا ڪنهن نظريي يا فڪر جو هجي، پل اهو سائنسي نظريو ڇونه هجي، پر جڏهن ان ڪي عقيدت پرستيءَ ۾ ڏنو ويندو آهي ته انسان ان تي پير ڪوڙي بيهندو آهي ۽ ان ۾ وس ڪندي ڪابه ڦيرڦار ٿيڻ نه ڏيندو آهي، اها انسان جي فطرت آهي.

سوشلزم سان به اهائي ڪار ٿي آهي، جن جن ماڻهن سوشلسٽ نظريو هڪ دفعو قبول ڪيو، اهي ان تي قائم رهيا ۽ رهندا اچن ٿا ۽ ان ۾ ڪابه ڦيرڦار ٿيڻ نٿا ڏين يا ان جي تخليقي واڌ ويجهه لاءِ تيار نٿا ٿين. انهن جي نظرياتي عقيدي پرستي به مذهبي عقيدي پرستيءَ جهڙي رجعت ٿي وئي آهي ۽ انهن جي ايمان جو جز بنجي وئي آهي، نوان نظريا انهن ماڻهن ڏنا جن مذهبي قسم جي عقيدي پرستيءَ مان جان ڇڏائي. سماجن ۽ سماجي نظامن جو جائزو وٺبو يا غور فڪر ڪبو ته اوڀر ۽ اولهه يورپ جي سرمائيدار ۽ سوشلسٽ انقلابن ڪان سواءِ ٻين ملڪن ۾ وڏن انقلابن جي تاريخ نظر ڪانه ٿي اچي. خاص ڪري جاگيرداريءَ مان سرمائيدار يا سوشلسٽ انقلابن جي تبديلي يا هڪ سماج مان ٻئي سماج ۾ تبديليءَ جي تاريخ ٻڌائي ٿي ته باقي سمورن ملڪن ۾ سرمائيداري ارتقائي مرحلن مان گذري آهي. جيڪڏهن ڪو ملڪ خوني عوامي انقلاب مان گذريو به آهي ته اهو هڪ انشتا آهي، جنهن ڪي تبديليءَ جو حتمي قانون بنائي نٿو سگهجي، ان ڪري مارڪسزم جي چال جي نظريي ڪي سمجهڻ جي ضرورت آهي. ۽ ڳنڍي ٻڌي نظرياتي عقيدي پرستي اختيار ڪرڻ جهالت ٿيندي.

مارڪس، اينگلس يا لينن اولهه يورپ جي مخصوص سرمائيدار انقلابن ڪي آڏو رکي مستقبل جي دنيا لاءِ انقلابن جو نظريو لازمي بنائي ڇڏيو يا اوائلي مهينن جي ”پيرس ڪميون“ ڪي سامهون رکي لازمي ”پرولتاري آمريت“ جو نظريو ڏنو، جيڪو جيئن جو تيئن هرهنڌ لاڳو ٿئي، اهو صحيح ڪونه آهي. جيتوڻيڪ منهنجي اهڙي خيال تي ڪن قدامت پسند سوشلسٽن ڪي ڪاوڙ لڳندي ۽ الزام مڙهيندا ته آءُ سرمائي پسند ٿي ويو آهيان. جيئن ملن وٽ هر ان ماڻهوءَ لاءِ ڪافر جي فتويٰ هڪي تڪي رکي هوندي آهي، جيڪو سندن مذهبي عقيدي تي تنقيدي نقطه نظر رکي ٿو، تيئن جيڪو ماڻهو سوشلزم ڪي نئين حالتن سان لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ته ان تي ٺپو لڳي ويندو آهي ته اهو هاڻ سرمائي پسند ٿي ويو آهي. اها انسان جي پنهنجي عقيدي سان محبت ۽ ڪمٽمينٽ ته آهي پر اهڙي عقيدي پرستي رجعت پرستيءَ ۽ قدامت پرستيءَ جي اونداهي کوهه ۾ ڌڪي ڪٽي ويندي آهي ۽ اٿين انسان، سماجي ترقي جو مخالف ۽ جمود پرستيءَ جو پيروڪار بنجي ويندو آهي، منهنجي وسيع نظر ۽ تخليقي ذهن جي ماڻهن يا دوستن کي گذارش آهي ته دنيا جي حالتن ۽ نظرين تي نئين سر نظر ڦيرائي پڙهن ۽ ايجادن ۽ تخليق جا قائل رهن.

مارڪس ۽ اينگلس جڏهن سرمائيداريءَ جي خلاف سوشلزم جو نظريو ڏنو هو، ته انهن جي اڳيان يورپ جا سرمائيدار انقلاب هئا، وڏ ۾ وڏ ”پرولتاري آمريت“ لاءِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

"پير ڪميون" جو واقعو هو. انهيءَ دور جي سرمائيداري ڏاڍي انسان دشمن ۽ وحشي هئي، جيڪا مزدورن کي پندرهن، سورهن بلڪ ويهہ ويهہ ڪلاڪ بي دردي سان ڪمرائيندي هئي. پر ڏيڍ سؤ سالن کان پوءِ اڳوڻي سرمائيداري هاڻ نہ رهي آهي ۽ نہ ئي گذريل سماجن وانگر تاريخ جو ڦيٿو سرمائيداريءَ ۾ جيئن جو تيئن ٿو ڦري. هر اڳوڻو سماج شروعاتي دؤر ۾ ترقي پسند ڪردار ادا ڪندو هو ۽ پوءِ رجعت پرستي اختيار ڪندو ويندو هو ۽ پيداواري قوتن جي پيرن جا پڪيڙ بنجي پوندو هو؛ ان ڪري پيداواري قوتن جي آزاد ترقيءَ لاءِ انهن نظامن جي نابودي ضروري ٿي پوندي هئي. سرمائيداري پنهنجي شروعات دؤر ۾ واقعي وحشي بنجي اڳتي وڌي رهي هئي. ۽ پوءِ جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ ترقي پسند ٿيندي پئي وڃي ۽ پيداواري قوتن کي بہ ترقي ڏياريندي پئي وڃي، خاص ڪري سوويت يونين جي ٽٽڻ کان پوءِ موجوده سرمائيداريءَ کي مارڪس ۽ اينگلس جي دؤر جي سرمائيداريءَ سان ڀيٽي نٿو سگهجي. جي ان سان جيئن جو تيئن ڀيٽ ڪبي تہ اما پاڻ هڪ قسم جي رجعت پرستي ٿي پوندي ۽ سرمائيداريءَ جي ترقي پسند ڪردار کي هرويرو نظرانداز ڪرڻ جي برابر ٿيندو. مارڪس تہ انهيءَ دؤر جي وحشي سرمائيداريءَ کي بہ جاگيرداريءَ کان وڌيڪ ترقي پسند سڏيو آهي؛ ويندي هندستان تي انگريزن جي سوپ کي "ترقي پسند سڏيو آهي تہ هندستان جي پراڻي جمود جي شڪار خود ڪفيل سماج ۾ اٿل پٿل ايندي."

اهڙيءَ طرح سوويت يونين جي ٽوڙ ڦوڙ کان پوءِ موجوده سرمائيدار دنيا، سڄيءَ دنيا ۾ جاگيرداريءَ جي باقيات ۽ غير جمهوري سماجن ۽ ملڪن جي خلاف جيڪا وٺ وٺان لائي ڏني آهي، اهو عالمگير سرمائيداريءَ جي راهہ هموار ڪرڻ لاءِ، سرمائيداريءَ جو هڪ ترقي پسند ڪردار آهي ۽ اهڙي سرمائيداريءَ جي ترقي پسند ڪردار جي خلاف جيڪا مزاحمت ٿئي ٿي يا ٿي رهي آهي؛ سا رجعت پسنديءَ جي نشاندهي ڪري ٿي. پلي اما مارڪسزم يا پورهيت راڄن جي نالي ۾ ٿيندي هجي. سوويت يونين جي موجودگيءَ ۾ عالمي سرمائيداري اهڙي ترقي پسند ڪردار ادا ڪرڻ کان ڊنل هئي، ان ڪري رجعت پرست ۽ مذهب دوست جاگيردارشاهي ۽ شهنشاهي راڄن جي پشت پناهي ڪري رهي هئي ۽ نہ وري سوويت آمريتي حڪومتي نظام، سرمائيداريءَ کان وڌيڪ پيداواري قوتن کي ترقي ڏياري سگهيو. رهندو پنهنجي سرمائيدار دشمن عمل جي ڪري سرمائيداريءَ کي ترقي پسند ڪردار ادا ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو. جيئن سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي تہ "نہ ڏهي ڇاڻي، نہ ڏهڻ ڏي" ائين سوويت آمريتي سماج يا نظام نظرياتي طور ترقي پسند دعويٰ جي باوجود، ترقي مخالف سماج بنجي ويو ۽ "سرمائيداري اجهو ڇاڻ ٿي مري" چوندي پاڻ مري ڪپي ويو ۽ تاريخي عمل کي ترقي ڏيارڻ جي بجاءِ پراڻيءَ بوسوده ڀت وانگر پڇي پري پيو.

• ڇاڪاڻ تہ سوويت آمريتي نظام، پيداواري قوتن کي سرمائيدار پيداواري قوتن کان وڌيڪ ترقي ڏياري ڪونہ سگهيو، بلڪ جن سرمائيدار پيداواري قوتن کي استعمال ڪندو رهيو، سي جڏهن اڃا وڌيڪ ترقي ڪري ويون تہ اهي [illegible]يت آمريتي نظام سان لازمي طور تضاد ۾ اچي ويون ۽ سوويت آمريتي نظام [illegible]هن ترقي يافتہ پيداواري قوتن جي اڳيان گوڏا کوڙي ويهي رهيو. ڇاڪاڻ تہ سرمائيدار [illegible] جيڪي جديد ٽيڪنوڪريٽ پيداواري قوتون، ترقي ڪري رهيون، انهن کي سوويت آمريتي نظام ۾ اجتماعي سماجي بهبود ۽ ڀلائيءَ جي نالي ۾ اينڌي وڏي اجرت ڪانہ ٿي ڏني



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وئي، جيڪا ڪين سرمائيداري ڏني ۽ همٿائي رهي هئي. ان جي ابتڙ سرمائيداري جديد ٽيڪنوڪريٽ پيداواري قوتن کي سوويت نظام کان ڌهوڻ تي وڏيڪ اجرت ڏني رهي هئي، پر سوويت سماج ۾ انهن سان اجرتي انصاف نہ ٿي رهيو هو. جنهن جي ڪري پيداواري قوتون سوويت سماج مان بيزار ٿينديون ۽ ملڪ ڇڏينديون ويون ۽ اتي پنهنجو صحيح تخليقي اظهار ڪري ڪونہ سگهيون ۽ ائين سوويت آمريتي نظام ڏينهون ڏينهن ۽ جيئن پوءِ تيئن ترقيءَ جي بجاءِ تنزل پذير ٿيندو ويو ۽ نيٺ اچي پٽ پيو.

آءُ پنهنجي هن ڪتاب ۾ موجود نقطہ نظر سان اختلاف رکندڙ خاص ڪري قدامت پسند سوشلسٽن جي تنقيد جي تهذيب ۽ اخلاق جي دائري اندر آجيان ڪندس، ڇاڪاڻ تہ اهڙيءَ طرح فڪر ۽ ذهن ۾ وسعت پيدا ٿئي ٿي ۽ انسان جو ذهن ۽ شعور ڪشادگي اختيار ڪري ٿو. عرض صرف اهو آهي تہ ڪتاب ۾ موجود مؤقف کي نظرياتي تنگ نظريءَ ۽ سوڙهہ دماغيءَ جي بجاءِ ڪشادي ذهن ۽ وسيع نظر سان ڏٺو ۽ پڙهيو وڃي.

آخر ۾ وضاحت ڪندس تہ منهنجو هيءُ ڪتاب سوويت يونين جي ٽٽڻ کان پوءِ خاص ڪري مذهبي بنيادپرستيءَ جي اڀرڻ ۽ 2001ع ۾ افغانستان ۽ 2003ع ۾ عراق ۾ ”جديد سرمائيدار ورلڊ آرڊر“ جي نفاذ کان پوءِ 2003ع جي دوران لکيو ويو آهي، پر ڇپائيءَ جي مناسبت بندوبست نہ ٿيڻ جي ڪري بہ اڍائي سال روشني پبليڪيشن وٽ ڇپائيءَ جي آسري ۾ پيو رهيو ۽ هاڻ خاص ڪري نوجوان شاعر [redacted] ۽ مان واري نوجوان دانشور [redacted] جي سهڪار سان پر سادي پني ۽ ساديءَ ڇپائيءَ جي صورت ۾ ئي پر مهربان پڙهندڙن تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

خاڪي جوڻيو

134- پٺاڻي ٽائون

حيدرآباد، سنڌ

25-02-2007



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## باب پهريون

# جدلياتي ترقيءَ جو ترقي پسند تصور

هيگل جي خيال مطابق، انسان جا خيال ۽ سوچون، توڙي هن سچيءَ دنيا جي حقيقت، ٻئي آدرشي يا مثالي آهن. هيءُ سچو سارو عالم "تصورن جو عالم" (The World of Ideas) آهي يا هڪ عقلي جهانُ آهي. جنهن کي اسان فطرت جي دنيا چئون ٿا، اها تصورن ۽ آدرشن جي خارجي دنيا آهي، جيڪا هڪ "مطلق عقل" جو عڪس آهي، ۽ خارجي صورت ۾ ظاهر ٿيندي ۽ پاڻ بدلائيندي رهي ٿي ۽ اسان جي اڳيان مختلف صورتون اختيار ڪندي رهي ٿي. هو عقل (روح) ۽ حقيقت (دنيا) کي حرڪت ۽ چُرپُر ڪندڙ چوي ٿو. ايئن هن جي خيال ۾ ته صداقت يا سچائي هڪ مڪمل عقلي نظام جي حيثيت ۾ موجود آهي ۽ اهو بنيادي طور عضوي (Organic) ۽ حقيقي آهي.

مُن جو چوڻ آهي ته ڪائنات جي نظام جي ارتقا بلڪل ايئن ٿئي ٿي، جيئن انسان جي ذهن ۾ عقل جي ارتقا ٿئي ٿي ۽ اها هڪ عام مشاهدي جي ڳالهه آهي ته انسان جي خيالن ۽ سوچن جي ارتقا ۾ تضاد ۽ اتحاد جو عمل هڪ ئي وقت جاري ۽ ساري آهي. اهوئي سبب آهي جو ڪنهن به خيال يا تصور کي، تڏهن صحيح نمونې سمجهي يا مڪمل چئي سگهجي ٿو، جڏهن انهيءَ خيال يا تصور سان گڏ، ان جو متضاد ۽ مخالف خيال ۽ تصور به لاڳاپيل ۽ موجود هجي. مثال الف جي تصور کي صحيح نمونې سمجهڻ لاءِ ان جو متضاد يا مخالف تصور به لازمي طور موجود هجي. ان کي اچا وڌيڪ ايئن سمجهي سگهجي ٿو ته مثبت يا هاڪاري تصور يا خيال يعني دعويٰ ڪندڙ الف سان گڏوگڏ ان جي منفي يا ناڪاري خيال يا تصور يعني جوابي دعويٰ ڪندڙ، ان جو متضاد يا مخالف خيال يا تصور به موجود هجي ٿو. ايئن دعويٰ ڪندڙ الف جو تضاد ئي جوابي دعويٰ ڪندڙ مخالف الف کي پيدا ڪندو آهي.

اهڙيءَ طرح دعويٰ ڪندڙ ۽ ان جي جوابي دعويٰ ڪندڙ يعني هاڪاري ۽ ناڪاري خيال يا تصور جي باهمي رابطي سان هڪ ٽيون نئون خيال يا تصور پاڻ مُرادو نڪاءُ (نمودار) اچي ڪندو آهي. ۽ اهو ٽيون يا نئون دعويٰ ڪندڙ پنهنجي ٻيهر يا ٻئي جنم ۾ هڪ ٻئي نئين بنياد تي پاڻ سان گڏ پنهنجو دعويٰ ڪندڙ يعني ناڪاري خيال يا تصور کي پيدا ڪندو آهي ۽ پوءِ اهو نئون دعويٰ ڪندڙ ۽ نئون جوابي دعويٰ ڪندڙ پاڻ ۾ گڏجي ۽ مربوط ٿي، وري هڪ نئين خيال يا تصور کي پيدا ڪندو آهي. ٻين لفظن ۾ هڪ نئون دعويٰ ڪندڙ ۽ هڪ ٻئي نئين دعويٰ ڪندڙ سان گڏجي ۽ مربوط ٿي، هڪ ٻئي نئين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

خيال يا تصور کي پيدا ڪندو آهي ۽ ايئن آغاز کان انجام يا شروعات کان پڇاڙيءَ تائين هڪ سلسليوار عمل درعمل جي زنجير اڳتي وڌندي ۽ ترقي ڪندي رهي ٿي ۽ پنهنجي آخري نتيجي ۾ اها سلسليوار زنجير جي ارتقا پنهنجي عروج يا چوٽيءَ تي پهچي، مطلق سچائيءَ جي نظام سان وڃي ملندي آهي. جنهن مطلق انهيءَ سچائي جي نظام ۾ مڪمل مطابقت ۽ هم آهنگي هوندي آهي؛ جنهن ۾ ڪوبه تضاد يا ابتڙائي ڪانه هوندي آهي. يعني اسان جا خيال ۽ سوچون يا فڪر، دراصل اثبات ۽ اقرار کان انهيءَ نفيءَ ۽ ناڪارگيءَ ڏي سلسليوار زنجير جهڙن عملن جي ذريعي وڌندا ۽ ترقي ڪندا، هڪ اعليٰ ترين اثباتي يا اقراري عروج يا ڪمال تي پهچي، هڪ اعليٰ قسم جي مطلق سچائي جي نظام کي ڳولي لهندا آهن.

هو (هيگل) انهيءَ کي هڪ بهترين مثال سان اجا وڌيڪ ميئن سمجهائي ٿو، ته فرض ڪريو ته اسان هڪ نارنگيءَ جو ادراڪ (ڄاڻ) حاصل ڪريون ٿا، ته اسان جي انهيءَ ادراڪ يا علم سان گڏ، اسان جي سامهون هڪدم نارنگيءَ جي خاص شڪل ۽ خاص رنگ جو فرق يا سڃاڻپ وجود ۾ اچي ٿي. يعني اسان صاف طور تي نارنگيءَ جي انب يا انگور کان جدا ۽ الڳ هڪ بلڪل نموني جي ڄاڻ حاصل ڪريون ٿا. ايئن اسان جي دعويٰ (هاڪاري) نارنگي، اسان لاءِ جوابي دعويٰ (ناڪاري) انب يا انگور (جيڪي نارنگي ناهن) کي سامهون آڻيندي آهي ۽ پوءِ اها دعويٰ نارنگي ۽ جوابي دعويٰ انب يا انگور، ٻئي هاڪاري ۽ ناڪاري دعوائون پاڻ ۾ ملي ۽ مربوط ٿي، انهيءَ ترڪيب يا مطابقت کي پيدا ڪنديون آهن، جيڪا نارنگي ته هوندي آهي يا انب يا انگور ته هوندو آهي پر اهي ٻئي شيون، ميوي ئي جو هڪ قسم هونديون آهن ۽ انهن ٻنهي (شين) ۾ يعني نارنگيءَ ۽ انب ۾ يا انگور ۾ ميوي جو هڪ گڏيل قدر (يعني ميوو) موجود هوندو آهي. ۽ ايئن اهي ٻئي دعوائون يا شيون يعني نارنگي ۽ انب يا انگور ميوو ئي هوندو آهي ۽ انهن ٻنهي جو گڏ وگڏ وجود (نارنگي، انب يا انگور ميوو) موجود هوندو آهي.

اهڙيءَ طرح بلڪل ئي ميوي جي عنوان سان اها نئين دعويٰ پاڻ سان گڏ جوابي دعويٰ يعني ڀاڄي يا ترڪاري موريءَ يا واڱڻ جي تصور کي پيدا ڪندي آهي. مطلب اهو ٿيو ته جي نارنگي ۽ انب يا انگور ميوو آهي ته موري ۽ واڱڻ ميوو نه پر ڀاڄي ۽ ترڪاري آهي. اهڙيءَ طرح هاڪاري دعويٰ ميوو ۽ ان جي ناڪاري جوابي دعويٰ ڀاڄي ۽ ترڪاري ٻئي دعوائون هڪ دفعو ٻيهر پاڻ ۾ ملي ۽ مربوط ٿي، ترڪيب وٺي ۽ هم آهنگي ماڻي هڪ بلڪل نئين تصور يا دعويٰ کي پيدا ڪن ٿيون؛ جيڪا هڪ کاڌي جي شيءِ جي دعويٰ هوندي آهي. مطلب اهو ٿيو ته اهو ميوو هجي يا ڀاڄي ۽ ترڪاري هجي، پر ٻئي کاڌي جون شيون آهن، جن کي صرف کائي سگهجي ٿو، پر پوشاڪ يا ڪپڙي جيان جسم تي پائي يا اوڍي نٿو سگهجي. ان جي نتيجي ۾ وري هڪ نئين دعويٰ کاڌي جي شيءِ ۽ ان جي جوابي دعويٰ پوشاڪ يا ڪپڙو وجود ۾ ايندي آهي ۽ ايئن وري هڪ نئين دعويٰ کاڌي جي شيءِ ۽ ان جي هڪ نئين جوابي دعويٰ پوشاڪ يا ڪپڙو هاڪاري ۽ ناڪاري وجود جي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٿيندي رهي ٿي. فرق صرف هيءُ آهي تہ جمادات کان نباتات جا جدلياتي اصول، انهن جي ڪيميائي عملن سبب ٿورو گهڻو ڦيرڦار رکن ٿا ۽ ايئن جمادات ۽ نباتات کان حياتيات ۽ حيوانيات جا جدلياتي اصول، انهن جي حياتياتي عملن سبب ٿورو گهڻو ڦريل هوندا آهن، ۽ ايئن وري حيواني حياتيات کان انساني يا سماجياتي حياتيات جا جدلياتي اصول، انساني ۽ سماجي شعور ۽ سمجهہ جي سرگرمين جي سبب يا بنياد تي "تاريخي ماديت" جي شڪل ۾ ظاهر ٿين ٿا. پر جدليات جو اهو آفاقي قانون آهي، جيڪو فطرت، سماج ۽ انسان ۽ ان جي سوچ ۽ فڪر سان لازمي طور لاڳو ٿئي ٿو. نہ بنهہ آزاد ۽ خودمختيار فطرت جا قانون آهن، ۽ نہ سماج ۽ انسان ۽ ان جي سوچ ۽ فڪر جا قانون بلڪل آزاد آهن. پر جبر ۽ اختيار جي وچ وارن ماپن، ماڻن ۽ رابطن مطابق عمل ڪندا رهندا آهن. اهو برابر آهي تہ فطرت جا جدلياتي قانون انڌين قوتن جيان عمل ڪندا آهن يا جيئن حياتياتي دنيا ۾ جبلي وهڪري تحت عمل ڪندا آهن، تيئن اهي انساني سماج جي شعوري سرگرمين ۽ پيداوار جي عمل تحت تاريخي ماديت جي صورت ۾ ظاهر ٿيندا آهن.

جڏهن انهن جدليات جي قانونن کي عام يا عموميت يا همہ گيريت ۾ ڏسنداسين يا انهن جي جنرلائيزيشن (Generalization) ڪنداسين تہ اهي فطرت، سماج ۽ انساني شعور ۽ فڪر جي تجزيي ڪرڻ ۾ اسان جي مدد ڪندا آهن، ۽ پوءِ اسان انهن قانونن جي روشنيءَ ۾ ڪائنات ۽ ان جي تحرڪ يا تغير ۽ ترقيءَ کي واضح ۽ چڱيءَ طرح ڏسي ۽ سمجهي بہ سگهنداسين تہ فطرت جي ننڍين وڏن لقائن جي پُر پُر جي پرک ۽ پروڙ بہ ڪري سگهنداسين ۽ انهن کي سماج ۾، سماجي قانون مطابق لاڳو ڪري بہ سگهنداسين، ۽ عالمي طور سياسي ۽ معاشي قانونن جي جائزي لاءِ ڪم بہ آڻي سگهنداسين تہ هندو پاڪ ننڍي کنڊ ۽ ايشيائي ملڪن ۽ قومن جي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي صورتحال کي سمجهي ۽ سڃاڻي يا ڇاڻي بہ سگهنداسين تہ پاڪستان ۽ سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي پس منظر جو جائزو بہ وٺي سگهنداسين تہ پاڪستاني رياست اندر واڙيل مظلوم ۽ محڪوم قومن جي سياسي ۽ اقتصادي قومي غلاميءَ جي شڪل جو تعين بہ ڪري سگهنداسين ۽ انهيءَ سان گڏ پنجاب سامراج جي بالادستيءَ ۽ ان جي پرماري ۽ توسيع پسند ڪردار جو تجزيو بہ ڪري سگهنداسين ۽ ان جي جواب ۾ قومي تحريڪ ۽ ان جي سياسي ۽ سماجي بيهڪ جو تعين بہ ڪري سگهنداسين ۽ انهيءَ مان نجات يا ڇوٽڪاري جون واٽون بہ ڳولي سگهنداسين.

ڇاڪاڻ تہ اسان جڏهن مادي جدليات جي قانونن کي پنهنجين سماجي، اقتصادي ۽ سياسي حالتن سان لاڳو ڪري ڏسنداسين تہ اهي تاريخي ماديت جي قانونن جي روشنيءَ ۾ اسان جي سائنسي طور رهنمائي ڪندي نظر ايندا آهن. ۽ پوءِ انهن ئي قانونن جي رهبريءَ ۾ اسان پنهنجيءَ سماجي ۽ تاريخي صورتحال، پنهنجي قومي تڪميل جي حيثيت، ۽ اقتصادي سماجي نظام جي بيهڪ جو معروضي ۽ حقيقي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سائنسي جائزو وٺي سگهنداسين ۽ پنهنجي وطن ۽ قوم جي حقيقي ڇوٽڪاري يا آزاديءَ جي واٽ ڳولي سگهنداسين؛ ڇاڪاڻ تہ اهي جدليات جا همہ گير آفاقي قانون اسان جي ننڍي کان وڏي، انفرادي ۽ اجتماعي، قومي ۽ سماجي حقن ۽ مسئلن جي سلسلي ۾ رهنمائي ڪري سگهن ٿا. پوءِ اهي اسان جا پنهنجا گهريلو مسئلا هجن، پنهنجيءَ انفرادي ذات جا مسئلا هجن يا ڳوٺ، راڄ ۽ سنڌ جا مسئلا هجن؛ سيني جي نشاندهي توڙي حل انهن ئي سائنسي قانونن ۾ ڳولي ۽ ڪيِي سگهجي ٿو. ٿورن لفظن ۾ تہ اهي جدليات جا آفاقي قانون، انساني فڪر ۽ معاشري کان وٺي فطرت ۽ ڪائنات جي تحرڪ، تغير ۽ ترقيءَ جي عام اُصولن ۽ مڙني ڏيکن ۽ عملن جي عام رشتن ۽ ناتن جي ڏسڻ ۽ پرکڻ جي مڪمل سائنس آهي، جيڪا من ڪائنات جي هڪ وڏي وحدت آهي. بقول پيٽائي جي تہ:

وحدت مان ڪثرت ٿي، وحدت ڪثرت ڪُل،
حق حقيقي هيڪڙو، ٻولي ٻي مَ ڀُل،
هو ملاڇو مُل، با الله سندو سڄڻين.

# قومي تڪميل جي ترقيءَ جو تصور

رهبر سنڌ سائين جي. ايم. سيد لکيو آهي: ”هر صالح ۽ سگهاري قوم، قائم رهندي آهي ۽ ڪمزور ۽ بزدل فنا ٿي ويندي آهي. اهو فطرت يا قدرت جو قانون آهي، جو پُرندو آهي پر ترندو ڪونہ آهي.“

فلسفي جي زبان ۾ ترقيءَ جي روان دوان سفر کي نفيءَ جي نفيءَ جو قانون چئبو آهي، جنهن شيءِ جي پهرين نفي ٿيندي آهي، انهيءَ کي اثبات يا ٿيسز (Thesis) سڏبو آهي ۽ جيڪا ان کي رد ڪندي آهي، ان کي نفي يا اينٽي ٿيسز (Anti thesis) چئبو آهي ۽ جيڪا ان کي بہ رد ڪندي آهي يعني نفيءَ جي نفي ڪندي آهي، ان کي ترڪيب يا نبيرو (Synthesis) چئبو آهي. اهڙيءَ طرح پراڻي ۾ موجود، هر انهيءَ شيءِ جي نفي ٿيندي آهي، جيڪا فرسوده ۽ مُدي خارج يا نين حالتن سان اڻ ٺهڪندڙ يا جيڪا پنهنجي جياپي جا ڏينهن ڪاٽي پورا ڪري چڏيندي آهي. جدلياتي نفي ڊاهہ ڊوهہ ڪرڻ سان گڏوگڏ ناهہ ٺوهہ بہ ڪندي آهي. جدليات جي اُنهيءَ قائدي مطابق فطرت ۽ سماج يا فڪر جي هر لقاءَ ۾ جيئن دعويٰ سان گڏ، ان جي جوابي دعويٰ يا ضد بہ موجود هوندو آهي، تيئن قومن جي ترقيءَ جي تاريخ ۾ هر دعويٰ جي جوابي دعويٰ يا ضد بہ موجود هوندو آهي. ويندي ڊرتيءَ تي وسندڙ جاندار جسم بہ رشتن ۽ ناتن جي ڏگهيءَ زنجير جي عمل جي ڪڙين ۾ سلهاڙيل هجن ٿا. ڏار ڏار ٻوٽا ۽ جانور، اعليٰ قسم جون جنسون ۽



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ذاتيون (Spcies) ڍهنديون ۽ ٺهنديون رهن ٿيون. ايئن مختلف جنسون ۽ ذاتيون ملي ڪي نسل (Geners) ٺاهين ٿيون ۽ نسل وري قبيلا جوڙين ٿا ۽ قبيلا قوميتون جوڙين ٿا ۽ قوميتون، قومن ڪي تشڪيل ڏين ٿيون.

سنڌي قوم ۾ هن وقت به اڃا قبيلائي باقيات آهي، جيئن چانڊيا، مگسي، جتوئي، لغاري ۽ جوڻيجا يا سيد، چارڻ، چاموٽ ۽ سما ۽ سومرا آهن يا ٻيون ڪيتريون ذاتيون ۽ قبيلا آهن. جيڪي مختلف قبيلن يا ذاتين ۾ ورهايا پيا آهن، ۽ جيڪي سنڌي قوم ۾ هڪ ٻئي جي خلاف دعوائن جون جوابي دعوائون آهن. ايتريقدر جو اهي هڪ ٻئي جي خلاف وڙهندا ۽ ماڻهو ماريندا رهندا آهن. هڪ قبيلو ٻئي قبيلي ڪي يا هڪ ذات وارو ٻيءَ ذات واري ڪي سڱ به نه ڏيندا آهن. اها پراڻي وقت جي قبيلائي سماج جي هڪ ضروري اڏاوت هئي. ڇاڪاڻ ته اهي اهڙيءَ طرح جيڪڏهن پاڻ ڪي هڪ ٻئي کان جدا نه رکندا هئا ته نه سندن سڃاڻپ قائم رهي سگهندي هئي ۽ نه قبيلائي ذات پات وارو نظام ۽ راڄ ڀاڱ قائم رهي سگهندو هو. قبيلائي سماجي نظام لاءِ اهو ضروري هو ته اهي نه رڳو پنهنجيءَ سڃاڻپ ڪي جدا رکن پر قبيلائي مفادن ڪي به هڪ ٻئي کان جدا رکن. صرف اهڙيءَ صورت ۾ اهي هڪ ٻئي جو ضد به ٿي سگهيا ٿي ۽ هڪ ٻئي جا اتحادي به ٿي سگهيا ٿي ۽ هڪ ٻئي جي دعويٰ ۽ جوابي دعويٰ به ٿي سگهيا ٿي. مثال: چانڊيا، مگسين جو ضد هئا ته مگسي، جتوئين جو ضد هئا ته جتوئي لغارين جو ضد هئا ته لغاري وري سيدن ۽ ٻين کن ذاتين يا قبيلن جو ضد هئا ۽ ان وقت جي قبيلائي سماج جي ضدن ۽ اتحادن جي اها هڪ جدلياتي وحدت هئي.

سنڌ اندر جيڪي به قبيلا هئا سي جدا جدا قبيلائي راڄ هئا ۽ پنهنجي ۽ ٻين جي وچ ۾ ذات پات جون سرحدون قائم ڪيو ويٺا هوندا هئا ۽ انهيءَ ۾ ئي انهن جو جياپو ۽ سلامتي هئي، پر جڏهن قبيلائي سماجي نظام جي جاءِ جاگيرداري سماجي نظام ورتندو آهي ۽ ان کان پوءِ ان جي جاءِ سرمائيداري سماجي نظام والاريندو آهي، ته پراڻن ۽ مُدي خارج سماجي رشتن ناتن جون تقاضائون ۽ گهرجون پنهنجو تاريخي ڪردار يا جواز وڃائي ويهنديون آهن ۽ انهن پراڻن سماجي نظامن وارا ضد ۽ انهن جون ضد دعوائون به پنهنجا وجود وڃائي ويهنديون آهن ۽ انهن جي جاءِ تي نون سماجي نظامن جا نوان ضد ۽ انهن جون ضد دعوائون نوان روپ وٺي ظاهر ٿيندا آهن؛ جيڪي نون سماجي نظامن جي جياپي لاءِ ضروري ۽ لازمي ٿي پوندا آهن بلڪ اهي انهن سماجي نظامن جي ترقيءَ ۽ اوسر لاءِ تاريخي ضرورت جو ڪردار ادا ڪندا آهن. جيڪي قبيلن مان قوميت ۽ قوميت مان قوم جي قومي تڪميل جي ترقيءَ جي تقاضائن جي دعويٰ ڪندا آهن ۽ جيڪي مدي خارج ۽ پراڻن سماجي ضدن ۽ ضد دعوائن جي ريتن ۽ رسمن يا اخلاقي پيمانن ۽ قدرن جي نفي ڪندا آهن. نتيجي ۾ اڳوڻا قبيلائي، ثقافتي يا لساني گروهه هڪ ئي معاشي مرڪزيت ۽ وحدت جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌجي ويندا آهن ۽ هڪ ٻئي جي ويجهو ايندا ۽ ميل ميلاپ ڪندا ويندا آهن ۽ ايئن هڪ ٻئي ۾ جذب يا ضم ٿي ويندا آهن.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شادين مرادين ۽ پرڻ ۽ مرڻ جون پراڻيون ريتون ۽ رسمون مرجهائڻ لڳنديون آهن، جيڪا قبيلن مان قوميت ۽ قوميت مان قوم جي قومي تڪميل جي ترقيءَ جي تاريخي ضرورت ٿي پوندي آهي ۽ قوم، پنهنجيءَ قومي تڪميل جي تاريخي گهرجن مطابق مختلف قبيلن، ثقافتي ۽ لساني حصن ۽ برادرين کي پاڻ ۾ ضم ڪندي ۽ ڳنڍڪائيندي ويندي آهي ۽ اهڙيءَ طرح هڪ قوم جي قومي تڪميل جي شروعات ٿي ويندي آهي. جڏهن بہ ڪا قوم، پنهنجن ننڍن وڏن قبيلائي، ثقافتي ۽ لساني گروهن ۽ برادرين کي ضم ڪرڻ لڳندي آهي تہ انهيءَ قوم ۾ قومي مفادن جي هم آهنگيءَ جو شعور بہ پيدا ٿيڻ لڳندو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ جديد قومي نقط نظر موجب، اقوام متحده جي چارٽر ۾ قوم جي قومي تڪميل لاءِ پنج فيڪٽر يا عنصر ٻڌايا ويا آهن: (1) وطن، (2) تاريخ (3) ٻولي (4) ثقافت ۽ (5) سياسي ۽ اقتصادي مفادن جي هم آهنگي يا ان جو شعور. انهن پنجن فيڪٽرن يا عنصرن جي موجودگيءَ کان سواءِ ڪابہ قوم، قومي تڪميل ماڻي نہ سگهندي آهي ۽ نہ مڪمل قوم ٿي سگهندي آهي.

قوم جي تصور بابت مختلف دورن ۾ مختلف تشريحون ٿينديون رهيون آهن. رهبر سنڌ سائين جي. ايم. سيد قوم جي مختلف تصورن بابت هيٺيون بحث ڪيو آهي. ”(1) نسلي تخيل واري قوم: انهيءَ نظريي واري قوم جو بنياد، نسل تي قائم ڪيو ويو آهي. جهڙيءَ طرح سماٽ، بلوچ، بروهي ۽ پختون. اهي جدا جدا نسل آهن، تنهنڪري اهي جدا جدا قومون سڏيون وڃن ٿيون. (2) مذهبي تخيل واري قوم: انهيءَ نظريي واري قوم جو بنياد، مذهب تي رکيل آهي؛ ۽ هر مذهب کي مڃيندڙ ماڻهن کي جدا قوم شمار ڪيو وڃي ٿو. جهڙوڪر: ڪرستان، يهودي، هندو ۽ مسلمان وغيره. (3) سلطاني تخيل واري قوم: بادشاهن، شهنشاهن ۽ سلطانن مختلف ملڪن کي فتح ڪرڻ بعد، پنهنجي شهنشاهيءَ ۽ سلطانيءَ ۾ رهندڙ ماڻهن کي خاص رنگ ۾ رنگي قوم سڏڻ شروع ڪيو! جهڙوڪر: رومن، جرمن، فرينچ سامراجي وغيره، خاص حالتن ۾ انگريزن انهيءَ پاليسيءَ تي عمل ڪيو. (4) جديد تخيل واري قوم: موجوده وقت ۾ مٿيان ٽيئي نظريا پراڻا ٿي چڪا آهن، هن وقت انهن نظرين تي ڪٿي بہ عمل ڪونہ ٿي رهيو آهي. پر جديد تقاضائن ۽ ضرورتن جي بنياد تي اڄڪلهہ هڪ نئون قومي نظريو وجود ۾ آيو آهي. جنهن کي ”جديد سائنسي قومي نظريو تصور ڪيو وڃي ٿو. انهيءَ نظريي واري قوم جو دارومدار هيٺين پنجن اصولن تي رکيو ويو آهي. (1) زبان، (2) جاگرافيائي حدون يعني وطن، (3) ثقافتي ۽ تهذيبي ورثو، (4) قومي خاصيتون ۽ تاريخي روايتون ۽ (5) سياسي ۽ اقتصادي مفادن جي هم آهنگي.“ (2)

رهبر سنڌ سائين جي. ايم. سيد جي قوم ۽ قوميت بابت اُنهيءَ حوالي کان سواءِ سنڌي قوم جي تشڪيل يا تڪميل بابت سندن ٻيو هڪ مختصر مقولو آهي تہ ”سنڌي حقيقتاً قوم آهي پر اڃان عملاً قوم ٿي نہ سگهي آهي.“ قوم ۽ قوميت جي ارتقائي مرحلن جي تشريح موجب، سنڌي قوم لاءِ اهو هڪ سائنسي معقولو آهي. جيڪو سنڌي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

قوم جي قومي تحريڪ ۽ ان جي قومپرست فڪر جي وسيع تر ترجماني ڪري ٿو ۽ سنڌي قوم جي سماجي ۽ سياسي صورتحال ۽ ان جي تاريخي شعور جي ڀرپور عڪاسي ڪري ٿو ۽ نشاندهي ڪري ٿو ته سنڌي قوم ۾ بحيثيت هڪ قوم جي اجان سياسي ۽ اقتصادي مفادن جي هم آهنگيءَ جو شعور مڪمل ٿي نه سگهيو آهي. ان ڪري ئي اها پنهنجن قومي حقن توڙي قومي مفادن جي بچاءَ لاءِ اُٿي ڪڙي نٿي ٿئي ۽ نه قومي اتحاد ۽ ٻڌيءَ جو مظاهرو ٿي ڪري. ڇاڪاڻ ته قومي حقن ۽ قومي مفادن جي حاصلات (قومي آزادي) صرف قومي اتحاد ۽ ٻڌيءَ ۽ ان جي نتيجي ۾ ٿيندڙ جدوجهد جي ذريعي ممڪن ٿيندي آهي. اسٽالن جو چوڻ آهي ته: ”محض هڪ ملڪ ۾ رهڻ ئي قوم بڻجڻ لاءِ ڪافي نه آهي، انهيءَ لاءِ قوم جي فردن ۾ معاشي مفادن جي هم آهنگي ضروري آهي، جيڪڏهن ڪو انساني گروهه يا جماعت هڪ ئي خطي ۾ آباد آهي ۽ قوم ٿيڻ چاهي ٿي ته انهن ۾ معاشي ۽ اقتصادي طاقتن جي موجودگي ضروري آهي، جيڪي اُنهيءَ انساني گروهه يا جماعت جي مختلف حصن ۽ فرقن کي هڪ ئي ملڪ ۽ قوم جي وحدت ۾ بدلائي سگهن.... آمريڪا جو مثال ئي کڻي ونجي، ته خبر پوندي ته قوميت جي تصور ۾ معاشي استحڪام جو ڪيڏو وڏو ڪردار آهي. آمريڪا جا ماڻهو يورپ جي مختلف ملڪن ۽ قومن مان هجڻ جي باوجود هڪ قوم ڪهڙيءَ طرح ٿي ويا آهن؟ انهيءَ جو بنيادي سبب اِهو آهي ته اُتان جي معاشي طاقت، پيداوار ۽ پورهئي جي ورهاست ۽ نقل و حمل جي وسيلن ۽ ذريعن، ملڪ جي مڙني حصن ۽ گروهن کي پاڻ ۾ ملائي هڪ ڪري ڇڏيو آهي ۽ ايئن هڪ ئي آمريڪي قوم وجود ۾ آئي آهي.“ (3)

آمريڪا برطانوي سامراج جي بينڪ هئي؛ جتي يورپ جي مختلف ملڪن مان ڏوهاري ماڻهن کي سزا طور ملڪ نيڪاليون ڏئي کين انهيءَ ٻيٽ (آمريڪا) ۾ وسايو ويو هو، پر پوءِ انهيءَ ٻيٽ يا زمين تي گڏجي رهڻ جي ڪري جڏهن سڀني ماڻهن جا سياسي ۽ اقتصادي مفاد هڪجهڙائي اختيار ڪري ويا ته اهي هڪ نئين يا جديد قوم جي تشڪيل ڪري ويا. جنهنڪري انهيءَ زمين تي رهندڙ نئين قوم جا اجتماعي قومي مفاد، پنهنجيءَ اڳوڻيءَ آقا قوم، جيڪا صرف ٻه صديون اڳ ۾، سندن ئي قوم جو حصو هئي، انهيءَ سان تضاد ۽ ٽڪراءُ اختيار ڪري ويا ۽ اهي بحيثيت هڪ نيئن ابرندڙ قوم جي پنهنجيءَ ئي (انگريز) قوم جي خلاف متحد ۽ منظم ٿي ويا ته اٿي ٻه ڪرڙا ٿيا. نتيجي ۾ انهيءَ قومي جدوجهد جي ذريعي انهن جا سياسي ۽ اقتصادي مفاد، اجا وڌيڪ قومي مفادن جي هم آهنگي اختيار ڪري ويا. ڇاڪاڻ ته اهي لساني يا ثقافتي گروهه پنهنجي پنهنجي جاگيرداري دور جي روايتن ۽ ٻنڌڻن کي اڳ ۾ ئي ڀوئتي ڇڏي آيا هئا؛ تنهنڪري جلد ئي جديد سرمائيدار قوم جي شڪل اختيار ڪري ويا. اسٽالن لکي ٿو: ”قوم جي ترڪيبي هئيت جي سلسلي ۾ سڀ کان پهرين اهو سمجهڻ ضروري آهي ته ڪابه قوم، ڪنهن هڪ قبيلي، لساني گروهه يا ڪنهن هڪ ئي نسل جي ماڻهن تي مشتمل نه هوندي آهي. جيئن اهو خيال غلط آهي ته انگريزي قوم جا سمورا ماڻهو،



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هزارين سال اڳ ۾، ڪنهن هڪ ئي قبيلي جو اولاد هئا، يا آهن يا ڪنهن هڪ ئي نسل وارا هئا ۽ آهن؛ ان ڪري اهي قوم آهن. بلڪ جهڙيءَ طرح اطالوي قوم ڪيترن ئي انساني نسلن ۽ گروهن مان جڙي آهي. جيئن رومي، جرمني، ايٽرسڪي، يوناني ۽ عرب وغيره. ايئن فرانسيسي قوم ۾ به اوائلي زماني جي ڪيترن ئي انساني نسلن ۽ گروهن جي رت جا رشتا شامل آهن. جيئن گالي، رومي، برطانوي ۽ جرمن وغيره. انگريز ۽ جرمن قوم جو به اهوئي حال آهي. انهن جي خون ۾ به مختلف نسلن ۽ قبيلن جي آميزش آهي. مطلب ته قوم، ڪنهن هڪ قبيلي يا نسل جي پيٽ جي پيداوار ڪانه هوندي آهي. قوم جي ترتيب ۽ تعمير ۾ بنيادي هٿ تاريخ جو آهي. تاريخي عمل ۽ تاريخي قوتون، مختلف نسلن ۽ گروهن جي ماڻهن کي قوميت جي باهمي رشتي ۾ ڳنڍي ڇڏينديون آهن. اهڙيءَ طرح قوم جي تعمير تاريخ ڪندي آهي. پر نسل يا قبيلا، ان جي جوڙجڪ نه ڪندا آهن. انهيءَ مان انهيءَ غلط فهميءَ جو به امڪان ٿئي سگهي ٿو، ته سڪندر اعظم جون وڏيون وڏيون سلطنتون به تاريخي قوتن جون پيداوار هيون، ان ڪري انهن سلطنتن جا سمورا ماڻهو هڪ قوم چورائڻ جا حقدار آهن، بلڪل نه. ڇاڪاڻ ته اهڙي قسم جي انساني اجتماع يا گروهه کي، جنهن کي تاريخ وجود ۾ آڻيندي آهي، انهيءَ کي قوم جو لقب ڏئي نٿو سگهجي. انهيءَ لاءِ ڪن بين شرطن جو پورائو به ضروري آهي. سڀ کان اڳ ۾ اهو سمجهڻ گهرجي، ته سڪندر اعظم (توڙي مغل بادشاهه) يا سائرس جي سلطنتن ۾ موجود ماڻهن کي ڇو نٿو قوم چئي سگهجي؟ ڇاڪاڻ ته اهي سلطنتون مختلف ماڻهن جي گروهن جي اجتماعي ٽولن کان وڌيڪ ڪا حيثيت ڪانه رکنديون هيون. انهن گروهن يا ٽولن ۾ ڪابه اندروني وحدت يا اتحاد نه هوندو هو. اهي سلطنتون صرف ڪن خارجي طاقتن جي زور تي وجود ۾ آيون هيون. جنهن مان مختلف ماڻهن جي گروهن جي سياسي زندگيءَ جو هڪ سطحي قسم جو اتحاد پيدا ٿيندو هو. انهيءَ ڪري جو اهي خارجي طاقتون، ڪين عارضي طور هڪ سياسي نظام هيٺ گڏ رکنديون هيون. جيئن ڪنهن وڏي فاتح جي فتح وغيره هئي، پر جڏهن اهو فاتح يا ان جو اولاد شڪست کائيندو هو ته انهيءَ مٿاڇري ۽ سطحي سياسي اتحاد جا بکيا اڏري ويندا هئا ۽ سلطنت ۾ زوريءَ واڙيل انساني گروهه ۽ ٽولا (يا جيئن مغلن ۽ پٺاڻن جون سلطنتون هيون) الڳ الڳ ٿي ويندا هئا ان ڪري اهڙيءَ انساني جميعت کي قوم سڏي نٿو سگهجي؛ جيڪا عارضي طور (جيئن پاڪستاني قوم: مصنف) وجود ۾ ايندي آهي، ڇاڪاڻ ته قوم چورائڻ لاءِ انساني جميعت جي اتحاد جي مضبوطي ۽ پائيداري ضروري آهي." (4)

هڪ مستحڪم قوم جي اتحاد جي مضبوطيءَ ۽ پائيداري لاءِ قوم جي پنجين فيڪٽر جي تڪميل ضروري آهي؛ جنهن کي سياسي ۽ اقتصادي مفادن جي هم آهنگيءَ جو شعور مضبوط ۽ سگهارو ڪندو آهي. جڏهن ته سنڌي قوم ۾ مڪمل قومي شعور جي ڪميءَ جو سبب، سياسي ۽ اقتصادي مفادن جي هم آهنگيءَ جي شعور جي گهٽتائي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهي. اهوئي سبب آهي جو اها اِچ تائين پنهنجي حقيقي قومي شعور جو مظاهرو ڪري نه سگهي آهي ۽ نه ئي هڪ قوم جي حيثيت جو ڪڏهن عملي اظهار ڪري سگهي آهي يعني ٻين لفظن ۾ ته سنڌي قوم "حقيقي عملي قومپرست قوم" ٿي نه سگهي آهي. ڪنهن قوم جي قومي شعور جي ترقي يا واڌ ئي ان قوم جي پنجين فيڪٽر کي مڪمل ڪندي آهي ۽ اهو جديد سرمائيدار پيداواري قوتن جو ترقي يافته شعور هوندو آهي. انهيءَ کي ئي جديد سياسي ۽ اقتصادي مفادن جي هم آهنگيءَ جو شعور چئبو آهي. اهوئي جديد شهري يا تهذيبي قومي شعور هوندو آهي، جنهن کي مارڪيٽ جي معيشيت جي شعور جي حيثيت ۾ جديد قومپرست شعور يا قومي فڪر سڏجي ٿو. جيڪو جديد سرمائيداري سماجي نظام جي بالائي ڍانچي يا نظرياتي نظام جي نمائندگي ڪندو آهي. ان ڪري اهوئي قومي فڪر يا قومپرست شعور قوم کي پنهنجن اقتصادي وسيلن جي مالڪيءَ جو احساس ڏياريندو آهي ته "اسان جي وطن جي جاگرافيائي حدن اندر جيڪي به اقتصادي وسيلا آهن، سي اسان جي وطن ۽ قوم جي ملڪيت آهن ۽ انهن اقتصادي وسيلن جي ملڪيت جي ورهاست جو سياسي اختيار به اسان کي ۽ اسان جي قوم جي ماڻهن کي هجڻ گهرجي." جنهن کي قوم جي سياسي ۽ اقتصادي مفادن جي هم آهنگيءَ جو شعور چئبو آهي ۽ اهوئي جديد قومي فڪر يا قومپرست شعور آهي.

اهو قومي فڪر انهيءَ قوم جو تاريخي شعور هوندو آهي، جيڪو قوم جي قومي نسجاڳيءَ يا قومي احيا يا نشاط ثاني به آهي. جنهن مان اهو ثابت ٿيندو آهي ته اها قوم، بحيثيت قوم جي هڪ تاريخي قوم آهي، جيڪا هڪ وڏي عرصي کان وٺي، پنهنجي هڪ خاص جاگرافيائي حدن اندر پنهنجي وطن جي مالڪ رهي آهي. جنهن وطن ۾ انهيءَ قوم نه صرف پنهنجي هڪ ٻولي ۽ ثقافت تخليق ڪئي آهي پر پنهنجي قومي وجود جي تشڪيل به ڪئي آهي. انهيءَ ڪري ئي اها پنهنجي وطن جي جاگرافيائي سرحدن اندر پنهنجي اقتصادي وسيلن جي مالڪيءَ جي حقدار به آهي ته انهن اقتصادي وسيلن جي ورهاست جي سياسي اختيار جي حقدار به آهي. رهبر سنڌ سائين جي. ايم. سيد لکيو آهي "سنڌ هزارين سالن کان هڪ ملڪ آهي، سنڌي هزارين سالن کان هڪ قوم آهي، آزادي انهيءَ جو حق آهي ۽ آزادي ممڪن آهي."، "سنڌو ماٿري (Indus valley) جاگرافيائي قدامت جي لحاظ کان بين الاقواميت جي حيثيت رکي ٿي. سنڌي زبان هن ماٿريءَ جي قديم ٻولي آهي. دنيا جا دريائي تمدن مثلاً مصري، بابلي ۽ عراقي تمدن، جي نيل، دجلا ۽ فرات ندين جا تمدن آهن. سي انساني نسل جي تاريخ ۾ وڏي اهميت رکن ٿا. سنڌو نديءَ جو تمدن انهن قديم تمدنن مان هڪ آهي ۽ سنڌي ٻولي هڪ قديم تمدن جي تاريخي ارتقا جي حاصلات آهي. بين الاقوامي تاريخ ۾ آريائي (Aryon) ۽ سامي (Semetic) نسلن جا ماڻهو، سنڌ ن مجرتون ۽ بستيون، تهذيبون ۽ ٻوليون، وڏي اهميت رکن ٿيون. سنڌ ۾ "موهن جو دڙو" سامي نسلن جي تهذيب ۽ تمدن جو شاهڪار آهي. سنڌو ماٿري آريائي نسلن جي مسلسل مجرتن ۽ بستين جو گهوارو آهي،



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۽ سندن اصل قديم ٻوليءَ جا ڪي الفاظ نج حالت ۾ سنڌيءَ ۾ ملن ٿا. انهيءَ ڪري سنڌي ٻولي سامي ۽ آريائي نسلن جي قديم گڏيل بستين جي ياڳي جي قديم ٻولي آهي.“ (5)

# قومي مفادن جي ترقي جو تصور

نفيءَ جي نفيءَ جي قانون مطابق قبيلائي سماج جي نفيءِ قوميتي سماج ڪري ٿو ۽ قوميتي سماج جي نفي مڪمل قومي سماج کي ڪرڻ گهرجي. اهڙيءَ طرح انساني نسلن جي نفيءَ جي نفيءَ جي بنياد تي ترقي ۽ واڌ ٿيندي رهي آهي، يعني جيڪڏهن قبيلائي سماج اثبات (Thesis) آهي ته قوميتي سماج ان جي نفي (Antithesis) آهي ۽ مڪمل قومي سماج نفيءَ جي نفي (Synthesis) آهي ۽ جيئن ته هر نئين سماج ۾ اڳوڻي گذريل سماج جون ننڍيون وڏيون باقيات هونديون آهن، ان ڪري جيئن قوميتي سماج ۾ قبيلائي سماج جون باقيات موجود هونديون آهن، تيئن هڪ قومي سماج ۾ قوميتي سماج جون باقيات موجود هونديون آهن. جيئن هن وقت سنڌ جي قوميتي يا قومي سماج ۾ قوميتي توڙي قبيلائي سماج جون باقيات موجود آهن. پر جڏهن سنڌي سماج مڪمل طور هڪ قومي سماج ۾ داخل ٿيندو ۽ پنهنجي قومي تڪميل مڪمل ڪندو، ته اهو پنهنجي نفيءَ جي نفي (Synthesis) به مڪمل ڪندو. انهيءَ جي قومي تڪميل کان پوءِ انهيءَ ۾ ڪي قدر ٿوري گهڻي جاگيرداري قوميتي باقيات ته ممڪن ٿي سگهي ٿي پر قبيلائي باقيات جو مڪمل طور خاتمو ٿي ويندو. ان ڪري انهيءَ مان هر قسم جي غير قومي گروهي، ثقافتي ۽ لساني فرقيواريت ختم ٿي ويندي. سنڌي قوم جي اهڙي مڪمل قومي تڪميل، اڳي پوءِ ٿيڻي آهي. انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ ڪونه آهي ۽ نه ٿيڻ گهرجي.

پر سوال آهي ته سنڌي قوم جي قومي تڪميل يا نفيءَ جي نفيءَ (Synthesis) ۾ دير ٿيڻ جا سبب ڪهڙا آهن؟ اسان جي نقطه نظر موجب، انهيءَ جا گهڻا ڳجها ڪي سبب ڪونه آهن. جاڪاڻ ته سنڌ جي پوئين تاريخي دور ۾ ڪلهوڙن جي جاگيرداري قوميتي سماجي نظام جي حڪمرانيءَ کان پوءِ ميرن جي حڪومت جي دور ۾ قبيلائي سماج جي موٽ ۽ ان کان پوءِ ۽ خاص ڪري انگريزن جي سامراجي راڄ ۾ سنڌ کان هڪ آزاد رياست ۽ قوم جو حق کسي، ان کي بمبئي صوبي ۾ صرف ڪمشنريءَ جي حيثيت ڏني وئي، ان ڪري ان جي قومي تڪميل (Synthesis) جي ترقيءَ جو مرحلو رُڪجي ويو. انهيءَ کان پوءِ جڏهن سنڌ جي 1936ع ۾ صوبائي حيثيت بحال ٿي ته ان جي قومي تڪميل (Synthesis) جي تشڪيل جي ترقي به ٿيڻ لڳي، پر سگهوئي 1947ع ۾ ورهاڱي کان پوءِ سنڌي قوم جو هڪ ترقي يافته حصو اوچتو سنڌ مان لڏي هندستان هليو ويو ۽ سنڌي قوم هڪ پيرو وري قبائلي ۽ جاگيرداري قوميتي سماجي ۽ تهذيبي ۽



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي مدي خارج ۽ فرسوده ريتن، رسمن ۽ مت ڀيدن توڙي سموريءَ غير قومي فرقواريت کي لوڙهي ويندو آهي. جنهنڪري ذات پات واريون قبيلائي برادريون توڙي ثقافتي ۽ لساني گروهه هڪ ٻئي سان ويجهڙائپ پيدا ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ مٽيون مائٽيون ۽ سڱابنديون ڪندا آهن ۽ نئين قومي تقاضائن جي پورائي لاءِ نوان رشتا ۽ ناتا جوڙيندا آهن. جيڪي قومي سجاڳيءَ سان گڏ قومي شعور جي هم آهنگي پيدا ڪندا آهن. نوان اخلاقي قدر ۽ نوان رواج ۽ ريتون رسمون جڙنديون آهن. جيڪي پراڻيءَ جامد ۽ جميل زندگيءَ کي رجائي ۽ پگهاري ان کي جديد ترقي يافته قومي زندگيءَ جي شاهراهه تي وٺي اينديون آهن. ايئن قوم جو هر فرد جديد قومي ترقيءَ جي ومڪري ۾ شريڪ ٿي ويندو آهي. رهبر سنڌ سائين جي. ايم. سيد سنڌي قوم جي انهيءَ پس منظر جي پيش نظر چوي ٿو: "هيءَ (سنڌي) قوم Facto تشڪيل هيٺ آهي، پر اڃا Jury تڪميل ماڻي نه سگهي آهي. Defacto ڏي ڏيان ڇڪرائي رهيا آهيون پر Dejury جي پيغام جا اهل نه آهيون. پر ٻڌڻ وارو ڪونه آهي." (7)

قومي تڪميل جي دوران پراڻي ۽ مدي خارج قبيلائي ۽ جاگيرداري شعور جي جاءِ تي جديد سيڪيولر شعور پيدا ٿيندو آهي. جيڪو قبيلائي ۽ جاگيرداري گروهي فرقيوار ۽ علحدگيءَ جي مفادن جي بدران اجتماعي قومي مفادن جي هم آهنگي پيدا ڪندو آهي. جيڪا سڄيءَ قوم جي ماڻهن ۾ جديد سماجي حالتن جي مطابقت وارو قومي اتحاد ۽ ايڪو پيدا ڪندي آهي. ڇاڪاڻ ته موجوده جديد حالتن ۾، قبيلائي ۽ جاگيرداري مفادن واري ٻڌي، قومي مفادن جي حاصلات جي اتحاد ۽ ٻڌي لاءِ رڪاوٽ جو ڪارڻ ٿي پوندي آهي. جنهنڪري سڄيءَ قوم جي ماڻهن ۾ پنهنجي جديد جياپي يعني قومي مفادن جي حاصلات لاءِ جديد دور جي تقاضائن مطابق اتحاد ۽ ٻڌيءَ جي ضرورت پوندي آهي. جيڪا انهن ۾ جديد قومي سيڪيولر شعور جي سجاڳي پيدا ڪندي آهي ۽ کين قومي ترقيءَ ۽ تعمير جي شاهراهه تي وٺي ايندي آهي. جديد سرمائيداري دور پراڻي جاگيرداري معاشي انتشار ۽ وکوڙ جي جاءِ تي قومي معيشيت جي مرڪزيت جي تقاضا ڪندو آهي. ڇاڪاڻ ته قومون، سرمائيداريءَ جي اُسرڻ دوران ئي قومي تڪميل حاصل ڪنديون آهن ۽ اهائي سرمائيداري معاشي مرڪزيت قومي زندگيءَ ۾ يڪجهتي پيدا ڪرڻ لاءِ قومي تڪميل جو ضروري عنصر هوندي آهي. پراڻي دور جي قبيلائي سماجن ۾، ماڻهو پنهنجن مفادن جي حفاظت قبيلائي اتحاد ۽ ٻڌيءَ ۾ ڪندا هئا، پر هاڻوڪي جديد دور ۾ ماڻهو، پنهنجن اجتماعي قومي مفادن جي حفاظت، قومي اتحاد ۽ ٻڌيءَ کان سواءِ ڪري نٿا سگهن. اڳ واري قبيلائي ٻڌي ۽ اتحاد، قبيلائي شعور جي سنگهرن ۾ سلهاڙيل هوندو هو، هاڻوڪو جديد قومي اتحاد ۽ ٻڌي قومي فڪر يا قومپرست شعور جي سنگهرن ۾ ٻڌجي ويندو آهي. ٻيءَ صورت ۾ قومي حقن ۽ مفادن يا قومي آزاديءَ جي حاصلات ناممڪن ٿي پوندي آهي.

مثال سنڌ جي موجوده صورتحال ۾ سنڌو درياهه جي پاڻيءَ جي حاصلات قبيلائي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

يا جاگيرداري ٻڌيءَ جي ذريعي ناممڪن آهي. اهڙيءَ طرح شهري صنعتي روزگار جي وسيلن جي حاصلات يا حفاظت هجي، واپار وڙي جي حفاظت هجي يا ناٺي ۽ جديد معدنيات جي وسيلن ۽ مفادن جي حفاظت هجي، قبيلائي اتحاد يا ٻڌيءَ ۾ ناممڪن آهن. پر انهن جي حاصلات، صرف قومي اتحاد ۽ ٻڌيءَ جي ذريعي ممڪن آهي. ۽ قومي اتحاد ۽ ٻڌي صرف قومي شعور جي هم آهنگيءَ جي ذريعي ممڪن آهي. قومي فڪر يا قومپرست شعور، جديد سرمائيدار سماجي نظام جي سياسي ۽ اقتصادي مفادن جي هم آهنگيءَ جو شعور آهي. ٻين لفظن ۾ انهيءَ کي جديد مارڪيٽ يا منڊيءَ جي معيشيت جو شعور يا جديد شهري تهذيب جو شعور چئجي ته بهتر آهي. قومي فڪر يا قومپرست شعور، جديدي سياسي ۽ اقتصادي شعور جي حيثيت ۾ قوم جي ماڻهن ۾، اهو احساس جاڳائيندو آهي ته اسان جي قوم ۽ وطن جي جاگرافيائي سرحدن اندر، جيڪا به سماجي يا معدنياتي يا فطري دولت آهي يا جيڪا به وطن جي پيداوار ۽ ان جا وسيلا آهن. اها اسان جيءَ قوم جي قومي دولت آهي ۽ اسان جي وطن ۽ قوم جي ملڪيت آهي ۽ انهيءَ قومي يا سماجي دولت کي وطن ۽ قوم يا ان جي ماڻهن جي ترقيءَ ۽ تعمير يا خوش حاليءَ تي خرچ ڪرڻ جو حق اسان جي قوم جي ماڻهن کي آهي ۽ انهيءَ جي ورهاست جو سياسي اختيار به اسان جي ئي قوم جي ماڻهن کي آهي. انهيءَ شعور ۽ ساڃاهه کي قومي فڪر يا قومپرست شعور چئبو آهي ۽ اهو قومي فڪر يا قومپرست شعور ئي ڪنهن قوم جي قومي تڪميل لاءِ ضروري هوندو آهي.

جيئن جيئن جديد سرمائيداري نظام، ترقي ڪندو ويندو آهي، تيئن تيئن انهيءَ جو نظرياتي نظام (بالائي ڍانچو) وڌيڪ پڪو ۽ پختو ٿيندو ويندو آهي ۽ ڪنهن به سماجي اقتصادي نظام جي نظرياتي نظام جو اظهار، انهيءَ نظام جي شروعاتي بنياد پوڻ سان ئي ٿيندو آهي ۽ انهيءَ جا ملڪا سلڪا عڪس ۽ اولڙا يا تصور پيدا ٿيڻ لڳندا آهن. جڏهن اهو سماجي اقتصادي نظام، پنهنجي عروج ۽ ڪمال کي پهچندو آهي ته انهيءَ جي نظرياتي نظام جي تڪميل به مڪمل ٿي ويندي آهي. سرمائيداري سماجي اقتصادي نظام، پنهنجي تڪميل هڪ قومي رياست ۾ ماڻيندو آهي ۽ اهو انهيءَ نظام جي ترقيءَ جو فطري قانون آهي. جيڪڏهن ڪٿي ڪنهن گهڻ قومي رياست ۾ سرمائيداري سماجي اقتصادي نظام ترقي ڪئي به آهي ته اها ان جي استثنيٰ ۾ شمار ڪري سگهجي ٿي. جيئن آمريڪا ۽ سوئيٽزرلينڊ جهڙيون گهڻ قومي سرمائيدار رياستون آهن ۽ ايئن ئي سرمائيداري نظام جو نظرياتي نظام به صرف هڪ قومي رياست ۾ پنهنجي ترقي يافته ۽ سڌريل سيڪيولر شڪل اختيار ڪري سگهي ٿو. لينن لکيو آهي:

"سڄيءَ متمدن ۽ ترقي پسند دنيا جو مثال سامهون آهي، ويندي بلقان جي رياستن کان وٺي، اشيا جي مثال ثابت ڪيو آهي ته ڪائوتسڪيءَ جي راءِ بلڪل صحيح آهي ته "هڪ قومي رياست، سرمائيداريءَ جي ترقيءَ جو قانون يا معمول آهي. پر هڪ گهڻ قومي رياست يا ته پسماندگيءَ جي نمائندگي ڪندي آهي يا محض استثنيٰ هوندي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهي.“ قومي لاڳاپن جي خيال کان سرمائيداريءَ جي ترقيءَ لاءِ بهتر حالتون، صرف هڪ قومي رياست ئي مهيا ڪندي آهي. اهو برابر آهي تہ سرمائيداري لاڳاپن واري اهڙي (گهڻ قومي) رياست قومن جي ڦرمار ۽ ڏاڍ ۽ ڏمر جو خاتمو ڪري نہ سگهندي آهي. ان ڪري مارڪسي انهن سرمائيداري اقتصادي فيڪٽرن يا عنصرن کان اکيون پوري نٿا سگهن، جيڪي قومي رياستن جي بحاليءَ جي جدوجهد جو سبب ٿيندا آهن، ان ڪري مارڪسي پروگرام ۾ ”قومن جي خودارادي“ جو مطلب تاريخي ۽ اقتصادي نقطہ نظر کان سياسي خودارادي ۽ رياستي آزاديءَ کان سواءِ ٻيو ٿي نٿو سگهي.“ (8)

قومپرست شعور، سچيءَ قوم جي ماڻهن کي هڪ ئي سيڪيولر شعور جي لڙهيءَ ۾ پوئي ۽ متحد ڪري ڇڏيندو آهي. ڇاڪاڻ تہ اهوئي سيڪيولر شعور، حقيقي جمهوري شعور هوندو آهي. قومپرستيءَ کان سواءِ قوم ۾ نہ اجتماعي سيڪيولر شعور پيدا ٿي سگهندو آهي ۽ نہ حقيقي جمهوري شعور پيدا ٿي سگهندو آهي. مارڪسي سائنسي نقطہ نظر کان اهوئي سرمائيداري سماجي اقتصادي نظام جو نظرياتي نظام يا بالائي ڍانچو آهي.

سرمائيداري دور کان اڳ وارن دورن دوران ڪنهن بہ قوم کي جديد قوم جي حيثيت ڏئي نٿي سگهجي. اهي وڌ ۾ وڌ قوميتون رهيون آهن. قوم جي قومي تڪميل جي مڪملتا يا پورڻتا صرف سرمائيداري رشتن ۾ ٿيندي آهي. جنهن لاءِ پنجن فيڪٽرن يا عنصرن جي تڪميل ضروري آهي. وطن، تاريخ، ثقافت ۽ ٻولي انهن چئن فيڪٽرن جي تڪميل سان قوميت جي تڪميل ٿيندي آهي ۽ پنجين فيڪٽر جي مڪمل ٿيڻ سان قوم جي جديد قومي تڪميل مڪمل ٿيندي آهي. انهيءَ پنجين فيڪٽر جي تڪميل سرمائيداريءَ ۾، قومي شعور جي هم آهنگيءَ سان مڪمل ٿيندي آهي. جيسين ڪنهن قوم ۾، قومي مفادن جي هم آهنگي جو شعور پيدا نہ ٿيندو آهي، تيسين اها نہ پنهنجي قومي تڪميل ماڻي سگهندي آهي ۽ نہ ئي بحيثيت قوم جي قومي آزاديءَ جي جدوجهد لاءِ سرگرم يا تيار ٿي سگهندي آهي. قومي شعور جي هم آهنگي ئي قوم ۾ وحدت فڪر پيدا ڪندي آهي ۽ وحدت فڪر وحدت عمل پيدا ڪندو آهي. جيڪو قومي آزاديءَ جي جدوجهد ۽ قومي رياست جي بحاليءَ لاءِ جذبو ۽ جوش جاڳائيندو آهي. جڏهن ڪو سماج يا قوم، جاگيرداريءَ مان سرمائيداريءَ ۾ داخل ٿيڻ لڳندي آهي تہ اُها قوم ۽ انهيءَ جو عوام ٻهراڙيون ۽ ڳوٺ ڇڏيو، شهرن جو رخ ڪندو آهي. لينن لکي ٿو: ”جاگيرداري غفلت جي خواب مان عوام جي سجاڳي ۽ قومي ظلم ۽ ڏاڍ خلاف جدوجهد ۽ قومي خودمختياريءَ لاءِ عوام جي جدوجهد ترقي پسند ۽ انقلابي هوندي آهي.“(9)

جاگيرداري دور ۾، معيشيت جا مرڪز ٻهراڙيون يعني ڳوٺ ۽ زمينون هونديون آهن ۽ سرمائيداريءَ ۾ معيشيت جا مرڪز شهر يعني مارڪيٽ ۽ بازارون هونديون آهن ۽ جيئن انهن معيشيت جي مرڪزيت رُخ ڪندي آهي، عوام جي اڪثريت بہ اوڏانهن منهن ڪندي آهي. شهرن جي عوام ۾ شهري تهذيب ۽ شهري شعور (ثقافت) پيدا ٿيندو آهي. جيڪو قومپرستيءَ جي واڌ ويجهہ ۽ آبياري ڪندو آهي ۽ جڏهن عوام جي اڪثريت قومپرستيءَ کي قبول ڪندي آهي، تہ اها مادي قوت ۾ بدلجي ويندي آهي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جيڪا پراڻا جاگيرداري دور جا سماجي تصور ۽ اخلاقي قدر ڊاهي ڇڏيندي آهي ۽ ان جي جاءِ تي نوان سماجي تصور ۽ اخلاقي قدر جوڙيندي آهي. ڇاڪاڻ تہ قومي فڪر يا قومپرستي شعور، سرمائيداري نظام جو نظريو آهي، جيڪو سيڪيولر ۽ جمهوريت پسند هوندو آهي. جنهنڪري اهو قبائلي ۽ جاگيرداري شعور جي فرقيواريت ۽ تنگ نظريءَ کي پاڙن کان پٽي ڪيندو آهي ۽ ان جي جاءِ تي قومي شعور جي وحدت پيدا ڪندو آهي. اها قومي شعور جي وحدت ئي قوم ۾ وحدت عمل پيدا ڪندي آهي. تنهنڪري اها حقيقي ۽ عملي قوم بنجي ويندي آهي. رهبر سنڌ سائين جي. ايم. سيد لکي ٿو: ”سنڌ جا ماڻهو اڪثر ڪري ڳوناٺين حالتن ۾ رهڻ ڪري شهري تمدن يعني قومي زندگيءَ جي باهمي مفادن سان روشناس ٿي نہ سگهيا آهن. سندن جملي اثاثو، مال، ڪپڙا، زال، ٻار ٻچا، ۽ گهرو سامان ۽ ذاتي مفاد رهي ٿو. ان کان مٿي ڪين جماعتي زندگيءَ جي فائدن جي خبر ئي ڪانہ آهي. گهٽي ۾ گهٽو سندن مفاد قبيلي تائين محدود رهندو آهي پر شهري زندگي يا تمدني زندگيءَ ۾ رهڻ بعد ماڻهن ۾ جماعتي اجتماعي مفادن جو شعور پيدا ٿيندو آهي تہ مختلف قبيلا گڏجي قوم بنجندا آهن. جن ۾ ڪي نسلي بنيادن تي قومون بنجن ٿيون، تہ ڪي شهري مفادن جي بنيادن تي قومون بنجن ٿيون، جيڪي آهستي ڏاڍي زمين جي ڪن خاص خطن ۾ رهي، ۽ گڏجي، وطن، زبان، تاريخي روايتن ۽ ثقافتي ۽ اقتصادي ۽ سياسي بنيادن تي قومون ٿين ٿيون. اهڙيءَ طرح تڪميل ورتل قوم کي جديد سياسي ٻوليءَ ۾ ”قوم“ سڏيو وڃي ٿو. سنڌي گذريل پنجن هزارن ورهين کان مڪرّي وطن، زبان، تاريخي روايتن ۽ باهمي ثقافتي، سياسي ۽ اقتصادي مفادن تحت هڪ قوم آهن پر صرف ان طرح قوم جو ٺهڻ ڪافي نہ آهي. جيسين قوم جي فردن ۾ شخصي مفاد تي قومي مفاد کي ترجيح ڏيڻ جو مادو پيدا نہ ٿو ٿئي، تيسين اها عملي طرح فعال قوم بنجي ڪانہ سگهندي.“ (10)

سنڌي قوم ۾ قومي طبقي جي ڪمزوريءَ سنڌي قوم ۽ قومي تحريڪ کي نڌڻڪو ڪري ڇڏيو آهي. اهوئي سبب آهي جو جتي قومي تحريڪ کي جاگيردار طبقو ”سنڌ ڪارڊ“ ڪري استعمال ڪري رهيو آهي، اتي وچولو طبقو، پنهنجيءَ ڪمزور اقتصادي حالتن جي ڪري قومي مفادن جي هم آهنگيءَ کي سمجهي نہ سگهيو آهي. جنهن ڪري قومي تحريڪ کي گروهن ۽ گروپن ۾ ورهائي ڏيئي سرجون جدا جدا مسيتون جوڙيندو رهيو آهي ۽ حڪمرانن کان لڪ چوريءَ ۾ رعايتن تي ڪرپشن جي ڪُني رڌيندو رهيو آهي. اها سنڌ جي تاريخ جي وڏي ۾ وڏي ستم ظريفي آهي تہ سنڌ جو جاگيردار توڙي وچولو طبقو، پاڻ کي جديد سرمائيدار اقتصادي قوت ۾ بدلائي نہ سگهيو آهي. ان ڪري پاڻ کي قومي قوت بہ ثابت ڪري نہ سگهيو آهي. تنهنڪري سنڌي سماج اندر غير پيداواري قوت جي حيثيت ۾ تنگ نظر قومپرستيءَ ۽ ثقافتي شاونزم ۾ پناهہ ڳوليندو رهيو آهي. ۽ حقيقي وطن دوست قومپرستيءَ کان پري ڀڄندو رهيو آهي. ڇاڪاڻ تہ اهائي قومپرستي نہ صرف سياسي ۽ اقتصادي مفادن جي هم آهنگيءَ لاءِ ضروري هوندي آهي، پر قومي اتحاد ۽ يڪجهتيءَ لاءِ بہ ضروري هوندي آهي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# باب ٻيو

# قومي مفادن جي هم آهنگيءَ جو شعور

هرڪا پارٽي يا تنظيم، پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي تاريخي حالتن کي اڳيان رکي، سماجي ترقيءَ ۽ قومي مفادن لاءِ لائحہ عمل جوڙيندي آهي ۽ ايئن هرهڪ قوم جي ماڻهن کي حق آهي تہ اُهي پنهنجيءَ قوم جي قومي ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ جي مفادن کي اڳيان رکي ڪونہ ڪو لائحہ عمل جوڙين ۽ انهيءَ مطابق پنهنجيءَ قوم جي تاريخي قوتن ۽ سماجي ترقيءَ جو سائنسي اصولن تحت تعين ڪن. ۽ اهو ڏسن تہ انهن جو سماج ۽ قوم، تاريخ جي ڪهڙي مرحلي مان گذري رهي آهي ۽ انهن جون وطن دوست ۽ ترقي پسند قوتون ڪهڙيون آهن ۽ رجعت پرست ۽ مُدي خارج فرسوده قوتون ڪهڙيون آهن. انهيءَ سان گڏ هڪ سماج ۽ قوم اندر رجعت پرست قوتن جو ڪردار ڪهڙو ٿي سگهي ٿو ۽ ترقي پسند قوتن جو ڪردار ڪهڙو ٿي سگهي ٿو ۽ اهو ڪردار سماجي، طبقاتي يا قومي ڪردار جي حيثيت ۾، ڪهڙو هجڻ گهرجي؟ ۽ ڪٿي، ڪيئن ۽ ڪيترو هجڻ گهرجي؟ جيتوڻيڪ اهو ظاهر آهي ۽ اها هڪ حقيقت آهي تہ ڪنهن بہ سماجي انقلاب يا قومي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ رجعت پرست ۽ ترقي پسند قوتن جو ڪردار گڏوگڏ رهندو آهي.

گهڻو ڪري سماجي انقلاب ۽ قومي آزاديءَ جون رجعت پرست قوتون بہ ساڳيون هجن ٿيون تہ ترقي پسند قوتون بہ ساڳيون هجن ٿيون پر پوءِ بہ انهن ۾ ٿورو گهڻو فرق ضرور ٿئي ٿو؛ ڇاڪاڻ تہ جيڪا هڪڙي وطن ۽ قوم لاءِ آزادي هجي ٿي، اِها ٻئي وطن ۽ قوم لاءِ غلامي بہ ٿي سگهي ٿي ۽ جيڪا هڪڙي وطن ۽ قوم لاءِ غلامي هجي ٿي، اها ٻئي وطن يا قوم لاءِ آزادي بہ ٿي سگهي ٿي، ۽ ايئن انساني طبقن، گروهن ۽ قومن جا خيال ۽ سوچون بہ ٿي سگهن ٿيون؟ جيڪي انهن جي مادي مفادن جي چوڌير ڦرنديون آهن. اهوئي سبب آهي جو ڪي خيال ۽ سوچون جيڪڏهن ڪنهن هڪ گروهہ يا قوم لاءِ فائدي وارا هجن ٿا تہ ٻئي گروهہ يا قوم لاءِ نقصانڪار بہ ٿي سگهن ٿا. جيئن ظالم ۽ ڦورو طبقا ۽ گروهہ پنهنجن طبقاتي ۽ گروهي مفادن لاءِ سوچين ٿا ۽ ان مطابق لوچين يا عمل ڪن ٿا، تيئن مظلوم ۽ ڦرجندڙ طبقا ۽ گروهہ بہ پنهنجن مفادن لاءِ سوچين ۽ لوچين ٿا يا پاڻ پتوڙين ۽ عمل ڪن ٿا. بلڪل ايئن ظالم، بالادست ۽ سامراجي قومون بہ پنهنجن پرماري ۽ توسيع پسند مفادن لاءِ سوچين ۽ لوچين ٿيون ۽ عمل ڪن ٿيون، ۽ ان جي ابتڙ مظلوم، محڪوم ۽ ماتحت قومون بہ پنهنجن قومي حقن ۽ مفادن توڙي ڇوٽڪاري لاءِ سوچين ۽ لوچين ٿيون ۽ پاڻ پتوڙين ۽ عمل ڪن ٿيون. جيئن موجوده پاڪستان جي رياست اندر ڪالا باغ ڊيم ۽ ٿل ڪئنال جي اڏاوت پنجابي قوم جي فائدي واري آهي ۽ سنڌي قوم لاءِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نقصان واري آهي، ان لاءِ پنجابي حڪمران طبقي توڙي سڄيءَ پنجابي قوم جي سوچ آهي تہ ڪالا باغ ڊيم توڙي ٿل ڪئنال جي اڏاوت ضروري آهي پر سنڌي قوم ۽ ان جي سياسي ۽ قومي قيادت جي سوچ آهي تہ ڪالا باغ ڊيم ۽ ٿل ڪئنال جي اڏاوت سنڌ دشمن رٿائون آهن. اها پڻ قومن جي الڳ الڳ مفادن جي سوچ آهي، جيڪا اُنهن جي مفادن جي عڪاسي ڪري ٿي. جيئن ڪارل مرڪس چيو آهي تہ: "بادشاهہ پنهنجي محل ۾ الڳ طرح سان سوچيندو آهي ۽ فقير پنهنجيءَ جهوپڙيءَ ۾ الڳ طرحَ سان سوچيندو آهي." اهڙيءَ بہ۔طرفي سوچ جي دائري ۾ ترقي پسند ماڻهو بہ اچي وڃن ٿا ۽ رجعت پرست ماڻهو بہ اچي وڃن ٿا. سيڪيولر سوچ وارا بہ اچي وڃن ٿا ۽ مذهبي سوچ وارا ماڻهو بہ اچي وڃن ٿا، ويندي انهيءَ ۾ پنجابي ۽ سنڌي عوام جي اڪثريت بہ اچي وڃي ٿي.

مثال، جيئن مولانا فضل الرحمان مسلمان مذهبي اڳواڻ جي حيثيت ۾ چوي ٿو تہ ڪالا باغ ڊيم يا ٿل ڪئنال جي اڏاوت مان سنڌ کي ڪوبہ نقصان ڪونہ آهي، ان ڪري ان جي نهڻ ۾ ڪوبہ حرج ڪونہ آهي. ان لاءِ ڪيس ان جو مذهب ۽ خدا بہ اهڙي اجازت ڏئي ٿو، پر ان جي ابتڙ اُن جي ئي صوبائي پارٽيءَ جو اڳواڻ مولانا خالد محمود سومرو چئي ٿو تہ ڪالا باغ ڊيم ۽ ٿل ڪئنال جي اڏاوت مان سنڌ کي سراسر نقصان آهي، ان ڪري ڪيس ان جو مذهب ۽ خدا ڪڏهن بہ اهڙي اجازت نٿو ڏئي تہ سنڌ ۽ سنڌي قوم جي حقن تي ڌاڙو هڻي، ڪالا باغ ڊيم ۽ ٿل ڪئنال ٺاهيا وڃن. ايئن پنهي قومن جي ترقي پسند ۽ سيڪيولر ماڻهن جي سوچ بہ بہ۔طرفي آهي. ڇاڪاڻ تہ ماڻهو ايئن سوچيندو آهي، جيئن ان جي پنهنجي ذاتي توڙي گروهي ۽ قومي اجتماعي مفادن جي تقاضا هوندي آهي. ان لاءِ هرڪو ايئن سمجهندو آهي تہ ان وانگر ان جو خدا بہ ان جي مفادن جي حق ۾ آهي، جيئن اهو پاڻ پنهنجن ۽ پنهنجن قومي مفادن جي حق ۾ آهي. ماڻهن جون سوچون ۽ خيال سندن مفادن جا عڪس ۽ اولڙا ٿيندا آهن. جيڏا ماڻهن جا مفاد ننڍڙا ۽ ڪسيس هوندا آهن، ايڏا ئي سندن خيال ۽ سوچون ننڍڙيون ۽ ڪسيس هونديون آهن. ان ڪري اهو بلڪل ئي غلط خيال آهي تہ ماڻهو، گروهہ يا قومون سوچڻ ۽ سمجهڻ ۾ آزاد هوندا آهن، بلڪ ماڻهن، گروهن ۽ طبقن يا قومن جا خيال ۽ سوچون، انهن جي مفادن جي دائري اندر ئي ڦرندا گهرندا رهندا آهن.

اها ئي ڳالهہ آهي تہ ماڻهن ۽ گروهن يا قومن جي اهڙن خيالن ۽ سوچن مان ڪي حق ۽ سچ تي ۽ جائز هوندا آهن ۽ ڪي ڪوڙ ۽ ناحق تي ۽ ناجائز هوندا آهن. ڪي انصاف وارا هوندا آهن ۽ ڪي بي انصافيءَ وارا هوندا آهن. ڪي غلاميءَ جي سنگهرن ۾ سلهاڙيل هوندا آهن ۽ ڪي آزاد فضائن ۾ اڏامڻ جي تقاضا ڪندا آهن. ڪي غلام ڪرڻ لاءِ هوندا آهن ۽ ڪي آزاد ٿيڻ لاءِ هوندا آهن. هڪ امن ۽ انصاف پسند يا آزادي پسند، انسان کي خبر هوندي آهي تہ غلام ماڻهو، طبقا ۽ قومون آزاديءَ لاءِ سوچينديون ۽ لوچينديون آهن، ان ڪري انهن جون سوچون ۽ لوچون حق ۽ سچ ۽ انصاف واريون هونديون آهن پر ان جي ابتڙ حڪمرانُ ۽ بالادست ماڻهو، طبقا ۽ قومون، جيئن تہ پين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ماڻهن، طبقن ۽ قومن کي پنهنجو ماتحت ۽ غلام رکڻ گهرندا آهن، ان ڪري انهن جون سوچون ۽ لوچون، ڪوڙ ۽ ناحق ۽ بي انصافيءَ واريون هونديون آهن. جيئن گذريل ڇاونجاهہ سالن کان پنجابي قوم ۽ ان جي حڪمران طبقي جون سوچون ۽ لوچون محڪوم ماڻهن ۽ قومن ۽ خاص ڪري سنڌي قوم جي خلاف ڪوڙ ۽ ناحق ۽ ناانصافيءَ وريون آهن ۽ سنڌي ماڻهو ۽ قوم، جيئن تہ پنجاب جي سامراجي ۽ پرماري ڦرمار ۽ غلاميءَ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ چاهين ٿا، ان ڪري سنڌي قوم ۽ انَ جي ماڻهن جي اجتماعي سوچ ۽ لوچ حق ۽ سچ ۽ انصاف واري آهي.

ايئن قومن جو، قومي شعور، جيئن تہ انهن جي قومي مفادن جي صورتحال جي عڪاسي ڪندو آهي، ان ڪري هر حڪمران ۽ بالادست قوم جو قومي شعور ۽ قومپرستي هر حال ۾ جارحيت پسند ۽ شاونسٽ هوندي آهي، جيڪا ٻين قومن کي محڪوم ۽ غلام رکڻ چاهيندي آهي ۽ انهن جي استحصال ۽ ڦرمار کي جائز سمجهندي آهي. جڏهن تہ محڪوم ۽ غلام قومن جو قومي شعور ۽ قومپرستي هر حال ۾ ترقي پسند ۽ وطن دوست ٿيندي آهي، جيڪا محڪوميءَ ۽ غلاميءَ کان آزادي ۽ استحصال ۽ ڦرمار کان ڇوٽڪارو چاهيندي آهي. اهوئي سبب آهي جو حڪمران ۽ سامراجي قوم جي قومپرستي ۽ محڪوم ۽ غلام قوم جي قومپرستي، هڪ ٻئي جو لازمي طور ضد هونديون آهن. سامراجي قوم جي قومپرستيءَ جو حقيقي ضد، محڪوم ۽ غلام قوم جي قومپرستي هوندي آهي، ۽ محڪوم ۽ غلام قوم جي قومپرستيءَ جو ضد، سامراجي قوم جي قومپرستي يا شاونزم هوندي آهي. اهڙي قسم جا ضد، جتي هڪ ٻئي جا مخالف هوندا آهن، اتي هڪ کان علحدگيءَ جي سڃاڻپ بہ رکندا آهن. قومي غلاميءَ جي سڃاڻپ، سامراجي بالادستي هوندي آهي ۽ سامراجيت جي سڃاڻپ، قومي غلامي ۽ قومي محڪومي هوندي آهي. قومي غلامي سامراجيت کي ظاهر ڪندي آهي ۽ سامراجيت قومي غلاميءَ جي نشاندهي ڪندي آهي.

اهڙيءَ طرح اُهي هڪ ٻئي جا مخالف ضد، قومپرستيءَ جي توسيع پسنديءَ ۽ شاونزم کي بہ ظاهر ڪندا آهن تہ ان جي وطن دوستيءَ ۽ حب الوطنيءَ کي بہ ظاهر ڪندا آهن، جيڪا قومپرستي، پنهنجيءَ قوم جي وطن جي جاگرافيائي حدن جو تعين نہ ڪندي آهي، اها هر حالَ ۾ جارحيت پرست ۽ توسيع پسند قومپرستي هوندي آهي ۽ جيڪا قومپرستي پنهنجي وطن جي جاگرافيائي حدن جو تعين ڪندي آهي، اها لازمي طور وطن دوست ۽ محب وطن قومپرستي هوندي آهي؛ ڇاڪاڻ تہ وطن دوست قومپرستي نہ پنهنجي وطن ۽ قوم کي ٻيءَ قوم جو غلام ڏسڻ چاهيندي آهي ۽ نہ ٻين قومن کي پنهنجو غلام ڪرڻ چاهيندي آهي. نہ پنهنجي وطن جي وسيلن جو استحصال ڪرڻ ڏيندي آهي ۽ نہ ٻين قومن جي وطن جي وسيلن جو استحصال ڪرڻ گهرندي آهي. اهڙي قومپرستي نہ پنهنجي وطن جي جاگرافيائي حدن ۾ ڪنهن ٻيءَ قوم کي اکيون وجهڻ ڏيندي آهي ۽ نہ ڪنهن ٻيءَ قوم جي جاگرافيائي حدن ۾ پاڻ اکيون وجهندي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهي. اهڙي وطن دوست قومپرستي، پنهنجي وطن ۽ قوم کي بہ آزاد ڏسڻ چاهيندي آهي ۽ ٻين قومن ۽ انهن جي وطنن کي بہ آزاد ڏسڻ چاهيندي آهي. ان ڪري اهڙي قومپرستي حق ۽ سچ ۽ سچائي تي مبني هوندي آهي، ڇاڪاڻ تہ حقيقت جو صحيح ۽ سالم عڪس ئي سچ ۽ سچائي هوندي آهي، جيڪو سچ حقيقت سان مطابقت ۽ هم آهنگي رکندو آهي. اهوئي سچ، حقيقت جو صحيح ۽ سالم عڪس هوندو آهي ۽ قومي غلامي جيئن تہ ۱ هڪ حقيقت هوندي آهي، ان ڪري قومي غلاميءَ جو صحيح ۽ سالم عڪس، تاريخي ۽ سائنسي شعور جي حيثيت ۾ وڏو سچ هوندو آهي. ۽ اهو جدلياتي سچ هوندو آهي. جڏهن بہ ڪنهن غلام قوم جي قومي غلاميءَ جي حقيقت جو صحيح ۽ سالم عڪس تاريخي يا سماجي شعور جي شڪل اختيار ڪندو آهي تہ اهو انهيءَ قوم جو حقيقي قومي يا قومپرست شعور ٿي پوندو آهي؛ جيڪو انهيءَ قوم جي سياسي ۽ اقتصادي مفادن جي هم آهنگيءَ جو شعور هوندو آهي ۽ جڏهن بہ ڪنهن قوم جو قومي شعور، ان جي عوام جي اڪثريت جو شعور ٿيندو آهي، تہ اهو مادي قوت ۾ تبديل ٿي ويندو آهي، ان ڪري اهو انهيءَ قوم جي قومي تڪميل جي ضرورت ٿي پوندو آهي. نتيجي ۾ اها قوم نہ صرف حقيقي قوم جي شڪل اختيار ڪندي آهي، پر پاڻ کي هڪ عملي قوم بہ ثابت ڪندي آهي. رهبر سنڌ سائين جي. ايم. سيد لکيو آهي؛ "اها حقيقت آهي تہ سنڌ جا رهاڪو هڪ علحدہ قوم جي سڏرائڻ جا حقدار آهن، پر ان ڳالهہ کان بہ انڪار نہ آهي، تہ هڪ فعال، باغيرت، ۽ يڪجهت قوم بنجڻ لاءِ، جنهن قومي عصبيت جي ضرورت ٿئي ٿي، اها انهن ۾ اڃان پيدا ٿي نہ سگهي آهي. انهيءَ ۾ ملان، پير، وڏيرو ۽ غلام ذهنيت مڊل ڪلاس جي اڪثريت رڪاوٽ آهي، جنهن کي دور ڪرڻ جي اشد ضرورت آهي."(11)

قومپرستي، سماجي شعور جي شڪل جي حيثيت ۾، پنهنجيءَ قوم جي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتن جو صحيح ۽ سالم عڪس هوندي آهي. جيڪڏهن قوم جون سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتون، غلاميءَ ۽ محڪوميءَ جي استحصال جون شڪار آهن. تہ انهيءَ قوم جي قومپرستي لازمي طور وطن دوست ۽ سامراج دشمن ٿيندي آهي، پر جي قوم جون سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتون، سامراجي استحصال ڪندڙ ۽ پرماري آهن تہ انهيءَ قوم جي قومپرستي لازمي طور توسيع پسند ۽ شاونسٽ ٿيندي آهي. اهڙي قومپرستي، انهيءَ جارح قوم جي سامراجي ۽ توسيع پسند سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتن جو صحيح ۽ سالم عڪس هوندي آهي، جو تہ ماڻهو ۽ گروهہ يا قومون، انفرادي توڙي اجتماعي طور ايئن سوچينديون آهن، جيئن انهن جي مفادن جي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي مادي حالتن جي تقاضا ۽ گهرج هوندي آهي. جيئن هڪ ترقي پسند دانشور مجڻ جي باوجود، ڊاڪٽر مبارڪ چوي ٿو؛ "هر قسم جي قومپرستي دهشتگردي آهي." اهو ان جو نہ صرف ارهہ زورائي وارو ڪوڙ آهي پر پنجابي توسيع پسند قومپرستيءَ جو عڪس بہ آهي. ۽ اهو پنجاب جي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي سامراجي حالتن جو نجو پچو عڪس آهي. ڇاڪاڻ تہ محڪوم ۽ غلام قومن جي قومپرستي،



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پنجابي قوم جي توسيع پسند ۽ سامراجي مفادن جي خلاف مزاحمت ڪندڙ قومپرستي آهي، جيڪا ڊاڪٽر مبارڪ جي پنهنجي توسيع پسند خيالن جي خلاف هڪ وڏي للڪار آهي. ان ڪري لازمي طور ان جي خيالن ۽ سوچ جي تضاد يا ٽڪراءَ ۾ آهي ۽ اها ڳالهه لازمي طور، ان جي توسيع پسند ذهن جي برداشت کان ٻاهر آهي ۽ هو اُنهيءَ پنهنجيءَ توسيع پسند ذهنيت جو اظهار سنڌ ۾ اچي، سنڌ جي مظلوم قوم جي قومپرستيءَ جي خلاف نفرت واري انداز ۾ ڪري ٿو. ڇاڪاڻ ته ايئن سوچڻ ان جي پنهنجي معاشي مفادن جي مجبوري آهي، ۽ اهو ان لاءِ هڪ قسم جو تاريخي جبر آهي، جيڪو هڪ ظالم ۽ جابر يا حڪمران قوم جي فرد لاءِ لازم آهي ته اهو پنهنجي انهيءَ تاريخي ۽ اقتصادي جبر جو اظهار اهڙي شاونسٽ انداز ۾ ڪري. جيئن مولانا فضل الرحمان جي پنجاب نوازي ڪالا باغ ڊيم ۽ ٿل ڪئنال خلاف سنڌ جي قومي مزاحمت جي ٽڪراءَ ۾ آهي، تيئن ڊاڪٽر مبارڪ جي پنجاب دوستي سنڌي مظلوم قوم جي قومپرستيءَ جي تضاد ۾ آهي. ڇاڪاڻ ته انسان باوجود ترقي پسند ذهن رکڻ جي، نه چاهيندي به ايئن سوچڻ تي مجبور رهندو آهي، جيئن ان جي ذاتي، گروهي ۽ طبقاتي يا قومي مفادن جي تقاضا هوندي آهي.

ڪڏهن ڪڏهن ماڻهوءَ جا انفرادي يا اجتماعي طبقاتي خيال، اجتماعي قومي خيالن تي حاوي ٿي ويندا آهن ته ڪڏهن اجتماعي قومي خيال، انفرادي يا اجتماعي طبقاتي خيالن تي حاوي ٿي ويندا آهن. ڪڏهن وري ماڻهوءَ جا انفرادي ذاتي خيال، اجتماعي طبقاتي ۽ قومي مفادن تي حاوي ٿي ويندا آهن، اها ضدن جي جدليات آهي، ۽ ضد هڪٻئي ۾ تبديل ٿيندا رهندا آهن. خاص حالتن ۾، شين جي اندرين پاسن مان ڪو هڪ پاسو، پنهنجي ابتڙ پاسي يا ضد ۾ بدلجي ويندو آهي ۽ پنهنجيءَ حيثيت ڪي پنهنجي ضد جي حيثيت ۾ بدلائي ڇڏيندو آهي. مثال هڪ غلام قوم، جيڪا اڳ ۾، محڪوم ۽ غلام حيثيت ۾ هوندي آهي، انقلاب يا قومي آزاديءَ جدوجهد جي ذريعي پاڻ کي هڪ آزاد ۽ خودمختيار قوم ۾ بدلائي ڇڏيندي آهي ۽ ان جي مخالف حڪمران ۽ سامراجي قوم، اڳ ۾ بالادست ۽ غالب حيثيت ۾ هوندي آهي، سا پوءِ حڪمران يا سامراجي قوم نه رهندي آهي. ابتڙن جي اها جدليات ترقيءَ جو موجب بڻجندي آهي. ضدن جي مٺاسڻا جو اهو مثال جنگ ۽ امن ۾ به ڏسڻ ۾ ايندو آهي. جنگ ۽ امن پاڻ ۾ بدلجندا رهندا آهن؛ ڪڏهن جنگ امن ۾ بدلجي ويندي آهي، ۽ ڪڏهن امن جنگ ۾ بدلجي ويندو آهي.

ايئن مفادن جي تبديلي به ٿيندي آهي، ڪڏهن طبقاتي مفاد، قومي مفادن ۾، ڪڏهن قومي مفاد طبقاتي مفادن ۾ يا ڪڏهن ذاتي مفاد، طبقاتي قومي مفادن ۾ ۽ قومي ۽ طبقاتي مفاد، ذاتي مفادن ۾ بدلجي ويندا آهن. پر اهو طئه آهي ته انفرادي مفاد اجتماعي مفادن جي ڀيٽ ۾ خود غرض مفاد هوندا آهن، ان ڪري رجعت پرست هوندا آهن ۽ ايئن ڪڏهن طبقاتي مفاد، قومي مفادن جي ڀيٽ ۾ رجعت پرستيءَ جي شڪل



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

طور ٽڪراءُ وڏي ويندو آهي. برطانيا، فرانس، جرمنيءَ ۽ اٽليءَ کي اهڙين گهڻ قومي رياستن (يا سوويت يونين، هندستان ۽ پاڪستان وغيره) جو مثال پيش ڪري سگهجي ٿو. ٻئي طرف جيڪي پراڻيون گهڻ قومي رياستون هيون، جيئن روس، آسٽريا ۽ هنگري وغيره، جيڪي اڳ کان وڌيڪ زور ۽ زبردستيءَ سان پنهنجي رياستي نظام کي قائم رکڻ لاءِ دستور موجب ڪمزور قومن کي محڪوم ۽ غلام رکڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيون آهن ۽ پنهنجين رياستن جي سرحدن کي اڃا وڌيڪ وڌائي ۽ وسيع ڪري رهيون آهن ۽ ٻين قومن کي محڪوم ۽ غلام ڪري رهيون آهن. جيئن زار جي زماني جي روس جون سرحدون وڌائي، پاڙيسري ملڪن لاءِ خطرا پيدا ڪيا ويا هئا. جنهنڪري قومن جو مسئلو وڏي بيٺڪي مسئلو بنجي ويو آهي. اڳ ۾ اهو مسئلو صرف هڪ قوم جوءِ ٻيءَ قوم تي ڏاڍ ڏمر ۽ ڦرمار جو سوال هو، جيڪو ڪنهن رياست جو اندروني مسئلو هو، پر هاڻي اها صورتحال بين الاقوامي بنجي وئي آهي. ڇاڪاڻ ته هرڪا وڏي ۽ سامراجي قوم، ٻين ڪمزور قومن کي محڪوم ۽ غلام ڪرڻ چاهي ٿي، ۽ ايئن هڪڙيءَ قوم تي ٻيءَ قوم جي حڪمرانيءَ جو مسئلو وڏي دنيا جي مختلف قومن ۽ ملڪن ۾ جنگ جي صورتحال اختيار ڪري ويو آهي. جيڪي ٽڪراءُ اڳ ۾ رڳو رياستن جي سرحدن اندر هئا، سي هاڻ بين الاقوامي ٽڪرائن ۽ عالمي جنگين ۾ بدلجي ويا آهن." (15)

اهڙيءَ طرح پاڪستان به هڪ گهڻ قومي سامراجي رياست آهي، جيڪا رياست جي سرحدن اندر واڙيل مظلوم ۽ محڪوم قومن کي غلام ڪيو ويٺي آهي. ان ڪري پاڪستان جي رياست جي سرحدن ۾ واڙيل مظلوم ۽ محڪوم قومن جو مسئلو صرف رياست جو اندروني مسئلو ڪونه آهي، پر اهو هڪ بين الاقوامي ۽ عالمي مسئلو آهي ۽ اُنهيءَ جو نبيرو به بين الاقوامي حوالي سان ممڪن آهي. ڇاڪاڻ ته مظلوم ۽ محڪوم قومن جو غلاميءَ مان ڇوٽڪارو انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪونه آهي.

# قومي تڪميل جي ترقيءَ جي تشڪيل

قومي تحريڪ جي ترقي پسنديءَ جو تعين، ان جي پنهنجي ملڪي ۽ قومي صورتحال جي معروضي قوتن جي ڪردار مان ٿيندو آهي. قومي آزاديءَ جي تحريڪ يا جدوجهد معروضي حالتن جي پيداوار هوندي آهي. جيڪي (معروضي حالتون) اُنهيءَ قوم جي قومي تڪميل جي تاريخي ضرورت جو تعين ڪنديون آهن، يعني قوم جا صالح ۽ صحتمند تاريخي عنصر يا جُزا، ان جي دائمي ۽ آفاقي سچائيءَ جو تعين ڪندا آهن ۽ جيڪي قوم جي آزاديءَ جي پورٽتا ۾ ترقي پسند ڪردار ادا ڪندا آهن، ڇو ته اهي ڏاڪي به ڏاڪي پيچ در پيچ نئين معياري صفت جا جُزا ڳنڍ ڪندا ويندا آهن ۽ پراڻيءَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

صفت جا جزا ڇنڊبندا ڇاڻيندا ۽ ڇڏيندا ويندا آهن. پر پوءِ به معياري تبديلي مقداري تبديليءَ جي پيٺ ۾ گهٽي تڪڙي ۽ ٽپ ڏيندي ويندي آهي. پهرئين مرحلي ۾ پراڻي معياري صفت جي ڪا هڪ خاصيت تبديل ٿيندي آهي ۽ پوءِ ٻين، ٽين، چوٿين خاصيت جي تبديلي ٿيندي آهي ۽ اهڙي طريقي سان اهو سلسلو ايستائين جاري رهندو آهي، جيستائين پراڻي معياري صفت سڄي ساري هڪ بلڪل نئينءَ معياري صفت ۾ تبديل ٿي ويندي آهي. جنهن ڪان پوءِ انهيءَ ۾ اوچتو هڪ انقلابي ڇال ايندو آهي، جيڪو پراڻيءَ معياري صفت جي بنياد ۾ ٿي هڪ وڏو ڪاپاري رخنو يا رڪاوٽ وجهندو آهي ۽ شيءِ جي جوهر کي بدلائي ڇڏيندو آهي. هڪ سماجي يا آزاديءَ جو انقلاب پراڻي سامراجي نظام مان سماجي يا قومي آزاديءَ جي انقلاب ۾ ظاهر ٿيڻ جو اهوئي طريقو آهي. جيڪو غلام قوم يا سماج کي غلاميءَ جي پراڻي صفت مان ڪڍي مڪمل قومي آزاديءَ جي معياري انقلابي صفت ۾ بدلائي ڇڏيندو آهي. اهڙيءَ طرح قومي آزاديءَ جو انقلاب ئي قوم جي تڪميل ڪندو آهي. انهيءَ جي لاءِ قومي آزاديءَ جي هر اول دستي جون قوتون ئي حقيقي انقلابي ۽ ترقي پسند ڪردار ادا ڪنديون آهن، پر جيڪي قوتون، قومي آزاديءَ جي انقلابي جدوجهد ۾ رڪاوٽ وجهنديون آهن؛ سي لازمي طور رجعت پرستيءَ جو ڪردار ادا ڪنديون آهن. ڇاهي اهي سوشلسٽ يا ڪميونسٽ قوتون ئي ڇو نه هجن، بقول اسٽالن جي: ”جيڪڏهن ڪا قوم غير ملڪي سامراج خلاف جدوجهد ڪندڙ آهي، ته انهيءَ جي انقلابي هجڻ لاءِ ضروري نه آهي ته اُنهيءَ جدوجهد ۾ پورهيت طبقو ئي شامل هجي، يا اڳواڻي ڪندڙ هجي. اهو به ضروري نه آهي ته اهڙي قومي تحريڪ ڪو انقلابي ۽ جمهوري پروگرام رکندي هجي ۽ نه ئي اهو ضروري آهي ته اها تحريڪ جمهوري بنيادن تي قائم ڪئي وئي هجي.“ (16)

ترقي پسند ۽ رجعت پرست يا انقلابي ۽ غير انقلابي سياسي صورتحال جو تعين، هر ملڪ يا قوم جا ترقي پسند ۽ رجعت پسند مفاد ڪندا آهن، ۽ ترقي پسند ۽ رجعت پسند مفادن جو تعين، تاريخي قوتن جي تعين مان ٿيندو آهي ۽ ملڪ ۽ قوم جي تاريخي قوتن جو تعين، انقلاب يا آزاديءَ جي جدوجهد جي اڳواڻ دستي جي تعين مان ٿيندو آهي، جن جا مفاد ملڪ ۽ قوم جي مفادن سان هم آهنگي اختيار ڪري ويندا آهن. اهي ئي انقلابي يا ترقي پسند تاريخي قوتون به هونديون آهن ۽ انقلاب ۽ آزاديءَ جي جدوجهد جي هر اول دست جو ڪردار به ادا ڪنديون آهن. ڇو ته اُهي ئي قومي آزاديءَ جي تحريڪ جي اڳواڻي ڪرڻ جي لائق هونديون آهن ۽ تاريخ جي ڦيٿي کي ڦيرائڻ جي قابل هونديون آهن.

جيئن جيئن سرمائيداري ترقي ڪرڻ لڳندي آهي، تيئن تيئن ان جي پيٺ مان قومي آزاديءَ جي تحريڪ جو مالڪ قومي سرمائيدار طبقو پيدا ٿي اسرڻ لڳندو آهي، جيڪو پير ڪوڙي مستقل مزاجيءَ سان قومي تحريڪ جي اڳواڻي ڪندو آهي؛ ڇاڪاڻ ته اُنهيءَ طبقي جا قومي آزاديءَ جي انقلاب ۽ قومي رياست جي بحاليءَ ۾ مستقل فطري



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

انڪاريت (Nihilism) جي يوٽوپيا يا خيال پرست سامراجي بين الاقواميت جي سگهي خواهش آهي. جاڪاڻ ته آزاد ۽ خودمختيار قومن جي بين الاقواميت پسندي ۽ قومي انڪاريت ۾ ڪا به هڪ ڪرائي ڪانه آهي. اهڙي قومي انڪاريت قومن جي وجود جي انڪاري آهي ۽ قومن جي رهڻي ڪهڻي ۽ خاص خط و خال، ثقافت ۽ قومي احساسن ۽ امنگن جي انڪاري آهي. پر آزاد ۽ خودمختيار قومن جي بين الاقواميت وڌندڙ ۽ ترقي ڪندڙ تهذيب ۽ ثقافت ۾ مربوط هم آهنگي پيدا ڪندي. هر قوم جي قوت حيات کي سجاڳ ڪندي ۽ هرهڪ قوم ۾ برابريءَ وارو بين الاقوامي اتحاد پيدا ڪندي. ان لاءِ ضروري آهي "ته سمورين قومن جي تهذيب کي وڌڻ ويجهڻ ۽ ترقي ڪرڻ ۽ پنهنجين اندروني لڪل خوبين ۽ خاصيتن کي ظاهر ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي، ته جيئن اهڙيون حالتون پيدا ٿي سگهن، جن تحت سموريون قومي تهذيبون هڪ عالمگير تهذيب جي تعمير ڪري سگهن." (18)

چوندا آهن ته "تڪڙي ڪتي انڌا ڄڻيا". ان ڪري تُرت ۽ تڪڙي بين الاقواميت جي خواهش قومي انڪاريت تي مبني سامراجيت پيدا ڪندي. جاڪاڻ ته گهربل مقداري واڌ کان سواءِ معياري بين الاقواميت قائم ٿي نه سگهندي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ايتروڻي وڏيڪ ان جي پنهنجن طبقاتي مفادن جي حفاظت ٿيندي آهي، ڇاڪاڻ تہ اُنهيءَ جا مفاد، قومي مفادن جي حفاظت سان مشروط هوندا آهن.

...

ڪنهن بہ طبقي جي طبقاتي مفادن جي ترقي پسنديءَ ۽ رجعت پسنديءَ جو تعين، اجتماعي قومي مفادن جون معروضي حالتون ڪنديون آهن. پر جيئن ڪن سنڌي ماڻهن جي خواهش آهي تہ آصف زرداري بہ قومي سرمائيدار جو،ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو؟ ۽ اسان جو تجزيو آهي تہ قومي سرمائيدار جو ڪردار، تاريخ ان جي مقدر مان ئي خارج ڪري ڇڏيو آهي. ڇاڪاڻ تہ ان جا طبقاتي توڙي ذاتي مفاد، رجعت پرست ۽ قوم دشمن ٿي چڪا آهن. هو چاهيندي بہ اهو ڪردار ادا ڪري نٿو سگهي ۽ نہ پنهنجن طبقاتي مفادن کي سنڌ جي اجتماعي قومي مفادن سان هم آهنگي ڪري ٿو سگهي. جيئن ذوالفقار علي ڀٽو ۽ بينظير پنهنجن طبقاتي مفادن کي سنڌ جي قومي مفادن سان ڪڏهن بہ جوڙي ڪونہ سگهيا. اهو تاريخي جبر آهي ۽ اهو جاگيردار طبقي جو مقدر ٿي چڪو آهي. جنهن ڪان انهن جو ڇوٽڪارو ممڪن ڪونہ آهي ۽ نہ انهن جي اهو اختيار ۾ آهي. آصف زرداري يا سنڌ جي جاگيردار طبقي مان ڪو بہ فرد، وطن دوست يا ترقي پسند ڪردار صرف تڏهن ادا ڪري سگهي ٿو، جڏهن اهو پنهنجن طبقاتي ۽ ذاتي مفادن تان هٿ ڪڻندو ۽ سنڌ جي قومي آزاديءَ جي جدوجهد ڪندو. جيئن رهبر سنڌ سائين جي.ايم. سيد پنهنجن ذاتي توڙي طبقاتي مفادن تان هٿ ڪڻي، نہ صرف سنڌ جي قومي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪئي پر ذهني ۽ فڪري طور مڪمل طور پاڻ بہ پتوڙيندو رهيو. آصف زرداري اربين رپيا چورائي ٻاهرين ملڪن ۾ سري محل ۽ بئنڪ بيلنس تہ ٺاهي سگهي ٿو، پر قومي تحريڪ تي پنج ڪروڙ بہ خرچ ڪري نٿو سگهي ۽ ايئن پنهنجن ذاتي مفادن لاءِ سڄي عمر جيل ۾ تہ گذاري سگهي ٿو، پر قومي جدوجهد ڪندي هڪ سال بہ جيل ۾ نٿو وڃي سگهي. ڇاڪاڻ تہ کيس خبر آهي تہ جيڪڏهن هو سنڌ جي قومي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪندو تہ ان جا طبقاتي ۽ ذاتي مفاد بچي ڪونہ سگهندا ۽ جي پنهنجا طبقاتي ۽ ذاتي مفاد بچائيندو تہ قومي آزاديءَ جي جدوجهد ڪري ڪونہ سگهندو. آصف زرداريءَ جي طبقاتي يا ذاتي مفادن ۽ سنڌ جي قومي مفادن ۾ ايتري ابتڙائي آهي، جيتري زندگيءَ ۽ موت جي وچ ۾ ابتڙائي آهي.

جاگيردار طبقي جا طبقاتي يا ذاتي مفاد صرف تڏهن، بچي سگهندا، جڏهن اهو سنڌ جي قومي مفادن تي سودي بازي ڪندو ۽ سنڌ جي قومي مفادن تي جيتري وڏيڪ سودي بازي ڪندو، ايترائي پنهنجا طبقاتي ۽ ذاتي مفاد بچائي سگهندو. ڇاڪاڻ تہ اُنهيءَ جا طبقاتي توڙي ذاتي مفاد، سماجي ڪردار جي لحاظ کان رجعت پرستي اختيار ڪري چڪا آهن. ان جي ڀيٽ ۾، جيڪڏهن آصف زرداريءَ جي بجاءِ قومي سرمائيدار، جيئن مثال: فاروق ستار آهي، تہ اُنهيءَ جو ڪردار ترقي پسند يا وطن دوست ٿي سگهي ٿو ۽ ان جا اڀرندڙ سرمائيدار طبقاتي مفاد، سنڌ جي قومي مفادن سان هم آهنگي اختيار



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪري سگهن ٿا، ڇاڪاڻ تہ ڪيس خبر آهي تہ ان جا سرمائيدار طبقاتي مفاد تڏهن، (سنڌ جي سرمائيدار جي حيثيت ۾) بچي ۽ سلامت رهي سگهن ٿا، جڏهن سنڌي قوم جا اجتماعي قومي مفاد بچي ۽ سلامت رهي سگهن ٿا. ان ڪري هو سياسي يا قومي جدوجهد ۾، جيترا سنڌ جا قومي مفاد بچائيندو. ايترائي پنهنجا سرمائيدار طبقاتي مفادن جو بچائي سگهندو.

جڏهن بہ تاريخ ڪنهن طبقي جي ترقي پسند مفادن جو تعين ڪندي آهي، تہ ان جي مفادن کي وطن ۽ قوم جي اجتماعي قومي مفادن سان ڳنڍيي ۽ مشروط ڪري ڇڏيندي آهي، پر جڏهن ان جي مفادن جي رجعت پسنديءَ جو تعين ڪندي آهي تہ، ان جي مفادن کي وطن ۽ قوم جي مفادن جي تضادن ۾ آڻي ڇڏيندي آهي ۽ ڪانٽس وطن دوستيءَ ۽ قومپرستيءَ جو ڪردار کسي، قوم دشمن صفن ۾ ڌڪي ڇڏيندي آهي. سائين جي. ايم. سيد لکيو آهي: ”سنڌ جي متئين طبقي (جاگيردار ۽ وڏيري) جي ماڻهن جي روزمره جي ڪارگذاريءَ تي نظر ڪنداسين تہ معلوم ٿيندو تہ ڪيئن نہ هرڪنهن کي خود مطلبي جو مرض وڪوڙي ويو آهي. هرڪنهن کي پنهنجي سِرَ، خاندان ۽ خويش جي ڳڻتي آهي. قوم، ملڪ ۽ عوام جي فائدي جي نقطہ نگاهہ کان ڪين ڪنهن بہ ڳالهہ جي ڏسڻ جي سُتي پيل ڪانہ آهي. ڪامورو سرڪار ۽ عوام کي ڦري پنهنجو پيٽ ڀري ٿو، زميندار هاريءَ ۽ سرڪار جي مال تي پاڻ کي مالا مال ڪرڻ جي درپي آهي. واپاري پنهنجي نفي لاءِ چور بازاري، اگهن جي واڌاري ۽ ملاوت ڪري ۽ تور- ماپ ۾ ٺڳي ڪري عام ماڻهن کي نقصان پهچائي پاڻ کي شاهوڪار ڪرڻ چاهي ٿو. سياستدان قوم ۽ ملڪ جي ترقيءَ کان پنهنجيءَ ذاتي طاقت ۽ ملڪيت کي وڌائڻ کي وڌيڪ پسند ڪري ٿو. نتيجو اهو نڪتو آهي تہ هر فرد ۾ خودغرضي ڪاهي پيئي آهي. جنهن قوم جي فردن ۾ قومي ۽ ملڪي نفي ۽ نقصان جي ڳالهين کي ڏسڻ جي عيوض شخصي فائدي ڏسڻ جو مرض ڦهلجي وڃي ٿو، انهيءَ قوم وٽ نہ نصب العين ٿئي ٿو ۽ نہ اها قوم هن تنازع البقا جي دنيا ۾ صالح ۽ مستحڪم قومن جي پيٽ ۾ جٽاءُ ڪري سگهي ٿي.“ (20)

•••

جيئن جاگيرداري دور جو سماجي شعور، قوميتي يا ثقافتي شعور جي عڪاسي ڪندو آهي، تيئن سرمائيداري دور جو شعور، جديد شهري تهذيب يا قومي شعور جي عڪاسي ڪندو آهي ۽ جاگيرداري سماجي شعور، جيئن جيئن پسپائي اختيار ڪندو آهي، تيئن تيئن اُنهيءَ ۾ ثقافتي شاونزم ۽ لساني تنگ نظري وڌندي ويندي آهي. ان جي پيٽ ۾ جديد قومي شعور، جيئن جيئن سياسي ۽ اقتصادي مفادن جي هم آهنگي اختيار ڪندو آهي، تيئن تيئن اُنهيءَ ۾ قومپرستيءَ جي ڪري سيڪيولرزم ۽ وطن دوست رواداري وڌندي آهي، ۽ جاگيرداري قوميتي شعور ۽ سرمائيداري قومي شعور، جيئن تہ پنهنجي پنهنجي تاريخي دور جي حوالي سان متضاد مفادن جي عڪاسي ڪندا آهن، ۽ متضاد سماجي ۽ اقتصادي حالتن جي ترجماني ڪندا آهن، ان ڪري اُنهن جو پاڻ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

حڪمرانن جي حڪمرانيءَ يا بادشاهن جي بادشاهيءَ لاءِ وڏ ۾ وڏ قربانيون ڏيندو آهي.

ان دور جي حڪمران ۽ بادشاهه کي به پليءَ پٽ پروڙ هوندي آهي ته جيستائين وطن ۽ قوم جي آزادي سلامت آهي ته سندس حڪمراني يا بادشاهي به سلامت آهي ۽ جي وطن ۽ قوم جي آزادي سلامت نه آهي ته ان جي حڪمراني يا بادشاهي به سلامت رهي نه سگهندي. اُنهيءَ ڪري اهي وطن ۽ قوم جي آزاديءَ جي سلامتيءَ لاءِ سِر ڌڙ جي بازي لڳائي وڙهندا آهن ۽ پنهنجيءَ قوم جي عوام سان گڏجي وڙهندا به آهن ته مرندا به آهن. راجا ڏاهر، دودي سومري ۽ دولهه دريا خان وغيره جون شهادتون، اُنهن جي وطن دوستيءَ ۽ قومپرستيءَ جو ثبوت آهن. ڇاڪاڻ ته اهڙيءَ طرح انهيءَ دور جي حڪمران يا بادشاهه جي حڪمرانيءَ ۽ بادشاهيءَ جا مفاد ۽ وطن ۽ قوم جي آزاديءَ جا مفاد پاڻ ۾ هم آهنگ ۽ مشروط ٿي ويندا آهن. حڪمران جي حڪمرانيءَ يا بادشاهه جي بادشاهيءَ جا مفاد، وطن ۽ قوم جي آزاديءَ سان مشروط هوندا آهن ۽ وطن ۽ قوم جي آزاديءَ جا مفاد، حڪمران جي حڪمرانيءَ ۽ بادشاهه جي بادشاهيءَ جي سلامتيءَ سان مشروط هوندا آهن. اها انهيءَ دور جي وطن ۽ قوم جي آزاديءَ جي سلامتي ۽ بقا جي معاشرتي جدليات آهي. انهيءَ مشروطيت ۽ هم آهنگيءَ کان سواءِ انهيءَ دور جي وطن ۽ قوم جي آزاديءَ جي سلامتي قائم رهي ڪانه سگهندي هئي، ۽ اهائي انهيءَ دور جي حڪمران طبقي جي وطن دوستي به هئي ته ترقي پسندي به هئي ۽ اهائي اُنهيءَ دور جي حب الوطنيءَ جي جدليات به هئي. جنهن مطابق جتي حڪمران طبقو، پنهنجي وطن ۽ قوم جي قومي مفادن ۽ آزاديءَ سان سچو رهندو هو، اُتي عوام به پنهنجي سماجي شعور جي سچائيءَ سان سچو ۽ وفادار رهندو هو.

...

جيڪو سماجي نظام حاوي صورت ۾ هوندو آهي، عوام جي اڪثريت انهيءَ سماجي شعور سان سچي رهندي آهي. اصل ۾ اهوئي سبب آهي جو سنڌي عوام گذريل ڪيتري عرصي کان پ پ جي سياسي پليٽ فارم تي جاگيرداري سماجي شعور سان وفاداريءَ جو اظهار ڪندو رهيو آهي. ايتري تائين جو قومي مفادن جي هم آهنگيءَ جي ترجمان نعري "جيئي سنڌ" کي ڇڏي، جاگيرداري خانداني ذاتي ملڪيت جي ترجمان نعري "جيئي ڀٽو" جي چوڌاري متحد ٿيندو رهيو آهي، نتيجي ۾ قومي حقن يا مفادن جي حاصلات ته پري رهي، رهندو سنڌي قوم جي سياسي ۽ اقتصادي ۽ ثقافتي غلامي وڌيڪ گهري ۽ مضبوط ٿيندي رهي آهي. ڇاڪاڻ ته سنڌي جاگيردار طبقو، پنهنجي دور جي وطن دوست ۽ ترقي پسند عمر ڪائي ڪپائي مردار ٿي چڪو آهي، جنهن ڪري قومي مزاحمت واري طاقت وڃائي چڪو آهي ۽ صرف جاگيرداري ثقافتي شاونزم ۽ تنگ نظريءَ تي ٽڪيل رهيو آهي. جنهن سنڌي قوم کي اجتماعي قومي مفادن جي هم آهنگيءَ کان بيگانو ۽ قومي تحريڪ کان پري ڪري ڇڏيو آهي. سائين جي. ايم. سيد لکيو آهي: "سنڌ ۾ جاگيرداري ۽ زميناري سرشتي هئڻ ڪري، اُنهيءَ طبقي جي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سچيءَ سياست جو محور، ذاتي مفادن ۽ شخصي اقتدار جي چوڌاري ڦرندو رهي ٿو. قوم، وطن ۽ اجتماعي فائدي ۽ نقصان جو احساس، اُنهيءَ طبقي جي ماڻهن ۾ پيدا ڪونه ٿو ٿئي، تنهنڪري اخلاق، اصول، پارٽي، ملڪ ۽ قوم جي مفادن سان سندن واسطو ئي ڪونه ٿو رهي. سندن واعدن تي ڪو اعتبار ڪونه آهي. اِنهن جا جهڳڙا ۽ تڪرار محض ذاتيات تي مجن ٿا، ڏيڻ جي پڪيءَ وانگر هو سڪ جا سانگي آهن. جي ڪڏهن هڪ هنڌ ۽ ڪڏهن ٻئي هنڌ؛ زور ۽ لالچ تي هر شيءِ ڇڏڻ لاءِ تيار آهن. اهڙي ماحول ۽ اڳواڻيءَ ۾ سنڌ ۽ سنڌي قوم جا مفاد ڪيئن سلامت رهندا؟ ان جو هرڪو اندازو ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن سنڌ کي بچائڻو آهي، ته عوام ۾ اصولن ۽ اخلاق جي بنياد تي اجتماعي قومي مفادن جو احساس پيدا ڪرڻو پوندو. سنڌ جي جاگيردار طبقي جي ذاتي سياست ۽ قومي مفاد هڪ ئي وقت گڏ هلي ڪونه سگهندا. انهيءَ طبقي جي تباهيءَ ۾ ئي سنڌ جو بچاءُ آهي. ڇاڪاڻ ته سنڌ جي قومي حقن جي حفاظت ۽ ملڪي ترقيءَ جي واسطي جدوجهد ڪرڻ لاءِ انهيءَ طبقي مان ڪوبہ اعتبار جوڳو ڪونه آهي."(22)

سنڌ جي قومي تحريڪ جي ڪمزوريءَ جو سبب بہ اهوئي آهي، جو سنڌ جي معاشي طاقت اڃا تائين جاگيردار طبقي وٽ آهي، جيڪو سنڌ جي قومي قوتن کي وقت بوقت ٽوڙيندو بہ رهي ٿو ۽ انهن کي ڌارئين سامراج کان ڪچلرائيندو بہ رهي ٿو ۽ ايئن هو آسانيءَ سان ڪندو رهي ٿو ۽ پنهنجا طبقاتي مفاد بچائيندو رهي ٿو ۽ پاڻ کي مردار ثقافتي شاونزم جي پاڇي پويان لڪائيندو رهي ٿو. اُنهيءَ جاگيرداري ثقافتي شاونزم جو شڪار، نہ صرف عام سنڌي ماڻهو ٿيو آهي پر پڙهيل ڳڙهيل سنڌي اديب ۽ دانشور بہ ٿيو آهي تہ پراڻو قدامت پسند ڪامريڊ ۽ ڪميونسٽ بہ ٿيو آهي. جيڪو سوويت سوشلزم جي اُنهدام کان پوءِ انسان دوستيءَ ۽ ترقي پسنديءَ کي تہ ڇڏي چڪو آهي پر وطن دوستيءَ ۽ قومپرستيءَ جي مخالف سوشل شاونزم کي اڃا تائين چنبڙيو پيو آهي. جيئن عظيم جرمن فلسفي هيگل جمهوريت دشمنيءَ جي تعصب ۾ شهنشاهيت پرستيءَ جو شڪار ٿي ويو هو. تيئن سنڌي قوم جا اديب ۽ دانشور تاريخي شعور جي سچائي ۽ قومي شعور جي حقيقت پسند آگاهي وچائي ثقافتي شاونزم جو شڪار ٿي ويا آهن. ان ڪري اهي ماڻهو، اُنهيءَ احمق جي مثال آهن، "جيڪو وڻ جي ڏار تي ويهي، ان کي پاڙ کان وڍڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ ڏار جي ڪپجي ڪرڻ سان پاڻ بہ اُن سان گڏجي هيٺ اچي ڪرندو آهي."

...

جيڪو ماڻهو تاريخي شعور جي سچائي وچائي ويهندو آهي، اهو قومي شعور جي حقيقت پسند آگاهي بہ نٿو رکي سگهي. نہ وري ان جي صحيح سمت جو تعين ڪري سگهي ٿو. ڇاڪاڻ تہ اهو تاريخي شعور جي قومي شڪل يعني جديد سياسي ۽ اقتصادي مفادن جي وحدت يا هم آهنگيءَ جي جدليات کي سمجهي نٿو سگهي. اهو باشعور يا سجاڳ ذهن هجڻ جي باوجود قومي مفادن جي سياست جو صحيح تعين ڪري نٿو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سگهي ۽ نہ قومي جدوجهد جي صحيح واٽ ڳولهي سگهي ٿو. بلڪ جاگيرداري شعور جي سُري ڪاڏل سياسي مرڪزيت جي سرگرمين جي سنگهرن ۾ سلهاڙجي وطن ۽ قوم جو وڏو ويري ٿي پوندو آهي ۽ ان جا سياسي ۽ سماجي تجزيا ۽ اڳ ڪٿيون معروضي حقيقتن کان هٽيل ۽ اجايون هونديون آهن. ڪيس پنهنجن ئي ورجايل ڳالهين جي هر هر ترديد ڪرڻي پوندي آهي. پوءِ بہ اهو جاگيرداري سماجي شعور جي انڌي ۽ اونداهي کوهہ مان نڪرڻ جي نہ ڪندو آهي ۽ "کوهہ جي ڏيڏر وانگر" ورائي ورائي ساڳين ڳالهين جي "ٽان ٽان" پيو ڪندو آهي، جيڪي صرف سندس پنهنجي موضوعي من جون مريدياڻيون هونديون آهن. ڇاڪاڻ تہ جاگيرداري طبقاتي مفاد، جڏهن مُدي خارج ٿي ويندا آهن، تہ اهي قومي مفادن جي تضاد ۾ اچي ويندا آهن.

اهڙيءَ صورت ۾، جيڪي ماڻهو يا قومون جاگيرداري سماجي شعور سان وفادار رهنديون آهن، اهي جديد سياسي ۽ اقتصادي مفادن جي قومي هم آهنگيءَ جي ساڄاهہ وڃائي ويهنديون آمن ۽ "اوڳي ڏاچيءَ جيان جيڏانهن ڪنڌ ڪنديون آهن، اوڏانهن پنڌ پونديون آهن." اهو نہ ڏسنديون آهن تہ اڳيان کڏ آهي يا کوہو آهي يا ڪو اوجهڙ آهي. جيئن سنڌي عوام پنهنجيءَ قومي تڪميل جي ارتقا جي ضرورت واريون اکيون پوري جاگيرداري سماجي شعور جي انڌ جي گهوڙي تي چڙهي، پنهنجيءَ قومي حاڪميت جو حق، غيرُ مشروط جاگيردار شخصيتن جي حوالي ڪندو رهيو آهي. جيتوڻيڪ سنڌي عوام جو اهو جاگيرداري سماجي شعور سان وفاداريءَ جو اظهار آهي پر جاگيردار طبقو، جيئن تہ بحيثيت سماجي طبقي جي پنهنجو وطن دوست ۽ ترقي پسند ڪردار ڪاٺي ڪپاٺي پوڙهو ٿي چڪو آهي، ان ڪري اهو پنهنجن مرندڙ طبقاتي مفادن جي حق ۾، قومي حاڪميت جو حق وڪڻندو رهيو آهي ۽ سنڌي قوم جي جديد جياپي جي جنگ کان مسلسل منهن موڙيندو رهيو آهي، ۽ ان جي عيوض ۾ پنهنجن ذاتي، خانداني يا طبقاتي مفادن جي خواهشن کي پاڻي پياريندو رهيو آهي. سائين جي. ايم. سيد اُنهيءَ قومي مرض جي نشاندهي ڪندي لکي ٿو: "اسان جي قومي جسم ۾ ڪيترن مرضن واسو ڪري، ان جي ڪيترن جزن کي بيڪار بنائي ڇڏيو آهي. ڇاڪاڻ تہ بعضي مرض لاعلاج ٿي عضون کي مفلوج ڪري ڇڏيندا آهن. سنڌي معاشري جي ڪيترن گروهن سان اهڙي حالت لاحق آهي، جهڙوڪ: پير، ملان، زميندار، وڏيرا ۽ ڪامورا، انهن جي اڪثريت، هن وقت اخلاقي ڏيوالي ۾ اچي، سڌرڻ کان مٿي چڙهي چڪي آهي. سندن درست ٿيڻ جو ظاهري امڪان ڏسڻ ۾ نٿو اچي.... اهڙيءَ نازڪ حالت ۾ اها اميد رکڻ تہ اهي درست ٿي، آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ متحد ٿيندا ۽ قوم کي بام عروج تي پهچائيندا، مشڪل مسئلو نظر پيو اچي، پر قرآن ۾ چيل آهي تہ: "خدا جي رحمت مان اميد لاهڻ نہ گهرجي." ان ڪري آئون بہ اميد نٿو لاهيان ۽ قدرت جي قوت ۾ پروسو اٿم تہ نيون حالتون پيدا ٿينديون، جيڪي سنڌين ۾ اتحاد پيدا ڪري اسانجين حالتن کي بدلائينديون." (23)



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ضرورت ۽ خواهش جو جدلياتي ڪردار

جڏهن ڪو فرد، گروهه، طبقو يا قوم پنهنجيءَ تاريخي ضرورت تي پنهنجيءَ خواهش کي ترجيح ڏيندو آهي، ته اُنهيءَ فرد، گروهه، طبقي يا قوم جي زندگي ۽ جياپو خطري ۾ پئجي ويندو آهي، ڇاڪاڻ ته اهڙيءَ طرح خواهش ۽ ضرورت جي وچ واريءَ هم آهنگيءَ جي جدليات قائم رهي نه سگهندي آهي. جڏهن ته زندگيءَ ۽ ان جي جياپي جي سلامتيءَ ۽ بقا جي ضرورت ئي اُن جي جدليات جي جبلت جي تشڪيل ڪندي آهي. جبلت ارادي کي ۽ ارادو خواهشن کي پيدا ڪندو آهي ۽ خواهش وري عمل کي پيدا ڪندي آهي ۽ عمل مان خيال ۽ سوچون جنم وٺنديون آهن يعني انسان جي لوڄ ئي سوچ کي پيدا ڪندي آهي.

اسان جڏهن ضرورت ۽ خواهش جي ڳانڍاپي جي جدليات جو تجزيو ڪندا آهيون، تڏهن معلوم ٿيندو آهي ته جدلياتي خواهش اها ٿيندي آهي، جيڪا ضرورت سان هم آهنگ هوندي آهي ۽ غير جدلياتي خواهش اها ٿيندي آهي، جيڪا ضرورت سان هم آهنگ نه هوندي آهي. جدلياتي خواهش ئي زندگيءَ ۽ ان جي جياپي جي سلامتيءَ ۽ بقا جي لوازمات کي پورو ڪري سگهندي آهي، پر غير جدلياتي خواهش، زندگيءَ ۽ ان جي جياپي جي سلامتيءَ ۽ بقا جي لوازمات کي پورو ڪري نه سگهندي آهي. اُن ڪري اهڙي خواهش، زندگيءَ ۽ اُن جي جياپي جي ترقي يا تعمير جي بجاءِ، ان جي تنزل ۽ تباهيءَ جو سبب ٿيندي آهي.

جڏهن خواهش جو ضرورت سان جدلياتي جوڙ نه رهندو آهي ته زندگي ۽ ان جي جياپي جي سرگرمي سست ۽ غير تعين پذير ٿي پوندي آهي. جنهن جي ڪري زندگي ۽ ان جي جياپي جي عملي سرگرمي غلط رُخ واري يا بي ڍنگي ٿي پوندي آهي ۽ غلط عملي سرگرميءَ مان غلط فڪر ۽ سوچ جنم وٺندي آهي. جڏهن اهڙي صورتحال معاشري يا قوم ۾ پيدا ٿيندي آهي، ته اهو معاشرو ۽ قوم يا ان جي قيادت، پنهنجي قومي جياپي جي ضرورت جي راهه عمل کان ڀٽڪي ويندا آهن ۽ پوءِ اهي جڏهن راهه عمل وڃائي ويهندا آهن ته سوچيندا به غلط آهن ته لوچيندا به غلط آهن ۽ انهن جي انهيءَ غلط سوچ ۽ لوچ مان نتيجا به غلطِ ملندا آهن ۽ نتيجي ۾ اهي معاشرا ۽ قومون ترقيءَ ۽ تعمير جي بجاءِ تنزل ۽ تباهيءَ جي وَر چڙهي ويندا آهن.

مثال طور، ڪو پورهيت ماڻهو ڏهاڙيءَ جي محنت مزدوريءَ مان سؤ ٻا ڏيڍ رپيا اجورو ڪمائي گهر ۾ آڻي ٿو، جنهن مان اهو پنهنجي ۽ پنهنجي خاندان جي زندگيءَ ۽ ان جي جياپي جي ضرورت لاءِ يا پنهنجي گذر سفر لاءِ سيڌو ۽ سامان وٺي اچي ٿو ۽ اِهائي ان جي پنهنجيءَ ۽ ان جي خاندان جي جياپي جي لازمي ضرورت آهي، ۽ اُنهيءَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

انسان جي خواهش به اهائي آهي ته اهڙي انسان جي خواهش، اُن جي زندگيءَ جي ترقيءَ توڙي جياپي جي ضرورت سان جدلياتي طور هم آهنگ هوندي آهي. ڇاڪاڻ ته اها خواهش، ان جي زندگيءَ ۽ ان جي جياپي جي ضرورت جي هم آهنگ جدليات مطابق هوندي آهي. پر اهو پورهيت ماڻهو، انهن پئسن مان جڏهن پنهنجي هڪ اهڙي خواهش کي پورو ڪري ٿو، جيڪا ان جي پنهنجيءَ ۽ ان جي خاندان جي جياپي جي ضرورت سان هم آهنگ نه آهي، ته اهڙيءَ خواهش جو ضرورت سان جدلياتي جوڙ رهي نه سگهندو. مثال طور اهو پورهيت انهن پئسن مان روزانو شراب وٺي پيئي ٿو ته انهيءَ مان هُن جي خواهش جو ته پوراءُ ٿي سگهندو پر ضرورت جو پوراءُ ٿي نه سگهندو. نتيجي ۾ اهڙي خواهش ضرورت سان هم آهنگي اختيار نه ڪرڻ جي ڪري غير جدلياتي ٿيندي آهي ۽ ان جي خواهش جي، ان جي پنهنجيءَ ۽ خاندان جي زندگيءَ جي ترقيءَ توڙي جياپي جي ضرورت سان هم آهنگي ختم ٿي ويندي آهي. تنهن ڪري اهڙيءَ خواهش جي پوراڻيءَ ٿيڻ ڪري، اهو پورهيت پاڻ ۽ پنهنجي خاندان جي زندگيءَ جي تنزل ۽ تباهيءَ جو سبب ٿي پوندو.

ايئن ئي جڏهن ڪن معاشرن يا قومن جي ترقيءَ ۽ جياپي جي ضرورتن ۽ انهن جي قيادتن يا حڪمرانن جي سطحي ۽ اڇاترين ذاتي خواهشن جي وچ ۾ جدلياتي هم آهنگي نه رهندي آهي ته اُهي معاشرا ۽ قومون به تنزل ۽ تباهيءَ جي وَر چڙهي وينديون آهن.

1970ع جي چونڊن دوران مرحوم ڀٽي صاحب جي ذاتي ۽ انفرادي جاگيردارانه خواهش هئي ته هو ملڪ جو وزيراعظم ٿئي، پر سنڌي قوم جي قومي مفادن جي ضرورت هئي ته پيو نه ته گهٽ ۾ گهٽ سنڌي قوم لاءِ گهٽ ۾ گهٽ صوبائي خودمختياري ملڻ ضروري آهي. اهڙيءَ صورت ۾ سنڌي قوم جي قومي مفادن جي ضرورت ۽ مرحوم ڀٽي صاحب جي ذاتي ۽ انفرادي جاگيردارانه خواهش جي وچ ۾ هم آهنگيءَ جي بجاءِ هڪ وڏو قومي ۽ جاگيرداري مفادن جو ماڃيڪار تضاد پيدا ٿي پيو. جنهن ڪري جيڪڏهن مرحوم ڀٽي صاحب جي ذاتي ۽ انفرادي جاگيرداري خواهش جو پوراءُ ٿيو ٿي ته سنڌي قوم جي قومي مفادن جي ضرورت جي پورائي ناممڪن هئي ۽ جيڪڏهن سنڌي قوم جي قومي مفادن جي ضرورت جي پورائي ٿئي ٿي ته مرحوم ڀٽي صاحب جي انفرادي ۽ ذاتي جاگيرداري خواهش جي پورائي ناممڪن هئي. نتيجي ۾ سنڌي قوم جي قائد جي حيثيت ۾، مرحوم ڀٽي صاحب جي ذاتي ۽ انفرادي جاگيرداري خواهش ۽ سنڌي قوم جي قومي مفادن جي ضرورت جي وچ ۾ جدلياتي هم آهنگي ۽ ڳانڍاپو قائم رهي ڪونه سگهيا. جنهنڪري ڀٽي صاحب جي وزيراعظم ٿيڻ واري جاگيرداري ذاتي خواهش ته پوري ٿي سگهي پر سنڌي قوم جي قومي مفادن جي ضرورت پوري ٿي ڪانه سگهي ۽ سنڌي قوم جي تنزل ۽ تباهي شروع ٿي وئي.

ان جي برعڪس بنگالي قوم جي قومي مفادن ۽ قومي آزاديءَ جي ضرورت ۽ ان



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي قيادت شيخ مجيب الرحمان جي وزيراعظم ٿيڻ واريءَ خواهش ۾ مڪمل هم آهنگي هئي، ان ڪري ان جي وزيراعظم ٿيڻ جي خواهش ۾ به جدلياتي هئي پر مرحوم ڀٽي صاحب جي وزيراعظم ٿيڻ واري خواهش غير جدلياتي هئي. شيخ مجيب الرحمان جي خواهش، بنگالي قوم جي قومي رهنما واري هئي، جيڪا بنگالي قوم جي قومي مفادن جي ضرورت سان هم آهنگ ۽ مطابقت واري هئي، پر مرحوم ڀٽي صاحب واري خواهش هڪ جاگيردار ۽ وڏيري واري خواهش هئي، جيڪا سنڌي قوم جي قومي مفادن جي بجاءِ جاگيردار طبقي جي طبقاتي مفادن جي خواهش سان مطابقت واري هئي ۽ انهيءَ سان وڌيڪ هم آهنگ هئي. نتيجي ۾ بنگالي قوم پنجاب سامراج کان علحدگي اختيار ڪري مڪمل طور آزاد ٿي وئي. ۽ سنڌي قوم پنجاب جي سامراجي والار ۽ بالادستيءَ هيٺ اچي مڪمل طور غلام ٿي وئي.

اهڙيءَ طرح پاڪستان جي 1971ع جي ورهاڱي کان پوءِ باقي بچيل ملڪ جي ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ جي ضرورت هئي ته ان کي معاشي طور مستحڪم ۽ مضبوط ڪيو وڃي، پر ملڪ جي سول ۽ فوجي ڪاموراشاهيءَ جي خواهش هئي ته پاڪستان کي هندستان جي مقابلي ڪرڻ لاءِ ايٽمي قوت بڻايو وڃي. جڏهن ته ان وقت جي سڀ کان اولين ضرورت هئي ته مُلڪ ۽ ان جو عوام اقتصادي لحاظ کان ترقي ڪري ۽ خوشحالي ماڻي ۽ اهڙيءَ طرح معاشي طور پاڻ پيرو ٿئي ۽ اها ملڪ جي ان وقت جي هڪ تاريخي ضرورت هئي، پر سول ۽ فوجي ڪاموراشاهيءَ جي طاقت جي خواهش هئي ته پهرين ملڪ کي ايٽمي قوت ۾ پاڻ-پيرو ٿيڻ گهرجي ته جيئن جنگ بازيءَ ۾ هندستان سان مقابلو ڪري سگهجي. نتيجي ۾ ملڪ ۽ عوام جي ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ جي ضرورت ۽ سول ۽ فوجي ڪاموراشاهيءَ جي غير ضروري خواهش ۾ هڪ تمام وڏو ماحيڪار تضاد پيدا ٿي پيو ۽ ملڪ ۽ عوام جي مفادن جي وچ ۾ هم آهنگيءَ جي جدليات ختم ٿي وئي، جاڪاڻ ته ملڪ جي ڪاموراشاهيءَ جي ايٽمي قوت بڻجڻ واري خواهش، هڪ غير جدلياتي خواهش هئي، اهوئي سبب آهي جو ملڪ ۽ عوام ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ جي بجاءِ تنزل ۽ تباهيءَ ڏي وڃي رهيو آهي.

اهو ساڳيو قانون سوويت يونين سان لاڳو ڪري سگهجي ٿو. جاڪاڻ ته سوويت يونين جي هڪ گهڻ قومي وڏي ملڪ جي حيثيت ۾، ان جي ۽ عوام جي ضرورت هئي ۽ جيئن انهن جي پنهنجي دعويٰ به هئي ته اها پورهيت عوام جي رياست يا ملڪ آهي ۽ ان ۾ پورهيت راڄ آهي. انهيءَ لحاظ کان ان ملڪ جي سلامتيءَ ۽ بقا جي ضرورت هئي ته ان ۾ موجود عوام جي وڌندڙ ترقيءَ ۽ خوشحالي مسلسل جاري رهي، ۽ ملڪ جي وسيلن ۽ پيداوار کي تهذيبي ترقيءَ ۽ تعمير جي ضرورت تي خرچ ڪيو وڃي. پر جڏهن ملڪ جي ڪميونسٽ قيادت ملڪ ۽ عوام جي ضرورت کان منهن موڙي پنهنجيءَ نظرياتي خواهش مطابق صرف پارٽيءَ جي جبري مرڪزيت قائم ڪري، آزاديءَ جي بدران آمريت مڙهي وئي ۽ سڄي ملڪ جي پورهيت عوام جي پورهيي ۽ پيداوار کي فوجي ۽



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٿي پنهنجن طبقاتي مفادن کي بچائي سگهندو آهي، ڇاڪاڻ تہ ان جي قومي مفادن سان فطري هم آهنگي ختم ٿي ويندي آهي بلڪ ان جا تاريخي لحاظ کان طبقاتي مفاد، قومي مفادن جي تضاد ۾ اچي ويندا آهن. ان ڪري اهو طبقو ۽ ان جا طبقاتي مفاد، پهرين سماجي ترقيءَ ۽ قومي تڪميل جي راهہ ۾ رڪاوٽ وجهندا ۽ مزاحمت ڪندا آهن ۽ پوءِ اُنهن جي وڪري مان پنهنجي جياپي جو سامان حاصل ڪندا آهن، ۽ پاڪستان ڪان پوءِ عام طرح ۽ 1970ع کان پوءِ خاص طرح سنڌي جاگيردار ۽ وڏيري جو اهوئي ڪردار رهيو آهي.

جيڪي ماڻهو چوندا آهن تہ پ پ سنڌين جي پارٽي آهي، سي يا تہ بيوقوف آهن يا ڪوڙا آهن ۽ سنڌي عوام سان ويساهہ گهاتي ڪري رهيا آهن ۽ انهيءَ ڏوهہ يا ويساهہ گهاتيءَ جا ڪيترائي پڙهيل ڳڙهيل ۽ باشعور ماڻهو بہ شڪار آهن. جيڪي ايئن چئي، عام سياجهي سنڌي ماڻهوءَ کي دوکو ۽ فريب ڏيندا آهن. نتيجي ۾ سنڌي ماڻهو نہ صرف پليل ۽ پٽڪيل رهندو اچي ٿو پر پنهنجو قومي آلهہ تلهہ بہ ڦرائيندو اچي ٿو. يا وري جيڪي ماڻهو اهو سمجهن ٿا ۽ بين کي امڙيون پٽيون پڙهائين ٿا تہ پ پ ڪڏهن نہ ڪڏهن جاگيردارن ۽ وڏيرن جي بجاءِ وچولي طبقي جي پارٽي ٿي سگهي ٿي، اهي نہ صرف پاڻ کي دوکو ڏين ٿا پر ٻين کي بہ گمراهہ ڪن ٿا يا وري وڏيءَ ڪنهن خيالي خوش فهميءَ جو شڪار آهن. اُنهن ماڻهن کي نہ تہ پ پ جي سماجي ۽ طبقاتي بيهڪ جي خبر آهي ۽ نہ ان جي طبقاتي مفادن جي فطرت جي ڪا پرک يا پروڙ آهي.

پ پ دراصل پهرين ڏينهن کان وٺي، سنڌ ۽ پنجاب جي جاگيردارن جي هڪ منظم سياسي تنظيم آهي ۽ اُنهيءَ جو بنياد ئي جاگيردار طبقي جي طبقاتي مفادن سان مشروط آهي، تہ جيئن مرندڙ جاگيرداري طبقاتي مفادن کي وڌيڪ پنجاهہ سٺ سال وڌي عمر ڏياري سگهجي. اهوئي سبب آهي جو اها پارٽي مسلسل سنڌ ۽ بين مظلوم قومن جي قومي ۽ جمهوري حقن کان منهن موڙيندي ۽ سنڌ ۽ پنجاب جي جاگيردارن جي اتحاد کي مضبوط ۽ سگهارو ڪندي رهي آهي ۽ انهن جي ئي مفادن جي سياست ڪندي رهي آهي پ پ ڪالهہ بہ جاگيردار طبقي جي منظم سياسي تنظيم هئي ۽ اڄ بہ انهيءَ طبقي جي خالص ۽ مڪمل طبقاتي سياسي تنظيم آهي. جنهن وڏيءَ چالاڪيءَ ۽ هوشياريءَ سان نہ صرف هيٺئين ۽ وچولي طبقي جي مفادن سان غداري ڪئي آهي، پر مظلوم سنڌي قوم جي قومي مفادن سان ويساهہ گهاتي بہ ڪئي آهي. دراصل پ پ سنڌ ۽ سنڌي قوم جي اجتماعي قومي غدارن جو ٽولو آهي.

ڇاڪاڻ تہ هن پارٽيءَ نہ صرف سنڌي قوم سان مسلسل غداريون ڪيون آهن ۽ غداريون ڪندي رهي آهي ۽ اڃا بہ ڪندي رهندي پر غداريون ڪرڻ هن جو نصب العين ۽ مقصد آهي، ان ڪري جيڪو ماڻهو هن پارٽيءَ ۽ ان جي قيادت کي سنڌي هجڻ ڪري همدردي ڪري ٿو يا حمايت ڪري ٿو، اهو سنڌي قوم ۽ عوام سان وڏي ويساهہ گهاتي ڪري ٿو ۽ اهو ايتروئي سنڌ ۽ سنڌي قوم جو ڏوهاري آهي، جيتري پ پ ۽ ان جي قيادت آهي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اڪثريت ڌارين جي سياسي غلامي ۽ ثقافتي پوئلڳيءَ ۾ فخر پئي محسوس ڪيو آهي." (28)

سنڌي عوام جي جاگيرداري سماجي شعور سان وفاداريءَ ڪين اجا تائين سياسي ۽ اقتصادي مفادن جي هم آهنگيءَ جي شعور کان پري رکيو آهي. جنهن ڪري اُهي قومي قيادت جي بجاءِ جاگيردار قيادت ۾ متحد ٿيندا رهيا آهن. اهڙيءَ طرح جاگيرداري طبقاتي مفادن جي حاصلات ته ٿيندي رهي آهي، پر قومي مفادن جي حاصلات ناممڪن ٿيندي رهي آهي. سنڌي ماڻهو پ پ جي سياسي پليٽ فارم تي جاگيرداري سماجي شعور سان غير مشروط طور وفاداري ۽ سچائي ڏيکاريندو رهيو آهي ۽ ڀٽي خاندان کي ووٽ ڏئي، وري وري اقتدار جي ڪرسيءَ تي ويهارڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي. جاگيرداري سماجي شعور سان سلهاڙيل عوام سمجهندو رهيو آهي ته سنڌ وطن ۽ قوم جي حقن ۽ مفادن يا آزاديءَ کي صرف حڪمران طبقو ئي بچائي ۽ سلامت رکي سگهي ٿو. پر "ادو مري اديءَ لاءِ ۽ ادي مري چڳڻ لاءِ" سو سنڌي عوام مري پ پ ۽ ڀٽي خاندان لاءِ ۽ پ پ ۽ ڀٽو خاندان مري اقتدار جي ڪرسيءَ لاءِ. سنڌ ۾ سنڌي قوم جو اهو تاريخي الميو آهي، جنهن ڪري سنڌ ۽ سنڌي قوم جا قومي مفاد، جاگيردار طبقي جي مردار طبقاتي مفادن جي تاريخي مقدر جو شڪار ٿي ويا آهن. جڏهن ته جاگيردار طبقاتي مفادن جو مقدر تباهيءَ ۽ بربادي‌ءَ کان سواءِ ٻيو ڪونه آهي. ۽ سنڌي جاگيردار طبقي جا طبقاتي مفاد "گليل جي ربڙ وانگر جيئن پوءِ تيئن وڌندا وڃن ٿا اينگهندا." ۽ سنڌ ۽ سنڌي قوم جا قومي مفاد، قومي طبقي جي غير موجودگيءَ ۾، انهيءَ اينگهنجندڙ ربڙ جي سرڪڻ ڦاهيءَ ۾ گهٽجندا ۽ ٻوساٽجندا وڃن ٿا. نه جاگيردار مفادن جو اينگهجندڙ ربڙ ٽٽي ٿو ۽ نه سنڌ جي قومي مفادن جي ڇوٽڪاري جي راهه ڇٽي ٿي سامهون اچي ٿي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## باب چوٿون

# گروهي فرقيوار فطرت جو قوم دشمن ڪردار

سنڌ جي بمبئيءَ کان آزاديءَ جي تحريڪ جي سنڌي هندو سرمائيدار طبقي جي مخالفت جي باوجود، انهيءَ کي سنڌي جاگيردار طبقو، ڪاميابيءَ جي منزل تي پهچائي ويو. جاڪاڻ ته سنڌ جي معاشي ۽ اقتصادي طاقت اڃا تائين جاگيردار طبقي وٽ ئي هئي، ان ڪري سڄي سنڌي سماج ۽ ان جي عوام تي جاگيرداري خيال ۽ سوچون حاوي هئا ۽ اهڙيءَ طرح ون يونٽ جي خلاف قومي تحريڪ جي اڳواڻي، جيتوڻيڪ سنڌ جا پيا پرت ۽ گروهه به ڪري رهيا هئا، جيئن اديب، دانشور ۽ شاگرد وغيره هئا، پر ان جي مالياتي پٺڀرائي محب وطن جاگيردار طبقو ۽ ان سان واسطيدار ماڻهو ڪري رهيا هئا، جنهنڪري اها تحريڪ به جلد ئي ڪامياب ٿي وئي، جاڪاڻ ته ون يونٽ مان جتي ادب، ثقافت ۽ ٻوليءَ جي حوالي کان اديب ۽ دانشور متاثر ٿي رهيا هئا، اُتي معاشي ۽ سياسي طور وڏو نقصان، جاگيردار طبقي کي پهچي رهيو هو. سنڌي جاگيردار طبقو اولهه پاڪستان جي اسيمبليءَ ۾ به اقليت ۾ ٿي ويو هو، ان ڪري ان جي پنهنجي معاشي ۽ سياسي ضرورت هئي ته اهو ون يونٽ جي خلاف هلندڙ تحريڪ جي ڪنهن نه ڪنهن طرح پس پردائي سهي، پر مالي طور پٺڀرائي ڪري رهيو هو ۽ جڏهن هُن ون يونٽ جي خلاف قومي تحريڪ جي اهڙي مالي پٺڀرائي يا مدد ڪئي ته اها به ڪامياب ٿي وئي. جنهن جو مثال، پروپيگنڊا جي محاذ تي ”روح رهاڻ“ رسالو ۽ عبرت اخبار وغيره هئي، جن جي مالي مدد قومي تحريڪ جي ترجمان طور يا ميڊيا جي محاذ تي سائين جي. ايم. سيد ۽ ٻيا محب وطن ماڻهو ڪندا هئا.

اهڙيءَ طرح سنڌ جي بمبئي کان آزاديءَ جي تحريڪ جي سلسلي ۾ پروپيگنڊا جي محاذ تي ’الوحيد‘ ۽ ’قرباني‘ اخبارن جو وڏو قومي ڪردار رهيو هو، جن جي مالي مدد وطن دوست جاگيردار طبقو ڪندو رهيو هو. جنهنڪري اُهي مستقل مزاجيءَ سان پير ڪوڙي قومي تحريڪ جي ترجماني ڪنديون رهيون ۽ ريگيولر به نڪرنديون رهيون. 1935ع ڌاري ’الوحيد‘ اخبار جي قيمت هڪ آنو هئي ۽ پنجاهه ۽ سٺ جي ڏهاڪن ۾ ’عبرت‘ اخبار جي قيمت به آنا ۽ ’روح رهاڻ‘ جي اٺ آنا قيمت هئي، جن کي پنهنجون آفيسون هيون، سرڪيوليشن مئنيجر هئا، اڪائونٽنٽ ڪلارڪ ۽ پٽيوالا هئا ۽ ايڊيٽر ۽ سب ايڊيٽر هئا. ايڊيٽرن کي گاڏيون هيون ۽ انهن اخبارن ۽ رسالن جا سون ۽ هزارن جي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تعداد ۾ ساليانہ ميمبر هئا، جيڪي سياسي توڙي ذاتي طور بہ اُنهن اخبارن ۽ رسالن سان همدرديءَ طور منسلڪ هئا ۽ جيڪي انهن جي وڏي چڙهي مالي مدد ڪندا هئا.

جڏهن تہ هاڻوڪيءَ قومي تحريڪ جي صورتحال مختلف آهي. موجوده قومي تحريڪ، تاريخي لحاظ کان حقيقتي آزاديءَ جي قومي تحريڪ آهي: ان ڪري اها جاگيردار طبقي جي معاشي ۽ سياسي طبقاتي مفادن جي ترجماني يا نمائندگي نٿي ڪري، ان ڪري جاگيردار طبقو بہ قومي تحريڪ جي ترجمان ميڊيا يا پرچارڪ ذريعن جي امداد نٿو ڪري ۽ سنڌي قومي سرمائيدار موجود ڪونہ آهي ۽ وچولو طبقو، معاشي طور تمام گهڻو ڪمزور ۽ بدحال آهي. ٻيءَ ڪنديءَ اهو انهيءَ جي اهميت کي ايترو محسوس بہ نٿو ڪري ۽ نہ ئي سمجهي ٿو، ڇو تہ ڪيس ان ۾ تڪڙو ۽ فوري معاشي مفاد نظر ڪونہ ٿو اچي. قومي تحريڪ ۾ اهڙي صورتحال ڏاڍي منجهائيندڙ ۽ مايوس ڪن ٿي پئي آهي. اسٽالن قومي تحريڪ جي اهڙيءَ صورتحال بابت لکي ٿو تہ: "قومي تحريڪ پورهيتن، هارين ۽ وچولي طبقيَ جي سهاري تي اڳتي وڌندي تہ آهي، پر پوءِ اها يا تہ هڪ عوامي تحريڪ ۾ بدلجي ويندي آهي، جيئن آئرلينڊ ۽ گلشيا ۾ ايري آئي هئي يا ننڍن وڏن جهيڙن جهڳڙن ۽ گروهہ بندين جي وَر چڙهي ويندي آهي. جيڪي لاڳيتي شڪل اختيار ڪري، قومي تحريڪ جي صورت ئي بگاڙي ننڍن وڏن نعرن جو شڪار ٿي ويندي آهي."(29)

قومپرست تحريڪ جي فطرت رهي آهي تہ جدوجهد ۽ ويڙهہ کان سواءِ گهڻو وقت صحيح ۽ سالم رهي نہ سگهندي آهي. انهيءَ لاءِ قومي تحريڪ کي هڪ خاص منزل کان پوءِ لازمي طور قومي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ بدلائي ڇڏڻ ضروري آهي. ٻيءَ صورت ۾ اها انارڪي ۽ انتشار يا وگوڙ جي وَر چڙهي ويندي آهي ۽ مايوسي ڦهلائيندي آهي. جيئن ڪنهن طعام کي تيار ٿيڻ کان پوءِ، جيڪڏهن وقت تي نہ کائبو آهي تہ اهو ٺري بيسوادو ٿي ويندو آهي ۽ اجا وڌيڪ وقت کان پوءِ اهو خراب ٿي ۽ ڌپ ڪري ويندو آهي ۽ جي اهو کائبو آهي تہ جسم ۾ خرابي ۽ Food poisioning پيدا ڪندو آهي پر جي اهو ساڳيو ڪاڏو وقت سر کائبو آهي تہ جسم ۾ رت (Food preservation) رت پيدا ڪندو آهي ۽ جسم کي طاقتور ڪندو آهي ڪيترائي دوست سوال ڪندا آهن تہ "اهڙيءَ صورتحال ۾ قومي تحريڪ جو مستقبل ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟" اسان جو ڪين جواب هوندو آهي تہ تومان اِها چوٽي تہ ٻڌي هوندي تہ "نڌڻڪا گهوڙا، غٻاٽا سوار." سنڌ جي قومي تحريڪ نڌڻڪي آهي. جنهن جو مالڪ طبقو موجود ڪونہ آهي. هر انقلاب ۽ قومي آزاديءَ جي تحريڪ جو مالڪ طبقو ضروري آهي، جيڪو اُن جي مالڪي ڪندو آهي ۽ مالي مدد بہ ڪندو آهي. قومي تحريڪ جو مالڪ قومي بورجوازي هوندو آهي. اهو ان جي مالڪي بہ ڪندو آهي ۽ معاشي مدد بہ ڪندو آهي. سنڌ جي قومي تحريڪ نہ صرف سڄي سڪٽي ۽ بيواهي ۽ نڌڻڪي آهي، پر ان جي واڳ غٻاٽن سوارن جي هٿ ۾ بہ آهي. يعني معاشي بنيادن کان بيدخل ٿيل هيٺئين وچولي طبقي جي هٿ ۾ آهي ۽ جيئن "نڌڻڪن گهوڙن



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

کي غٿباٿا سوار“ هلائيندا آهن. تيئن سنڌ جي ننڍڪي قومي تحريڪ کي غٿباٿو سوار وچولو طبقو هلائي رهيو آهي. جيڪو حشر غٿباٿو سوار، ننڍڪن گهوڙن سان ڪندو آهي. اهوئي حشر قومي تحريڪ سان وچولو طبقو ڪري رهيو آهي. ۽ جيئن ته اُنهيءَ طبقي جا ڪي به مستقل معاشي بنياد ڪونه آهن ۽ نه معاشي مفاد آهن، ان ڪري اهو قومي تحريڪ کي ٽڪي پئسي تي وڪرو ڪندو رهيو آهي ۽ جيئن ٻنڊڪن گهوڙن جو ٺٻاٿا سوار مُلهه چڪائيندا آهن، تيئن وچولو طبقو ننڍين وڏين رعايتن تي قومي تحريڪ جو مُلهه چڪايو بيٺو آهي.

اهو طبقو، جيئن ته پنهنجيءَ سماجي فطرت ۾ ٽئي ٽولي باز ۽ ڦرٽو گهرٽو ٿيندو آهي ۽ ان جي معاشي دنيا محدود ۽ سوڙهي ٿيندي آهي، ان ڪري تنگ نظر ۽ سوڙهه مغزو به ٿيندو آهي. اهو ڏيڏي وانگر سدائين پنهنجيءَ کل بچائڻ ۾ پورو هوندو آهي. ان جي سوچ، پنهنجي نڪ تائين محدود هوندي آهي. ان ڪان مٿي غور ويچار ڪرڻ يا اڳتي ڏسڻ سندس ننڍڙيءَ فطرت جي ئي خلاف هوندو آهي. سندس هٿ ۾ ڪا پارٽي يا تنظيم ايندي آهي ته ان کي پنهنجي ذاتي ملڪيت سمجهي، پئي هٿ وجهي چمبڙي پوندو آهي ۽ ”ناٿي جي ديڳ تي نانگ واري ڦڻ“ ڪيو ويهندو آهي. ڪنهن کي به ويجهي اچڻ نه ڏيندو آهي ۽ نانگ واريون ڦوڪون پيو ڏيندو آهي. جيتري سندس سماجي فطرت ۽ سوچ سوڙهي هوندي آهي، ايترائي ٿورا ماڻهو پاڻ سان گڏ، پارٽيءَ ۾ رکندو آهي ۽ وڏي فخر سان دليل ڏيندو آهي ته ”ٿورا ڪٽا به ٿالهيءَ ۾ پلا“ هو وڏيءَ ۽ ويڪريءَ عوامي پارٽيءَ کان ڊڄندو آهي. ڪيس خوف کائيندو رهندو آهي ته جيڪا پارٽي يا تنظيم يا رانديڪو کيس هٿ چڙهيو آهي، سو ڪٿي کو ڪانئس ڪسي نه وڃي؟ تنهن ڪري پارٽيءَ ۽ تنظيم اندر رڳو سازشون پيو ڪندو آهي ۽ هڪ ٻئي جون ٽنگون ڇڪڻ ۾ پورو هوندو آهي.

اهڙيءَ طرح هو رياست يا حڪمرانن خلاف جدوجهد ڪرڻ جي بدران پهرين پنهنجيءَ پارٽيءَ اندر گروهي جنگ شروع ڪندو آهي. جنهن ۾ نه آئين جو احترام ڪندو آهي ۽ نه منشور کي مان ڏيندو آهي ۽ نه پروگرام جي پاس خاطري ڪندو آهي، بلڪ آئين، منشور ۽ پروگرام، پنهنجي وچولي طبقي واريءَ محدود خواهش جي ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيندو آهي ۽ جڏهن به ان جي محدودُ ۽ موضوعي خواهش سان پارٽي پروگرام يا جدوجهد ٽڪرائيندي آهي ته مراڳو قومي تحريڪ جي خلاف ڪات ڪهاڙا کڻي بيهي رهندو آهي. سندس خواهشون وتائي فقير واريون هونديون آهن، يعني صرف ”وتايو ۽ سيون مڇن“ ۽ بس! هو پاڻ ۽ پارٽي هجي، ڪارڪن به وتائي جي ماءُ جيان رڳو تيستائين هجن، جيستائين کيس پارٽي آرگنائيز ڪري ڏين. سندس حق ۾ ورڪ ڪن ۽ نعرا هڻن. ها ۾ ها ملائين ۽ جڏهن پڙهي ڳڙهي پڪا پختا ٿين ۽ تجربيڪار ٿين، سوال جواب ڪن، ڪري ڪوڻي جي پرک رکن، ته ڪنهن نه ڪنهن بهاني سان ٻاهرين پني سان ٻڌي ڇڏجن. گهٽو گهٽو ڪن ته پارٽيءَ مان ئي لوڏي ڪيو ڇڏجن، ته جيئن قيادت



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تحريڪ ۾ ويڙهاڪن ۽ گروهه بنديءَ بابت لکي ٿو، "جڏهن مون غور سان جائزو ورتو ته اُنهيءَ نتيجي تي پهتس ته شاهه صاحب جي ساٿين ۾ ڏينهون ڏينهن اختلاف وڌندا رهيا هئا ۽ هڪ ٻئي جون ٽنگون ڇڪڻ جو عمل به جاري رهيو. ٿوريءَ ٿوريءَ ڳالهه تي ويڙهڻ جهڳڙڻ ۽ رسڻ ۽ پرچڻ، جنهن جي ڪري گهٽ ۾ گهٽ ٽي گروپ ٺهي ويا، جن مان هڪ گروپ خادم سومريءَ، باغي بلوچ، نظام ميمڻ (يا سورهيه سنڌي) عطا الله انڙ ۽ غلام حسين ڀنڀيري جو هو، ٻيو گروپ، قيوم منگيءَ، علي نواز بُٽ، رجب خاصخيليءَ ۽ انهن جي ساٿين جو هو ۽ ٽيون گروپ، پاڻ کي جيئميسٽ سڏائيندو هو ۽ پاڻ کي شاهه صاحب جي حڪم جو پابند سمجهندو هو ۽ هرڪا قرباني ڏيڻ جي دعويٰ ڪندو هو. انهن ۾ ستار موريو، گل محمد جکراڻي، مير حيدر ٽالپر ۽ انهن جا ساٿي هئا." (31)

انتظار حسين زيدي صاحب جيل ۾ قومپرست ڪارڪنن جي تنگ نظريءَ جي سلوڪ کان دل برداشت ٿي لکي ٿو: "اسان اردو ڳالهائيندڙ پنهنجو مٿو ڦاڙي به وجهون، تڏهن به سنڌي قوم اسان تي اعتبار نه ڪندي، ته پوءِ اسان ڇو انهن تي اعتبار ڪريون. ان لاءِ مون "جيئي سنڌ اردو گروپ ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اسان ڇا لاءِ پاڻ کي شڪن ۽ شبهن جو شڪار ڪريون. اسان ڇو نه سنڌ جي حقن لاءِ پنهنجي جدوجهد جدا ڪريون؟ آخر اسان ۾ ڪهڙي گهٽتائي آهي يا ڇا اسان مان ڌرتيءَ جا رهواسي نه آهيون؟ ڇا اسان جو اولاد مان ڌرتي جا پٽ ۽ ڌيئرون نه آهن؟ مهربان پڙهندڙ جڏهن مون جهڙي شخص تي اعتبار نٿو ڪيو وڃي ته ٻيو ڪو اردو ڳالهائيندڙ ڪهڙي ليکي ۾ اچي سگهي ٿو." (32)

انتظار حسين زيدي صاحبَ کي شايد اها خبر نه آهي ته انهيءَ سنڌي وچولي طبقي جي تنگ نظر قومپرستن جي سوڙهه مغزيءَ خود پنهنجي پڙهيل ڳڙهيل سنڌي سينيئر ڪارڪنن ۽ دانشورن سان ڪيڏيون جنيون ڪيون آهن ۽ ڪيئن قومي تحريڪ مان ڌڪي ڌار ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون آهن. اهو اينڊو وڏو دردناڪ داستان آهي جو جاگيردار طبقي جي سنڌي قوم سان غدارين ۽ ويساهه گهاتين کان وڌيڪ المناڪ آهي. جڏهن اُنهن پنهنجن سنڌي ورڪرن ۽ سينيئر ڪارڪنن سان اهڙيون تعديون ۽ جنيون ڪيون آهن ۽ انهن جون پڳون لاٿيون آهن ۽ کين قومي تحريڪ مان ڌڪي ڌار ڪيو آهي ته ٻين سان تعديون ڪندي، کين ڪهڙو حيا ۽ شرم تي سگهي ٿو. اها من نِنڍڙيءَ ذهنيت واري طبقي جي سماجي فطرت آهي.

اسان جي هڪ پڙهيل ڳڙهيل ۽ سينيئر ڪارڪن هڪ قومپرست پارٽيءَ جي مرڪزي اجلاس ۾ پنهنجيءَ قيادت کان سوال ڪندي پڇا ڪئي ته "قومي تحريڪ کي ٽيهن پنجٽيهن سالن کان مٿي عرصو ٿي ويو آهي. "ادو مئو ادي جائي، اسين ايتري جا ايترا آهيون." هزار ڏيڍ کان مٿي نه ميمبرشپ ڪبي ۽ نه وڌائبي، پلي ڏه پارٽيون گڏائي هڪ ڪجي، پر سال ٻن ٽن يا پنجن کان پوءِ ساڳيا نانيءَ وارا ڪن وڃي بچندا. آنا ٻهانا ڪري وڌندڙ ڪارڪنن جي ميمبرشپ گهٽائي انگ اڱوٺو پورو ڪبو. ڇاڪاڻ ته کين وڏيءَ پارٽيءَ کان ديڃڙو ٿئي ٿو. اڙتيون ڦڙتيون ۽ سازشون ڪري ۽ هڪٻئي جون



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٿنگون ڇڪي، ميٽ ڪيرائي ۽ ڊوڙائي انگ اهوئي رکبو، جيڪو اڄ کان ٽيهه پنجٽيهه سال اڳ هو. ان کان نہ گهٽ نہ وڌ. اهي ”جبل مٿي بہ ٻڪريون هونديون؟“

مون اڄ کان ٽيهه پنجٽيهه سال اڳ ۾، شايد مٿي سيني ويٺل کان اڳ ۾ جيئي سنڌ تحريڪ جي پروگرام ۽ رهبر سنڌ سائين جي. ايم سيد جي قومي فڪر کي قبول ڪيو هو ۽ ايئن مون جهڙن هزارين بين ماڻهن بہ اهو پروگرام قبول ڪيو هو، منهنجو توهان سان گڏ ڪم ڪندي اڄو مٿو ٿي ويو آهي، باقي مون جهڙا ٻيا اڃي مٿي وارا ڪارڪن توهان ڪاڏي ڪري ڇڏيا، اهي مري ويا، ڪيي ويا يا توهان تحريڪ مان ڊوڙائي ڪيي ڇڏيا يا مايوس ڪري گهرن ۾ ويهاري ڇڏيا؟ جڏهن تہ اڄ هن اجلاس ۾ 18 کان 30 يا وڌ ۾ وڌ 35 سالن جي عمر وارا ڪارڪن اسان ۽ توهان سان گڏ ويٺا آهن. ٻيو ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ مون پارو ”نڪ جو پڪو“ اڃي مٿي وارو آهي. مان توهان کان پڇان ٿو تہ توهان منهنجيءَ عمر وارا تجربيڪار ڪارڪن ۽ ساٿي ڪاڏي ڪري ڇڏيا؟ جيتوڻيڪ توهان مون کي بہ پڇائڻ ۾ ڪوڙ گهٽايو آهي بلڪ ڏاڙهي رکائي ڪشتي ڪٽڻ يا مسجد ۾ موڪلڻ جهڙو ڪري ڇڏيو آهي. پر آئون ايئن صرف، ان ڪري نٿو ڪريان، جو آئون توهان کي پارٽيءَ جو قاتل سمجهڻ جي بدران جاهل، بيوقوف ۽ بار ٿو سمجهان. اها تہ سنڌي سماج کي تاريخ ڪا سگهہ ڏني آهي، جيڪو سون ۽ هزارن جي تعداد ۾ مسلسل ڪارڪن پيدا ڪندو رهي ٿو، جنهن جي ڪري توهان جون پارٽيون ۽ تنظيمون زندهہ رهنديون اچن ٿيون، پر توهان انهن جي تعليم ۽ تربيت ڪرڻ جي بجاءِ اهي جڏهن پاڻ مرتو پڙهي ڳڙهي پڪا ۽ پختا يا تجربيڪار ٿين ٿا تہ ڪين پارٽيءَ ۾ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ آهيو ۽ نہ پنهنجي ڪرڻ لاءِ تيار آهيو. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ اسان جي قومپرست قيادت شاهہ صاحب جي هيٺئين شعر تي ڪڏهن بہ پوري ڪانہ لٿي آهي:

> هَٿُ، هَڪلَڻُ، ٻيلي سارَڻُ، مانجهيان ايءَ مَرَڪُ،
> وِجهَنَ تان نہ فرقُ، رُڪ وَهَنديءَ راندَ ۾.

توهان نہ هٿي سکيا آهيو، نہ هڪلي سکيا آهيو، نہ ٻيلي ساري سکيا آهيو ۽ نہ مانجهين واري رُڪ وهندي راند ڪري سکيا آهيو!

هتي تہ قومي تحريڪ جي ٽين ۽ چوٿين ٽهي ويٺي آهي: جن مان هڪڙي 1988ع کان پوءِ سنڌي مهاجر فسادن جي پيداوار آهي ۽ ٻي ان کان پوءِ جي پيداوار آهي. باقي قومي تحريڪ جون ٻن کان ٽي ٿهيون، توهان ڪاٿي ڇڏيون، ڪپائي ڇڏيون، ڪاڏي ڪيون؟ جيڪڏهن توهان هيٺن ماڻهن جي ميڙي چونڊي وچائيندا رهندا ۽ آئين ۽ منشور جون ڌجيون اڏائيندا رهندا ۽ خلاف ورزيون ڪندا ۽ آئين ۽ منشور کان مٿانهان فيصلا ڪندا رهندا ۽ انهن کي زوريءَ مڙهيندا رهندا ۽ ادارن جون توهينون ڪندا رهندا تہ پوءِ ظاهر آهي تہ قومي تحريڪ جو بہ اهوئي حشر ٿيندو، جيڪو هن وقت تائين ٿيندو رهيو آهي. سائين جي. ايم. سيد جي قومي فڪر جيترو قومي تحريڪ جو ڪيڊر پيدا ڪيو آهي، ايترو شايد دنيا جي ٻيءَ ڪنهن بہ قومي آزاديءَ جي انقلاب پيدا نہ ڪيو آهي. پر



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لتاڙي آئي آهي. ان ڪري اهي ۽ اُنهن جهڙا ماڻهو، قومي تحريڪ جي قيادت ڪري نٿا سگهن ۽ نه اها انهن جي وَس جي ڳالهه آهي.

قومي تحريڪ بابت اهو اسان جو ايمانداريءَ سان تجزيو آهي ۽ اسان سمجهون ٿا ته مٿين حقيقتن کي سنڌي قوم ۽ قومي ڪارڪنن جي اڳيان ضرور آڻڻو وجهي ته جيئن ايندڙ وقت جي قومي تحريڪ کي ڪن وڏن نقصانن کان بچائي سگهجي ۽ گذريل دور جي پهتل نقصانن جو ازالو ٿي سگهي ۽ قومي تحريڪ ۾ رياست ۽ حڪمرانن جي ڇڏيل ڇاڙتن کان قومي ڪارڪنن ۽ عوام کي آگاهه ڪري سگهجي ۽ ڪين انهن سازشن کان واقف ڪري سگهجي. ته جيئن اُهي قومي تحريڪ کي انهن جي گهيري مان ڪڍي ۽ آزاد ڪرائي سگهن. ڇاڪاڻ ته هن وقت قومي تحريڪ جي قيادت نه صرف انهن جي قيد ۾ قابو آهي پر انهن وٽ يرغمال ۽ مجبور به آهي، جيتوڻيڪ انهيءَ جون اهي مجبوريون ۽ لاچاريون، سندن پنهنجين ڪمزورين ڪوتاهين جو نتيجو آهن، جيڪي قومي تحريڪ کي وڏو نقصان پهچائي رهيون آهن.

هن وقت تائين قومي تحريڪ ۾، جيڪا ٽوڙ ڦوڙ ۽ ڀڃ ڊاهه ٿيندي رهي آهي. انهيءَ ۾ بين سان گڏ قيادت جو پنهنجو به ڪردار رهيو آهي، ڪابه تحريڪ يا پارٽي يا انقلاب صرف هڪ طرفيءَ سازش جي ڪري تباهه نه ٿيندو آهي، تحريڪون ۽ انقلاب، تڏهن تباهيءَ جو شڪار ٿيندا آهن، جڏهن انهن کي ٻاهرين سازشن سان گڏ اندروني نحوستون نهوڙي ڪٺنديون آهن. جڏهن بيروني سازشون ۽ اندروني ڪمزوريون گڏجي پونديون آهن، تڏهن ئي اُهي ڪنهن پارٽي يا تحريڪ يا انقلاب جي تباهيءَ جو سبب ٿيندا آهن. اهڙيءَ طرح وچولي طبقي جي پارٽين ۽ تنظيمن ۾ جڏهن سرڪاري پگهاردار يا ڇاڙتا گهڙي ايندا آهن، ته اهي پارٽيون ۽ تنظيمون تاريخي عمل جي واٽ تان ڀٽڪي پنهنجو قومي ڪردار وڃائي ويهنديون آهن. جيڪو اڳيءَ پوءِ انهن جو قوم دشمن ڪردار ثابت ٿيندو آهي. ڇاڪاڻ ته قومي يا انقلابي تحريڪ جي ڀڃ ڊاهه ۾ جتي رياست يا ان جي ايجنسين جو هٿ هوندو آهي، اُتي اندر ويٺل وچولي طبقي جي اناٺن ۽ آمرانه روين جو ڪردار به هوندو آهي. جيڪڏهن سنڌ جي قومي تحريڪ ۾، اهڙيون حرڪتون ۽ سازشون ٿينديون رهنديون نه هجن، ته ٻاهرين مداخلت ايڏو وڏو نقصان پهچائي نه سگهي. ڇاڪاڻ ته اهڙي ڪابه انقلابي پارٽي يا قومي تحريڪ نه هوندي آهي، جنهن ۾ رياست يا حڪمران طبقن جا مخبر ۽ جاسوس نه هوندا آهن. ويندي سوويت بالشويڪ پارٽيءَ ۾ به زارشاهيءَ جا مخبر ۽ جاسوس هئا. مالينوفسڪيءَ جهڙو مخبر پڇاڙيءَ تائين نه صرف بالشويڪ پارٽيءَ ۾ موجود هيو ۽ مخبري ڪندو رهيو، پر لينن جهڙي ذيرڪ ماڻهوءَ جو اعتماد به حاصل ڪندو رهيو. هن اُنهيءَ دوران پارٽيءَ جا هزارين ڪارڪن ٻڌرائي ۽ سوين ماڻهو مارائي ۽ ڦاهيون ڏياري ڇڏيا هئا. پر پوءِ به هن پارٽيءَ اندر پاڻ کي مشڪوڪ ٿيڻ نه ڏنو. ٻه چار دفعا ڪن ماڻهن لينن کي ان بابت ڪن به ڪٽايو ۽ شڪ ظاهر ڪيو پر لينن اها ڳالهه مڃڻ کان ئي انڪار ڪري ڇڏيو. ۽ انقلاب کان پوءِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

گروھہ پسند آھي. جيڏي ان جي اقتصادي مفادن جي دنيا ننڍڙي آھي، ايڏي ئي ان جي ذھني ۽ روحاني دنيا محدود ۽ سوڙھي آھي. انھيءَ کان سواءِ اھو سياسي ۽ سماجي دانش ۽ ڏاھپ جي لحاظ کان نڪورو چٽ ۽ جاھل آھي. انھيءَ سان گڏ اُنھيءَ جو وڏو الميو اھو آھي تہ ايڏيءَ وڏيءَ جھالت ھوندي بہ ھو پاڻ کي وڏو کوعقل جو اڪابر سمجھي رھيو آھي ۽ ايڏي تہ وڏيءَ خوشفھميءَ جو شڪار آھي، جو جيڪڏھن ڪنھن وڏي اوڙاھہ جي تري ۾ وڃي ڪرندو آھي، تڏھن بہ سمجھندو آھي تہ ھو ڪو آسمان ۾ اڏامڻ لڳو آھي. اھڙيءَ خوش فھميءَ يا خوش خياليءَ جي ڪري ھڪڙيءَ پارٽيءَ اندر ڏھہ پارٽيون ۽ گروپ ٺاھيو ويٺو ھوندو آھي ۽ رڳو ھڪ ٻئي جون ٽنگون پيو ڇڪيندو آھي. جيڪڏھن قومپرست پارٽين جي ڳڻپ ڪبي تہ درجن ڪن کان مٿي ٿي وينديون. جيڪو ٽو ڏڙو ڪنھن پارٽيءَ کان ڌار ٿئي؛ اھو ٻين ٽن ڏڙن ۾ ورھائجي وڃي ٿو. جيئي سنڌ محاذ ٻن ٽڪرن ۾ ورھايل آھي، جيئي سنڌ متحدہ محاذ بہ جھڙوڪر ٻن گروپن ۾ ورھايل آھي، جيئي سنڌ قومپرست پارٽي، جيئي سنڌ ورڪرز پارٽي ۽ جيئي سنڌ اسلامي فرنٽ اڳ ۾ ئي موجود آھن ۽ جيئي سنڌ قومي محاذ ۾ جنگ جاري آھي. سال ٻن تائين قائم رھي، تڏھن بہ چيھہ آھي. اھڙيءَ طرح ٻين قومپرست پارٽين ۽ تنظيمن جي صورتحال بہ ڪا بھتر ڪانہ آھي. ترقي پسند پارٽيءَ مان دودو گروپ ٽٽو تہ اھو وري ٻن گروپن ۾ ورھائجي ويو. تازو ساڳيءَ ترقي پسند پارٽيءَ مان ھڪ ٻيو گروپ "سنڌ نيشنل ڪائونسل" جي نالي سان جمي نڪتو آھي. اُنھيءَ کان سواءِ رسول بخش پليجي صاحب جي سنڌي عوامي تحريڪ، ممتاز علي ڀٽي ۽ گل محمد جکراڻيءَ جو سنڌ نيشنل فرنٽ ۽ يوسف لغاري صاحب جي سنڌ ڊيموڪريٽ پارٽي، سنڌ نيشلسٽ گروپ يا سنڌ ساگر پارٽي اڄا ئي جدا ديگڙيون چاڙھيل آھن. مطلب تہ قومپرست پارٽين جي "ڪتي ويائي پئي آھي."

انھن سڀني جو سائين جي. ايم. سيد جي چوڻ مطابق "جنھن جو تو پڇ ڪٽجي، سو مادي نڪريو پئي." يعني جنھن تي ڀورو بہ اعتماد ڪجي ٿو، اھو مالڪن جو مھرو نڪريو پئي ٿو ۽ ڪارڪن ۽ ھمدرد سنڌن ونگار وھڻ ۾ پورا آھن. مھرن جا منھن پريا پيا آھن ۽ ڪارڪن جون ڪُکيون سڪنديون وڃن ٿيون: رياست ۽ ان جي ايجنسين کي ماڻھو خريد ڪندي، دير ئي ڪانہ ٿي لڳي. رڳوھڻ رکڻ جي دير آھي، ھرڪو ڪير لاھيو ويٺو آھي. پاڪستان جي سياسي تاريخ جي مارڪيٽ ۾ ھر طبقو ۽ گروھہ واري واري سان وڪامندو رھيو آھي. سنڌ جي ھڪ معمر بزرگ ڏاھي جي چواڻي: "جيڪو چئي ٿو تہ ھو ڪونہ وڪاڻو آھي، اُنھيءَ جو اڃا مُلھہ ڪونہ ٿيو آھي." جڏھن ان جو اگھہ ٿئي ۽ نہ وڪامي تہ پوءِ ان جي اھڙي دعويٰ سچي ثابت ٿي سگھي ٿي يا دنيا جي وڏي ڏاھي مارڪس جي چوڻ مطابق: "جڏھن ڪي خيال ۽ تصور يا نظريا ۽ سياسي ۽ سماجي قوتون، عوام تي اثر انداز ٿينديون آھن تہ انھن جو اگھہ بہ ٿيندو آھي." يعني اھي وڪري جي لائق ٿي پوندا آھن تہ انھن جو وڪرو بہ شروع ٿي ويندو آھي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۽ وحدت فڪر و عمل، مقرر سياسي ۽ اقتصادي نصب العين جو هجڻ ضروري آهي... انهن ڳالهين کان سواءِ اهي نہ سياسي آزادي حاصل ڪري سگهندا، ۽ نہ قومي هستي برقرار رکي سگهندا.“(36)

سنڌ ۽ سنڌي قوم جو قومي چوٽڪارو تيسين ممڪن ڪونہ ٿيندو جيسين اُنهيءَ ۾ بحيثيت قوم جي وحدت فڪر ۽ عمل پيدا نہ ٿيندو. وحدت فڪر نظرياتي تعليم ۽ تربيت جي ذريعي پيدا ٿي سگهندو ۽ وحدت عمل، وحدت فڪر مان پيدا ٿي سگهندو. پر ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ قومپرست پارٽين ۽ تنظيمن جو ان طرف ڪوبہ توجهہ ڪونہ آهي ۽ نہ انهيءَ کي ضروري سمجهيو وڃي ٿو. صرف اخباري بيان بازيءَ تي زور آهي، سا بہ صرف سطحي ۽ چسي لپاڙ بازي آهي، جنهن ۾ ڪا فڪري يا نظرياتي اپيل يا قومي سڏ موجود ڪونہ آهي. جنهن کي پڙهي پڙهي ڪارڪن ۽ عوام جا ڪن پچي پيا آهن. جنهن مان هڪ قسم جي لپاڙ بازيءَ جي انارڪي پکڙجي رهي آهي. اُنهيءَ لاءِ قومي فڪر يا پروگرام واريون پارٽيون، جيستائين پاڻ ۾ ۽ ڪارڪن ۾ وحدت فڪر پيدا نہ ڪنديون، تيستائين قومي تحريڪ جي ڪارڪن ۾ توڙي سڄيءَ سنڌي قوم ۾ نہ وحدت فڪر پيدا ٿي سگهندو ۽ نہ وحدت عمل زور وٺي سگهندو ۽ نہ وري سنڌي عوام جو قومي تحريڪ ۾ اعتماد بحال ٿي سگهندو. هن وقت صورتحال اِها آهي تہ هڪڙيءَ پارٽيءَ مان ڏهہ ڏهہ پارٽيون جوڙايون وڃن ٿيون، نہ صرف قومپرست ۽ آزادي پسند پارٽين سان اهو لقاءُ آهي پر وفاق پرست پارٽين سان بہ اهوئي حشر آهي. پ پ مان ڏهہ تہ مسلم ليگ مان ٻارنهن پارٽيون ٺهي ويون آهن. حڪمرانن ۽ ايجنسين کي ملڪ ۽ قوم يا عوام جي ايتري ڳڻتي ڪانہ آهي، جيترو پارٽين مان پارٽيون ٺهرائڻ جو فڪر آهي.

بهرحال، هن وقت قومي تحريڪ جي تخريب (Dis-integration) ۽ پيچ ڏاهہ جو دور آهي: تخريب کان پوءِ قومي تحريڪ تعمير ڏانهن ڪڏهن ۽ ڪيئن ٿي موٽي، في الحال ڪجهہ چئي نٿو سگهجي. ڪڏهن شيون مرڪز کان ڏار ٿينديون آهن، ۽ ڪڏهن وري مرڪز ڏي موٽنديون آهن. مرڪز کان ڏار ٿيڻ ۽ مرڪز ڏانهن موٽڻ جو عمل هر شيءِ ۾ موجود ۽ جاري رهي ٿو. رياست ۽ قومي تحريڪ هڪٻئي جو ضد آهن. رياست متحد ٿيندي تہ قومي تحريڪ منتشر ٿيندي ۽ قومي تحريڪ متحد ٿيندي تہ رياست منتشر ٿيندي. في الحال تہ رياست قومي تحريڪ کي تخريب ۽ پيچ ڏاهہ جو شڪار ڪري ڇڏيو آهي، ۽ قومي تحريڪ جو مرڪز ٽٽندو ۽ ڪمزور ٿيندو رهي ٿو: جنهنڪري قومي فڪر ۽ عمل ۾ فرقيواريت ۽ گروهہ بندي وڌي رهي آهي، پر جڏهن بہ قومي فڪر ۽ عمل ۾ وحدت پيدا ٿيڻ لڳندي تہ تنظيمي عمل ۾ بہ وحدت پيدا ٿيندي ۽ تنظيمي وحدت، وحدت عمل کي پيدا ڪندي. سائين جي. ايم. سيد جي وفات کان پوءِ جيئي سنڌ تحريڪ جي مختلف گروپن ۽ تنظيمن کي گڏي، جيئي سنڌ قومي محاذ جي هڪ نئي تنظيمي وحدت ۾ آندو ويو هو تہ جيئن قومي ڪارڪن ۽ سنڌي عوام ۾ هڪ قسم جو اُتساهہ يا فڪري وحدت پيدا ٿي سگهي. جيڪو هن وقت حڪمران طبقن جي نظرن ۾ اچي ويو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جڏهن ٿڪجي پئي ٿو يا ان ۾ پنهنجو اڳواڻ دستي وارو ڪردار نٿو ڏسي ته موقعي پرستيءَ ۽ مصلحت پسنديءَ تي لهي ٿو اچي. سائين جي. ايم. سيد لکي ٿو: ”سنڌ ۾ طاقت مٿئين طبقي (جاگيردار ۽ وڏيري) جي هٿ ۾ رهي آهي. ٻيو غريب طبقو آهي. وچولي طبقي ۾ ننڍا واپاري، ننڍا ڪاتيدار، ننڍا ڪامورا، وڪيل ۽ ننڍين فيڪٽرين وارا اچي وڃن ٿا. سي پاڪستان کان اڳ هندو هئا ۽ پاڪستان ٿيڻ کان پوءِ انهيءَ طبقي جا ماڻهو، ڪجھ نون آيل مُهاجرن ۾، ۽ ڪجھ سنڌي مسلمان پيدا ٿيا آهن. ليڪن هڪ ته انهن جو تعداد تمام ٿورو آهي، ٻيو ته انهن مان گهڻو تعداد گذرمعاش جي ڪمن ۾ ايترو ته غلطان آهي، جو ملڪي سياست ڪي سمجهڻ، ان ۾ دلچسپي وٺڻ ۽ ان کي سنڌي رستي تي آڻڻ لاءِ نه وقت اٿن ۽ نه شوق اٿن. تنهن کان سواءِ انهن ماڻهن مان هڪ گروهه کي پئسا ڳڻ ڪري مٿئين طبقي ۾ وڃڻ جو حرص دامنگير آهي ۽ هڪڙو گروهه وري خود غرضيءَ سبب مٿئين طبقي جي ماڻهن جو چاڙتو ۽ پوئلڳ ٿي رهڻ ۾ پنهنجو ڀلو ۽ سلامتي ٿو سمجهي.“ (37)

سائين جي. ايم. سيد جو سنڌ جي سياسي صورتحال بابت اهو جائزو جيتوڻيڪ اڄ کان چاليهه پنجاهه سال اڳ جو آهي، پر اڄوڪيءَ سنڌ جي وچولي طبقي جي صورتحال جي صحيح صحيح ترجماني ڪري ٿو. جيڪڏهن سنڌ جي قومي تحريڪ جا ڪارڪن ۽ قيادت قومي تحريڪ ۽ قومي فڪر سان واقعي سچا ۽ مخلص آهن ته ڪين سمورين انائن، تنگ نظرين ۽ گروهه بندين کي ڇڏي ۽ ترڪ ڪري، قومي تحريڪ کي ميڙي مٺ ڪرڻ جي ضرورت آهي. ۽ شخصي تڪبر ۽ وڏائيءَ کي لت هڻي، رياست ۽ ان جي حڪمرانن ۽ ايجنسين جي سيني سازشن کي مٽيءَ ۾ ملائڻ جي ضرورت آهي ته جيئن قومي تحريڪ ۽ سنڌي قوم جي درخشان ۽ روشن مستقبل کي حاصل ڪري سگهجي. اهوئي سنڌ ۽ سيد جو پيغام آهي. اُنهيءَ لاءِ هڪ ڀيرو وري قومي تحريڪ جي مرڪز کي متحد ۽ مضبوط ڪرڻ جي ضرورت آهي. ۽ انهيءَ ۾ ئي وطن ۽ قوم جي نجات آهي. اسان جي هن تجزياتي جائزي جو اهو مطلب ڪونه آهي ته ڪارڪنن ۽ عوام کي قومي تحريڪ کان بدظن ڪجي، يا ڪين ان کان ٿيڙي بيزار ڪري پري ڪجي؛ بلڪل ايئن قطعي ڪونه آهي. اسان ته پنهنجيءَ عمر جو هڪ وڏو عرصو قومي تحريڪ کي ڏنو آهي ۽ اهو سنڌ ۽ سنڌي قوم جي قومي ڇوٽڪاري لاءِ ڏنو آهي ۽ اهو انهيءَ فڪر تي عمل ڪرڻ ۾ ڏنو آهي. هن تجزياتي جائزي جي پيش ڪرڻ جو صرف اهو مقصد آهي ته قومي تحريڪ جي منفي ۽ مثبت پاسن تي روشني وڌي وڃي ته جيئن قومي ڪارڪن ۽ سنڌي عوام قومي تحريڪ اندر سرجندڙ ۽ پلجندڙ سازشن کان آگاهه ٿي سگهن ۽ ان جي منفي رخن جو ٿوڙ پيدا ڪري سگهن ۽ سازش ڪندڙ چهرن کي پرکين ۽ قومي تحريڪ اندر جمود کي ٽوڙين، ورنه ويل راند وري نه سگهندي. ۽ نه سنڌي عوام جو وڃايل اعتماد ايترو جلد بحال ٿي سگهندو. سائين جي. ايم. سيد جو چوڻ آهي ته: ”ڪابه قوم ۽ ملڪ آزادي حاصل ڪرڻ جي لائق، تڏهن ٿي سگهندو آهي، جڏهن ان جي ٻچي ٻچي ۾ حب الوطني،



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

قومپرستي، ايثار ۽ قربانيءَ جو جذبو پرجي ويندو آهي. انگريزيءَ ۾ چوڻي آهي تہ: ”هڪڙي هنج جي موجودگيءَ ۾ بهار جي موسم کي شمار نٿو ڪري سگهجي. جتي لکها ماڻهو خودمطلبيءَ جي مرض ۾ مبتلا هجن ۽ جنهن ملڪ ۾ قربانيءَ جي وَٽ اڻ لڀ هجي، اتي صرف آزاديءَ جي تمنا رکڻ مان ڪجهہ هڙ حاصل ٿيڻ جي اميد ٿي اجائي آهي. شاهہ سائينءَ اهڙيءَ صورتحال لاءِ فرمايو آهي“:

ويني وَرن پُون، سُتي ملن نہ سُپرين،
سي مَر رويو روُنِ، جَن مسافر سپرين. (38)

قومي تحريڪ ۾ فڪر ۽ عمل جي وحدت لاءِ سنڌي سماج ۽ قوم مان هر قسم جي فرقيواريت جو خاتمو ضروري آهي تہ جيئن سنڌي قوم جي قومي تڪميل جو مرحلو مڪمل ٿي سگهي يعني سنڌي قوم جي پنجين فيڪٽر جي مڪمل ٿيڻ لاءِ سياسي ۽ اقتصادي مفادن جي هم آهنگيءَ جو شعور پيدا ٿي سگهي ۽ اهو سنڌي قوم ۾ سيڪيولر شعور جي ترقيءَ کان سواءِ ممڪن ڪونہ آهي. پوءِ اِها فرقيواريت مذهبي قسم جي هجي، يا گروهي ۽ لساني قسم جي هجي يا ثقافتي ۽ طبقاتي قسم جي فرقيواريت هجي. هر قسم جي فرقيواريت سنڌي قوم جي قومي تڪميل جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ جو سبب ٿي سگهي ٿي. ۽ اها قومي فڪر جي وحدت ۽ هم آهنگيءَ لاءِ وڏي ۾ وڏي نقصانڪار ٿي سگهي ٿي. ان ڪري انهيءَ جو سنڌي قوم جي قومي تڪميل جي ترقيءَ ۾ رجعت پرست ڪردار ٿي ٿي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ تہ جڏهن ڪنهن قوم جي قومي تڪميل جي تاريخي ضرورت ٿيندي آهي تہ اهڙي قسم جي هر فرقيواريت (طبقاتي فرقيواريت سميت) ۽ غير هم آهنگي رجعت پرستيءَ جو ڪردار ادا ڪندي آهي، بلڪل اهڙيءَ طرح ڪنهن ملڪ ۾ سرمائيداريءَ جي زوال پذير ٿيڻ واري دور ۾، جڏهن پورهيت طبقي ۾ طبقاتي شعور جي هم آهنگيءَ جي تاريخي ضرورت ٿيندي آهي تہ انهيءَ دور ۾ هر قسم جي فرقيواريت (قومپرستيءَ سميت) ۽ غير هم آهنگي رجعت پرستيءَ جو ڪردار ادا ڪندي آهي. ڇاڪاڻ تہ ڪنهن بہ خيال يا تصور جي ترقيءَ پسنديءَ جو ڪردار، تاريخ پنهنجي پنهنجي دور جي تقاضائن مطابق ڪندي آهي، پر ماڻهن جي ڪُن نظرياتي خواهشن مطابق نہ ڪندي آهي. جو تہ خواهشون سدائين خيال پرستيءَ جو شڪار رهنديون آهن.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## باب پنجون

# سرمائيدار پزير قوتون ۽ مردار جاگيرداري سوشلزم

جيئن طبقيوار نظام ۾، ذاتي ملڪيت جي ذريعي ٻئي انسان جي قوت محنت خريد ڪئي ويندي آهي ته اها پنهنجي ضد ۾ بدلجي ويندي آهي يعني اها هڪ انسان جي هٿان، ٻئي انسان جي استحصال جو سبب ٿيندي آهي. تيئن جڏهن ڪا رياست يا حاڪميت، قومن جي آزادي ۽ خود اختياري کسيندي آهي، ته اها به لازمي طور پنهنجي ضد ۾ بدلجي ويندي آهي يعني قومي غلاميءَ جو قيد خانو ثابت ٿيندي آهي ۽ پوءِ اهڙي استحصال يا قومي غلاميءَ جي خلاف هر انسان ۽ قوم جي انقلابي يا قومي جدوجهد نه صرف جائز ۽ حق بجانب ٿيندي آهي پر اهڙيءَ سامراجي غلاميءَ ۽ استحصال جي شڪل کي بدلائڻ به ضروري ۽ لازمي ٿي پوندو آهي. جڏهن به ڪا رياست يا حاڪميت مظلوم ۽ محڪوم قومن لاءِ قيد خانو ثابت ٿيندي آهي ته اها هڪ قومي غلاميءَ جي شڪل هوندي آهي ۽ انهيءَ قومي غلاميءَ جي شڪل خلاف جدوجهد ڪرڻ هر انسان ۽ قوم جو انساني ۽ قومي فرض ٿي پوندو آهي.

هن وقت پاڪستان جي رياست ۾ واڙيل ننڍيون قومون، سنڌ، بلوچستان، ويندي پختونستان، پنجاب جي استعماريت جو شڪار آهن. ۽ اهي ملڪ ۽ قومون، انهيءَ غلاميءَ ۽ ڏاڍائيءَ خلاف قومپرست جدوجهد جي حيثيت ۾ آواز اٿاري رهيون آهن. پر انهن ۾سنڌ جي واحد قومي تحريڪ آهي، جيڪا رهبر سنڌ سائين جي. ايم. سيد جي قومي پروگرام تي ٻڌل قومي آزاديءَ جي جدوجهد ڪري رهي آهي. انهيءَ لاءِ قومي آزاديءَ جي تاريخي قوتن جو تعين ضروري آهي، ته جيئن انهن کان آگاهي ٿي سگهي ته ڪهڙيون قومي تحريڪ جون سهڪاري قوتون ٿي سگهن ٿيون ۽ ڪهڙيون قوتون هر اول يا اڳواڻ دستي جو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون. رهبر سنڌ سائين جي. ايم. سيد اڳ ڪٿي ڪئي آهي ته سنڌ جي اردو آبادي، سنڌ جي قومي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ هر اول دستي جو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي، پر اهو به چيو اٿن ته اردو آباديءَ جو هڪ حصو سنڌين سان وڙهندو، ٻيو حصو ملڪ ڇڏي ڀڄي ويندو ۽ ٽيو حصو سنڌ جي قومي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ سرگرم ۽ سرواڻيءَ وارو ڪردار ادا ڪندو ۽ ”جيڪڏهن الطاف



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

حسين پاڻ کي سنڌي سمجهي ۽ سڏائي ٿو تہ اهو بہ سنڌي قوم جي قيادت ڪري سگهي ٿو. پر ان لاءِ ڪيس سنڌ ڌرتيءَ سان پيار ڪرڻو پوندو ۽ پنجاب جي چوڻ تي پنهنجون پاليسيون ٺاهڻ ڇڏڻي ڏينديو ۽ اهو بہ سمجهڻو پوندو تہ ڪين هاڻ مهاجر بنجي هجرت ڪرڻي ڪانہ آهي." (39)

رهبر سنڌ سائين جي. ايم. سيد جيِ اها پيشنگوئي، سنڌين لاڏاڻي کان ٽن ڇئن سالن جي اندر ٿي صحيح ثابت ٿي رهي آهي. ڇاڪاڻ تہ سنڌ جي اهم ترين قومي مسئلن تي، جيئن ڪالا باغ ڊيم، ناٿي جي ورهاست ۽ آدمشماريءَ بابت سنڌين قومي فڪر جي پيروڪار پارٽي، جيئي سنڌ قومي محاذ ۽ متحدہ قومي موومينٽ ۾ اتحاد ٿي چڪو آهي ۽ اسان ۽ سنڌ جي بين گهٽگهرن ماڻهن جو خيال آهي تہ اهو هڪ تاريخ ساز اتحاد آهي. جنهن ۾ سنڌ جي ايرنڊڙ وچولي طبقي جي مستقبل جون تاريخي قوتون متحد ٿي رهيون آهن، جن جي نمائندگي هن وقت جيئي سنڌ قومي محاذ ۽ متحدہ قومي موومينٽ ڪري رهيون آهن. جيئي سنڌ قومي محاذ سنڌ جي قومي آزاديءَ جي پروگرام جي سياسي پارٽي آهي ۽ متحدہ قومي موومينٽ سنڌ جي سرمائيدار تاريخي قوتن جي سياسي تنظيم آهي. انهيءَ ڪري انهن ٻنهي جو اهو هڪ فطري اتحاد آهي، جنهن ۾ سڄيءَ سنڌ جون تاريخي قوتون هڪ هنڌ متحد ٿي رهيون آهن. ٻئي پاسي سنڌ جي مردار جاگيردار سياسي قوت آهي، جنهن جي نمائندگي پيپلز پارٽي ۽ ان جون اتحادي ڌريون آهن. جيڪي رجعت پرست جاگيردار طبقاتي مفادن جي بچاءَ لاءِ جاگيردار دوست سياست ڪري رهيون آهن. ان ڪري انهن جو اهو اتحاد بہ فطري آهي، جنهن ۾ مردار تاريخي قوتون هڪ هنڌ متحد آهن. ٽئي طرف وري سنڌ جي وچولي طبقي جون موقعي پرست سياسي ڌريون آهن، جيڪي ثقافتي شاونزم جي بنياد تي فرقيوار قومپرستيءَ جي نمائندگي ڪري رهيون آهن. جنهن ۾ سنڌ جون غير تاريخي ۽ غير پيداواري قوتون گڏ ٿي رهيون آهن. جاگيردار طبقو، بحيثيت طبقي جي، فطري طور غدار طبقو آهي. جنهن مان ڪو ڪو فرد محب وطن ٿي سگهي ٿو. سرمائيدار طبقو، بحيثيت طبقي جي، فطري طور محب وطن ۽ انقلابي ٿئي ٿو ۽ انهيءَ مان ڪو ڪو فرد غدار نڪرندو آهي. پر وچولو طبقو، بحيثيت طبقي جي، سماجي طور ڪو طبقو ڪونہ آهي، ان ڪري ان طبقي جي قيادت ڦرڻي گهرڻي ۽ موقعي پرست ٿيندي آهي. ان جو رول انقلابي بہ ٿيندو آهي ۽ غير انقلابي بہ ٿيندو آهي. ان ڪري ان تي اعتبار ڪري نہ سگهبو آهي ۽ نہ وري اهو ڪو اعتبار جوڳو طبقو آهي.

جاگيردار طبقو، پنهنجيءَ سماجي فطرت جي لحاظ کان، ان ڪري غدار ٿيندو آهي، جو قومي آزاديءَ جو انقلاب، جاگيردار طبقي کي بحيثيت طبقي جي، ختم ڪري ڇڏيندو آهي. اهوئي سبب آهي جو جاگيردار طبقو، بحيثيت طبقي جي، قومي آزاديءَ جي انقلاب جو مخالف طبقو هوندو آهي. اهڙيءَ طرح سرمائيدار طبقو، بحيثيت طبقي جي پنهنجيءَ سماجي فطرت جي لحاظ کان ان ڪري محب وطن ۽ انقلابي ٿيندو آهي،



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جو قومي آزاديءَ جو انقلاب، بحيثيت طبقي جي ان کي قومي اقتدار اعليٰ جو والي ۽ وارث بنائيندو آهي. اهوئي سبب آهي جو اهو قومي آزاديءَ جي جدوجهد مستقل مزاجيءَ سان پير کوڙي وڙهندو آهي. وچولو طبقو، انقلاب دوستيءَ ۽ انقلاب دشمنيءَ جو ٻنهي رول ادا ڪندو آهي؛ ڇاڪاڻ ته اُنهيءَ جو قومي آزاديءَ جي انقلاب جي فتحيابيءَ ۾ ڪوبه مستقل معاشي مفاد نه هوندو آهي، ان ڪري وچولو طبقو، جيستائين ايمانداريءَ سان جدوجهد ڪندو آهي ته قومي آزاديءَ جي انقلاب سان ۽ جدوجهد سان سچو به رهندو آهي ۽ جڏهن جدوجهد ڪندي ٿڪجي ۽ بيزار ٿي پوندو آهي ته موقعي پرستيءَ تي لهي ايندو آهي. ڇاڪاڻ ته ڏکيءَ جدوجهد ۾ اهو ٻڏتر جو شڪار ٿيڻ لڳندي آهي ته خبر نه آهي سنڌ جا مسئلا ڪڏهن حل ٿيندا، الائي ٿيندا به يا نه... تيسين ڏسندي ڏسندي ۽ اسڙڪندي ”هڻ ئي ڳري ويندا ۽ سچي عمر جيلن ۾ گذري ويندي؟! جنهن لاءِ ڪڏهن ڪالا باغ ڊيم يا ٿل ڪئنال جي خلاف جلوس ڪڍندو، ڪڏهن ڌارين جي آبادڪاريءَ خلاف جلسڙا ڪندو، سو به ڏيهه کي ڏيکارڻ لاءِ ته هو به قومپرست يا سنڌ دوست آهي ۽ اهڙيءَ طرح ”سنڌي سنڌي“ ۽ ”سنڌ سنڌ“ جو ورد پيو ڪندو آهي. پر پاڻ سڳورن (ايجنسين) کان پريرو به نه ٿيندو آهي. ۽ قومپرستيءَ جو رينگٽ سو لايو بيٺو هوندو آهي ۽ ڦٽ ڦٽ گهٽي ڪندو آهي ۽ دڙڪا ۽ دهمان ايئن ڏيندو آهي، ڄڻ وڏو ڪو ”تيس مار خان“ آهي ۽ ڄاڻ ته آسمان جا تارا لاهي ايندو.

هڪ گهڻ طبقاتي سماج ۾، ماڻهن جا گهڻ طبقاتي مفاد ٿيندا آهن. جنهن ۾ هر ڪو طبقو، پنهنجي طبقي جي سياست تي زور ڏيندو آهي. جمهوري سياست به ايئن هوندي آهي ۽ قومپرست سياست به ايئن هوندي آهي. خاص ڪري قومي غلاميءَ جي سياست، گهڻو ڪري ٽه-طرفي ٿيندي آهي. هڪ ايرنڊڙ قومي سرمائيدار جي سياست ٿيندي آهي، جيڪا مستقل مزاج سياست ٿيندي آهي، ٻي مرندڙ جاگيردار طبقي جي سياست ٿيندي آهي، جيڪا موجوده صورتحال (Statisco) کي جيئن جو تيئن رکڻ جي ڪوشش ڪندي آهي ۽ ٽي لڏندڙ لمندڙ وچولي طبقي جي سياست ٿيندي آهي، جيڪا اڪثر ڪري موقعي پرست ٿيندي آهي. سنڌ ۾ هن وقت، اهي ٽيئي سياسي رجحان موجود آهن. پر ڇاڪاڻ، جيئن ته سنڌ جو مقامي سنڌي قومي سرمائيدار ڪونه آهي، ان ڪري جاگيردار طبقي ۽ وچولي (هيٺين) طبقي جي سياست به پنهنجا پنهنجا ڪرتب ۽ جوهر ڏيکاري رهي آهي.

اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ هن وقت، هڪ طرف جديد نظرياتي ۽ معاشي قومي قوت متحد ٿي ۽ اڳتي قدم وڌائي رهي آهي، ۽ چڱي خاصي ارتقا کان پوءِ جسقم ۽ متحده جي سياسي پليٽ فارم تي منظم ٿي رهي آهي، اُتي ٻئي طرف سنڌ جي مردار جاگيردار معاشي ۽ سياسي قوت به هٽ پير هٽي ۽ ملائي رهي آهي. جيڪا پ پ ۽ ٻين ننڍين وڏين پارٽين جي سياسي پليٽ فارم تي رجعت پرستيءَ جي رُخ ۾ متراڊو رعب جمائيندي رهي آهي ۽ ٽيئي طرف سنڌ جي موقعي پرست وچولي طبقي جي فرقيوار



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

"مهاجر رابطا ڪائونسل" (M.R.C) جوڙائي وئي هئي ۽ ان جي پليٽ فارم تان سنڌ جي ورهاڱي جا مطالبا ۽ نعراءَ پيش ڪيا ويا ته جيئن اردو ۽ سنڌي آباديءَ ۾ اهو تاثر ڏياريو وڃي ته سنڌ جي ورهاڱي جو پروگرام اردو آباديءَ جو آهي. پر جيئن ته سنڌي ۽ اردو آباديءَ ۾ ٿورو گهڻو لساني ۽ ثقافتي تضاد ته آهي پر اهو نه قومي تضاد آهي ۽ نه اقتصادي تضاد آهي، ان ڪري اهو بنيادي يا دشمن تضاد ڪونه آهي پر غير بنيادي يا غير دشمن تضاد آهي؛ ڇاڪاڻ ته سنڌي ۽ اردو آباديءَ جا جاگرافيائي يا وطني ۽ قومي مفاد ساڳيا آهن. جيڪي ٻنهي جي مفادن جي هم آهنگيءَ ۾ آهن. ۽ جيڪي جيئن پوءِ تيئن ۽ ڏينهون ڏينهن وڌيڪ هم آهنگي اختيار ڪندا وڃن ٿا. اهڙن غير بنيادي يا غير دشمن تضادن کي جهيڙي ۽ جنگ سان نه پر ڳالهين ٻولهين ۽ تنقيد ۽ خود تنقيد جي ذريعي حل ڪيو ويندو آهي.

اهڙا تضاد هڪ ئي سماج اندر رهندي حل ٿيڻ جهڙا هوندا آهن ۽ انهن جي حل جو اهوئي سائنسي طريقو آهي. اسان جي ايم ڪيو ايم يا متحده جي سرگرمين يا مطالبن تي گهري نظر آهي ته انهيءَ جي پليٽ فارم تان ڪڏهن به سنڌ جي ورهاڱي جو نعرو نه لڳو آهي ۽ نه اهڙو ڪو مطالبو ٿيو آهي، ۽ نه ئي ڪراچي يا حيدرآباد وغيره جي ديوارن تي ڪڏهن ڪا اهڙي چاڪنگ يا پوسٽر وغيره لڳل ڏٺو ويو آهي ۽ نه متحده سان لاڳاپيل ڪنهن سياسي دانشور يا ڪالم نگار جي ڪالم، مضمون يا تجزيي ۾ اهڙي ڪا ڳالهه ڪئي وئي آهي، پر ايم ڪيو ايم حقيقي يا ٻين اهڙين پنجاب نواز سرڪاري يا غير سرڪاري تنظيمن ۽ ماڻهن جي طرفان وقت بوقت اهڙي تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ٿيندي رهي آهي ۽ مطالبا ٿيندا ۽ نعرا لڳندا رهيا آهن ۽ اخبارن وغيره ۾ مضمون ۽ ڪالم وغيره لکجندا رهيا آهن. جن ۾ انهيءَ تاثر ڏيڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي ويندي آهي ته اهو مطالبو متحده قومي موومينٽ ۽ ان جي قيادت ۽ اردو آباديءَ جو آهي. ويندي پ پ حڪومت جي آخري دور ۾ الطاف حسين جي ڀاءُ ۽ ڀائٽي کي نهايت ئي بي دردي سان ماري لاشن کي ڪراچيءَ جي هڪ نج سنڌي ڳوٺ جي ڀرسان جهنگ جي ٻوڙن ۾ اڇلايو ويو ته جيئن ايم ڪيو ايم ۽ ان جا ڪارڪن ردعمل ۾ اچي، ۽ مشتعل ٿي جوابي ڪارروائي ڪن ۽ ٻيو نه ته ڏهن ٻـ ٻه چار سنڌي ماڻهن جا لاش ڪرائين ۽ پوءِ انهيءَ چڪتاڻ ۽ ڪشيدگيءَ کي هوا ڏياري فسادن جي باهه ڀڙڪائي سگهجي پر متحده ۽ خود الطاف حسين اهو چئي، انهيءَ قتل جي مزمت ڪري ڇڏي ته اها سنڌي ۽ اردو آباديءَ کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ جي سازش آهي. ان ڪري اسان جا ڪارڪن نه ڪنهن اشتعال ۾ ايندا ۽ نه ڪنهن ٻيءَ سازش جو شڪار ٿيندا.

... ... ...

متحده قومي موومينٽ ڪراچيءَ يا سنڌ جي سرمائيدارن جي ايئن سياسي تنظيم آهي، جيئن نواز ليگ پنجابي سرمائيدارن جي سياسي تنظيم آهي يا جيئن پ پ سنڌ ۽ پنجاب جي جاگيردارن جي سياسي تنظيم آهي. ٽيئي پارٽيون، پنهنجي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏٺي ايترو ڊگهو وقت اگهور ننڊ ۾ سُمهي سگهن ٿا، ۽ پنهنجا قومي حق ۽ مفاد وساري سگهن ٿا ته پوءِ ڌرتيءَ تي پنجاهه سال اڳ اچڻ وارن کان اها تقاضا ڪرڻ ته اهي بلڪل اسان وانگر سنڌي ٿي وڃن، اهو نه صرف ناممڪن آهي پر ناانصافي به آهي. جڏهن ته اسان جي حالت اها آهي ته سنڌ ڌرتيءَ جا اصلوڪا رهاڪو به اڃا ان جي آزاديءَ بابت هڪ جهڙي سوچ نٿا رکن، ته پوءِ اردو آباديءَ کان ايڏي تڪڙي گهر ڪرڻ نامناسب ۽ غير واجبي آهي. بقول هڪ سنڌ دوست اردو دانشور جي ته: "جيڪڏهن ڪو شخص سچيءَ دل سان سنڌ جي حقن جي جدوجهد ڪري ٿو، خواهه ان جو تعلق اردو ڳالهائيندڙ طبقي سان ڇو نه هجي، يا هو سنڌي زبان جو هڪ لفظ به نه ڄاڻندو هجي، اهو هڪ سچو قومپرست آهي." (45)

# سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي قومي هم آهنگي

عام ماڻهوءَ جي حالتن يا سياسي صورتحال تي ايتري گهري يا ڳوڙهي نظر نه هوندي آهي. عام طرح انهن جي نظر سرسري يا مٿاڇري هوندي آهي. اُنهيءَ عام مٿاڇري ذهن يا نظر جي آڏو جيڪي حالتون يا صورتحال هوندي آهي، عام ماڻهوءَ جي نظر صرف اُنهن تي هوندي آهي، ۽ اهو انهن حالتن مطابق سوچيندو به آهي ۽ لوچيندو به آهي. ۽ انهن کي ايئن حل ڪرڻ جي ڪوشش به ڪندو آهي. پر معروضي حالتون، ماڻهوءَ جي موضوعي سوچن يا خيالن جون محتاج نه هونديون آهن ۽ نه انهن مطابق عمل ڪنديون آهن ۽ نه انهن مطابق حل ٿيڻ جهڙيون هونديون آهن. عام ماڻهوءَ جي ڄاڻ ۽ ان جي معلومات يا ڪميونيڪيشن ڏاڍي محدود ۽ سوڙهي هوندي آهي. جيڪا ماڻهوءَ کي اڪثر ڪري خيال پرستيءَ جي کوهه ۾ ڪٽي ويندي آهي ۽ پوءِ ماڻهو به کوهه جي ڏيڏر وانگر ايئن سمجهندو آهي، ته دنيا اهائي آهي، جيڪا ان جي آڏو موجود آهي، ان کان ٻاهر نه ڪا دنيا آهي ۽ نه سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتن جو ڪو ڪردار ٿئي آهي. جڏهن ته شيون گهڻو ڪري ايئن نه هونديون آهن، جيئن عام ماڻهوءَ کي نظر اينديون آهن. نتيجي ۾ ماڻهو پنهنجيءَ موضوعي مَن پسنديءَ جو مريد بنجي ويندو آهي ۽ چاهيندو آهي ته سموريون سياسي يا قومپرست پارٽيون به ايئن ئي سوچن ۽ عمل ڪن، جيئن هو ڪين ڏسي ٿو يا سمجهي ٿو.

سنڌ جي سياست سنڌ جي اردو آباديءَ جي فيڪٽر کي به گهڻو ڪري اهڙي سطحي انداز ۾ ڏسڻ ۽ پرکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، محترم احمد مجتبيٰ راشدي صاحب پنهنجي مضمون "مهاجر فيڪٽر جي نفسيات ۽ سنڌي قوم جو مستقبل" ۾ تجزيو ڪندي لکي ٿو: "مهاجريت کي تقويت ڏيڻ ۾، سامراج جي فلاسافي ڪارفرما رهي آهي، جنهن کي ڪنهن مرحلي ۾، سوشلزم جي روڪٿام لاءِ طبقيوار سوچ کي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جتي پنجاب جي پرمازيت ۽ سامراجيت جي ضرورت رهي آهي، اُتي جاگيردار طبقي جي استحصال جي بہ ضرورت رهي آهي.

اهو تاريخ جو جبر آهي يا پلائي آهي يا تاريخ جي روز حساب ۾ سنڌي قوم جو ڪو لولو اگهاڻل آهي، جنهن جي ڪري اڄ ڪان اڌ صدي اڳ، جيئن تاريخ جي هڪ وڏي جبر، سنڌي قوم ڪان هڪ ترقي يافتہ (شهري وچولو طبقو) حصو ڪسي ورتو، تيئن تاريخ جو هڪ ٻيو جبر، سنڌي قوم ڪي اهو هڪ (شهري وچولو طبقو) ٻيءَ حيثيت ۾ موٽائي ڏئي رهيو آهي. ڪڏهن ڪڏهن تاريخ قومن تي مهربان ٿي پوندي آهي، جيئن هن وقت سنڌي قوم تي مهربان ٿي رهي آهي. اهوئي سبب آهي جو ڪيترن ئي ماڻهن جو خيال آهي تہ سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي ويجهڙائي لاءِ، جيڪا اڄوڪي پيش رفت ٿي رهي آهي، اُنهيءَ جي هن ڪان اڳ بہ سخت ضرورت هئي. اُنهيءَ جا ڪهڙا سبب آهن يا ٿي سگهن ٿا؟ جنهنڪري اها ڳالهہ هن ڪان اڳ ٿي نہ سگهي؟ دراصل اُنهيءَ جا معاشرتي ۽ تاريخي سبب هئا ۽ آهن. هن ڪان اڳ اسان جي سنڌي معاشري، قومي معاشري جي شڪل اختيار ڪانہ ڪئي هئي. اهو اڃا جاگيرداري معاشرو ئي رهيو هو، جنهن جا خود بہ جديد شهري معاشري سان ثقافتي تضاد هئا. جيڪي جاگيرداري تنگ نظريءَ ۽ علحدگيءَ جو شڪار هئا، تنهنڪري اُهي سنڌي معاشري ڪي جديد قومي معاشري سان هم آهنگي اختيار ڪرڻ ۾ رڪاوٽ بڻجي رهيا هئا ۽ جاگيردار طبقو، پنهنجن طبقاتي مفادن جي جياپي لاءِ، اُنهيءَ جاگيرداري معاشرتي زندگيءَ ڪي اڃا بہ وڌيڪ پوئتي ڌڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ۽ اُنهيءَ جاگيرداري معاشرتي ۽ ثقافتي اڪيلائيءَ ڪي جديد دور جي شهري زندگيءَ سان غير ضروري تضادن ۾ الجهائي رهيو هو، جيڪا ڳالهہ نہ صرف جاگيرداريءَ جي جياپي لاءِ ضروري هئي پر پنجاب جي توسيع پسند پرماريت لاءِ بہ ضروري هئي.

پر هاڻي جڏهن سنڌي معاشرو، جيئن جيئن شهري ٿيندو پيو وڃي، تيئن تيئن اهو وڌيڪ قومي ٿيندو پيو وڃي ۽ اُنهيءَ ۾ وڌيڪ قومي مفادن جي هم آهنگي پيدا ٿيندي پئي وڃي ۽ انهيءَ نئين ايرندڙ سنڌي قومي يا وچولي طبقي جا مفاد، اردو آباديءَ جي شهري وچولي طبقي جي مفادن سان هڪ نئين قومي هم آهنگي پيدا ڪندا پيا وڃن. جيڪي هن ڪان اڳ، جاگيردار معاشرتي مفادن سان وڌيڪ ويجها هئا ۽ جديد قومي مفادن سان خود بہ ٽڪراءَ ۾ هئا. جن ڪي پنجاب ۽ سنڌ جو جاگيردار طبقو ۽ پنجاب جون حڪمران قوتون گڏجي ۽ اتحاد ڪري پ پ ۽ مسلم ليگ جي وفاق پسند سياسي اتحاد ۾ اڃا وڌيڪ تضادن ۽ ٽڪرائن جو روپ ڏياري، اُنهيءَ ويجهڙائيءَ ڪي پوئتي ڌڪينديون رهيون هيون ۽ اهائي سنڌ ۽ پنجاب جي جاگيردار طبقي جي مفادن جي ضرورت هئي تہ جيئن سنڌ جي شهري ۽ ڳوٺاڻي آباديءَ ڪي جيترو ٿي سگهي، هڪٻئي ڪان پري رکيو وڃي ۽ منجهن گڏيل قومي مفادن جي هم آهنگي پيدا ٿيڻ نہ ڏني وڃي ۽ ٻنهي آبادين ۾ مصنوعي تضادن جي اهڙي هڪ ديوار کڙي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وجي، جيڪا ديوار برلن جو ڪم ڏئي سگهي، پر هاڻ انهيءَ ديوار برلن کي سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي اتحاد جو هٿوڙو ڊاهي رهيو آهي.

اصل ۾ ڳالهه اردو آباديءَ ڏي سنڌي آباديءَ جي ۽ سنڌي آباديءَ ڏي اردو آباديءَ جي روين ۾ مفاهمت جي آهي. ۽ انهن جي وچ ۾ خيالن ۽ سوچن جي هم آهنگيءَ جي آهي ۽ اُنهيءَ کان پوءِ ٻنهي آبادين جي هڪٻئي ڏي ويجهڙائپ جي آهي، جيڪا هاڻ تمام تڪڙي اڳتي وڌڻ لڳي آهي ۽ جيئن پوءِ تيئن اڳتي وڌي رهي آهي؛ جيڪا ئي ڳالهه ٻنهي آبادين جي مفاد ۾ آهي.

اها خوش بختيءَ جي ڳالهه آهي ته هن وقت سنڌ جي اردو آباديءَ جو سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن ڏي هاڪاري رويو پيدا ٿيو آهي ۽ پنجاب سامراج خلاف رجحان پيدا ٿي رهيا آهن ۽ اردو آباديءَ جو اهڙو لاڙو سنڌ جي قومي آزاديءَ جي جدوجهد لاءِ هاڪاري آهي ۽ في الحال اهوئي ڪافي آهي. قومپرست قوتن کي اردو آباديءَ جي انهيءَ رجحان جي تاريخي ۽ اقتصادي پس منظر کي سمجهڻ جي ضرورت آهي. جيڪو جيئن پوءِ تيئن ڪين سنڌ جي اصل آباديءَ جي ويجهو آڻي رهيو آهي. اها اسان کان وڌيڪ انهن جي جديد سرمائيدار اقتصادي مفادن جي ضرورت آهي. جنهن کي تاريخي جبر ئي چئجي ۽ اهو تاريخي جبر ئي آهي، جيڪو اردو آباديءَ کي سنڌ ڌرتيءَ جي ڌڻي ٿيڻ لاءِ مجبور ڪري رهيو آهي. جاڪاڻ ته اصل سنڌين کان وڌيڪ سنڌ جي وسيلن جي وارثيءَ جي ضرورت ڪين آهي. جيستائين سنڌين سان گڏجي سنڌ جي مفادن کي بچائيندا ته سندن مفاد به بچي سگهندا. نه ته نه سنڌ جا مفاد بچي سگهندا ۽ نه ئي سندن مفاد بچي سگهندا ۽ اهائي سندن مفادن جي تاريخي ضرورت آهي. اُنهيءَ مفادن جي هم آهنگيءَ کي ڏسندي رهبر سنڌ سائين جي. ايم. سيد اڄ کان ٽيهه پنجٽيهه سال اڳ، اڳڪٿي ڪندي لکيو ته: ”مون کي معلوم آهي ته سنڌ ۾ تازو لکها ماڻهو جدا زبان، ڪلچر، طور طريقن ۽ رسمن، رواجن وارا آيل آهن، جن مان گهڻا انهن طرفن کان آيا آهن، جيڪي مرڪزي حڪومت جي نزديڪيءَ ۾ رهندي آسودگيءَ وغيره جي ڪري، بودوباش جي طريقن، علم، پئسي ۽ ٻين ڳالهين ۾ اسان جي ماڻهن کان وڌيڪ ترقي يافته آهن ۽ موجوده حڪومت ۾ به ڪين وڌيڪ دسترسي آهي، پر نظرياتي ۽ فڪري لحاظ کان اسان کان گهٽ آهن. هو اسان کي پاڻ ۾ ضم ڪرڻ جي ڪهڙي به ڪوشش ڪن. پر ان ۾ ڪامياب نه ٿيندا. اسان کي حالتن جو اندازو ڪري ساڻن تصادم ۾ اچڻ نه گهرجي. بلڪ تاليف قلوب، حسن اخلاق ۽ محبت ۽ پيار جي ذريعن سان ٿوري وقت کان پوءِ اسين هڪ ٿي سگهون ٿا. سندن اردو زبان اسان کي ڪائي ڪانه وڻندي ۽ نه اسان ان کي ختم ڪرڻ گهرون ٿا. جهڙيءَ طرح بلوچي، سرائڪي، مارواڙي وغيره اڃا تائين ڪيترن سنڌي گهرن ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون، اهڙيءَ طرح آهستي آهستي اهي به سنڌي سڪي ويندا. جيستائين گهرن ۾ صدين تائين سندن زبان قائم رهي ٿي ته ڪهڙو اعتراض ٿي سگهي ٿو.“ (48)



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# سنڌي قوم جي وسعت جي هم آهنگي

1992ع کان پوءِ متحده قومي موومينٽ ۽ ان جي قيادت جي خلاف جيڪا وٺ پڪڙ ڪئي وئي آهي، اها ڪراچيءَ تي پنجابي سرمائيدار جي قبضي ۽ اردو آباديءَ جي گرفت کي ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش آهي. ڇاڪاڻ ته ڪراچيءَ ۾ مسلسل دهشتگرديءَ جي ڪري، اُتي جي صنعت ۾ پنجابي سرمائيدار کي پيرن ڪورڻ ۾ مشڪل پيش اچي رهي آهي. جيتوڻيڪ ڪراچيءَ واري دهشتگرديءَ جي پٺرين پشت. پناهي به پنجابي حڪمران طبقي ڪئي پر پوءِ، جتي اها سنڌ ساهه سوڙهو ڪري رهي آهي، اُتي سنڌ ۽ سنڌي قوم جي فائدي وٽان به ثابت ٿي رهي آهي. انهيءَ دهشتگرديءَ جي ڪري ڪراچيءَ ۾ ٻين صوبن ۽ خاص ڪري پنجابي ماڻهن جي ڌڙاڌڙ آبادڪاري ڍري ٿي وئي آهي. جيئن ايم آر ڊيءَ جي جدوجهد جي ڪري سنڌ اندر ڌاڙن ۽ ڦرن سبب پورو اسيءَ جو ڏهاڪو ۽ ويندي اڄ سوڌو ٻاهرين آبادڪاري رڪجي وئي آهي. جيتوڻيڪ انهن ڌاڙن سنڌي ماڻهن کي به رت جون مانيون ڏئي ڇڏيون. پر ان جو مثبت نتيجو اهو نڪتو ته انهيءَ سڄي عرصي دوران سنڌي قوم اقليت ۾ تبديل ٿيڻ کان بچي وئي. ٻيءَ صورت ۾ اسيءَ جي ڏهاڪي ۾ ئي سنڌي قوم جي اقليت ۾ تبديل ٿيڻ جو خدشو وڌي ويو هو. سائين جي. ايم سيد لکي ٿو ته: ”هن وقت (1982ع جي انگن اکرن موجب) سنڌ جي آدمشماري هڪ ڪروڙ نوي لک آهي، جنهن ۾ غير سنڌي 48 سيڪڙو آهن ۽ هر سال ساڍا پنج لک ٻاهريان ماڻهو سنڌ ۾ اچن ٿا. جيڪڏهن اها رفتار رهي ته ايندڙ ڏهن سالن ۾ اسان اصل سنڌي 40 سيڪڙو ٿي وينداسين ۽ ڌاريان 60 سيڪڙو ٿي ويندا.“ (49)

حڪمرانن جو خيال هو ته سنڌ ۾ ڌاريل راڄ قائم ڪرڻ ڪري، نه صرف سنڌ جي قومي تحريڪ انارڪيءَ ۽ وڳوڙ جي وَر چڙهي ويندي پر سنڌ ۾ ايرندڙ وچولي طبقي جي ترقي به رُڪجي ويندي. اُنهيءَ ڌاريل ڪلچر جي ڪري سنڌي قوم ۽ قومي تحريڪ جي جيڪا تباهي ٿي، سا ته ٿي، پر پُنجابي آبادڪار وڏي تعداد ۾ سنڌ مان زمينون ۽ صنعتون وڪڻي پنجاب لڏي ويا ۽ سنڌ ۾ پورا پندرنهن. ويهه سال ٻاهرين آبادي رُڪجي وئي. احمد مجتبيٰ راشدي لکي ٿو: ”نوعي بقا جي سلسلي کي جاري رکڻ لاءِ فطرت جو خودڪار نظام، ڪڏهن ڪڏهن ۽ ڪن حالتن ۾، ضابطن جو سماجي روپ اختيار ڪندو آهي ۽ قومن ۽ قبيلن ۾ لاشعوري طور عجيب شڪل ۽ صورت ۾ بقا جي جنگ وڙهندو آهي، جنهن جي عمل کان اهي قومون ۽ قبيلا شعوري طور خود به واقف نه هوندا آهن. جيئن سنڌ ۾ ڌاريل فيڪٽر آهي، سنڌي قوم کي احساس پيدا ٿي چڪو هو ته ڌارين جي آبادڪاري، سنڌ قومي وجود جي خاتمي جو سبب ٿي سگهي ٿي... ڌاريل فيڪٽر کان اسان کي ڪيترا به صدما ڇو نه مليا هجن، پر ساڳي وقت ميءَ به حقيقت آهي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تہ اندرون سنڌ ۾ ڌارين جي وڌندڙ آبادڪاري رُڪجي وڃي، نہ تہ امڪان هو تہ اسان سنڌ ۾ پنهنجو چيف منسٽر بہ چونڊرائي نہ سگهون ها.“ (50)

ڪراچيءَ اندر دهشتگردن جي ”ڪن مهٽ“ يا انهن جي خلاف وٺ پڪڙ اصل ۾ ڪراچيءَ ۾ موجود پنجابي سرمائيدارن جي تحفظ جي جنگ آهي. تہ جيئن اردو آباديءَ ۽ انهن جي سياسي تنظيم متحده جي جوڳي ڪن مهٽ ڪري، پنجابين جي بالادستي قائم ڪري سگهجي. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن سياڻ پنجاب اندر سرائڪي قومي تحريڪ جي نتيجي ۾ سرائڪي صوبي جي بحاليءَ جي ضرورت پيش اچي ٿي تہ اُنهيءَ سان گڏ سنڌ جي ورهاڱي لاءِ ڪراچي صوبي جي اڳ اڳواڻ راهہ هموار ٿيل هجي. ٻيءَ صورت ۾ سيٽن جي تعداد جي لحاظ کان سنڌ اڪثريت وارو صوبو ٿي پوندو. انهيءَ ڪري جيڪڏهن پنجاب جو ورهاڱو لازمي ٿئي ٿو تہ سنڌ جو ورهاڱو بہ ضرور ٿيڻ گهرجي. پرانهيءَ سان گڏ ڪراچيءَ تي پنجابين جي بالادستي بہ ضرور هجڻ گهرجي. جيتوڻيڪ ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ واري حڪمرانن جي پاليسي تمام گهڻي پراڻي آهي، پر جيئن تہ انهيءَ تي اردو آباديءَ ۽ انهن جي متحده قومي موومينٽ جي والار رهندي اچي ٿي، ان ڪري في الحال انهيءَ رٿا کي پوئتي هٽايو ويو آهي. جنهن لاءِ پهرين ڪراچيءَ ۾ سنڌين. مهاجر فساد ضروري سمجهيا ويا هئا تہ جيئن سنڌي آباديءَ کي ڪراچيءَ جي اردو اباديءَ کان نفرت ۽ خوف ڏياري سندن دل ڪٽي ڪرائي وڃي. پر جڏهن کان ڪراچيءَ ۾ لساني فساد بند ٿيا آهن، ۽ اهي وڏين ڪوششن جي باوجود وري ٿي نہ سگهيا آهن. جنهن لاءِ جيتوڻيڪ متحده تي مختلف رُخن کان ڏاڍا زوربار ۽ پريشر وڌا ويا آهن ۽ ايجنسين جي پگهاردار دانشورن ۽ صحافين جي پاران اهڙي قسم جي زوردار پروپيگنڊا بہ ڪرائي وئي ۽ ننڍيون وڏيون سياسي ۽ سماجي تنظيمون جوڙايون ويون، جيئن ”مهاجر رابطا ڪائونسل“ (M.R.C) وغيره هئي. اُنهيءَ جو چيئرمين نصرت مرزا نواز حڪومت ۾ وزارت اطلاعات جو صلاحڪار هو. جنهن پنهنجي تازي بيان ۾ اعتراف ڪيو آهي تہ ”اسان صرف متحده جي طاقت کي ٽوڙڻ لاءِ ”مهاجر لفظ“ استعمال ڪري، ”مهاجر رابطا ڪائونسل“ جوڙي هئي.“ (51)

انهيءَ ”مهاجر رابطا ڪائونسل“ ڪراچيءَ ۾ اردو دانشورن جو اجلاس گهرائي، الطاف حسين کان فون تي خطاب ڪرايو ۽ خطاب کان پوءِ اجلاس واري پنڊال ۾ سنڌ جي ورهاڱي جا نعرا هڻايا ۽ مطالبا ڪيا تہ ”سنڌ کي ورهائي، مهاجر صوبو ٺاهيو وڃي؟ ان کان هڪدم پوءِ سرڪاري پگهاردار مڪٽمار دانشورن ۽ صحافين ”مهاجر رابطا ڪائونسل“ کي اخبارن ۾ اهڙيءَ طرح پيش ڪيو، جڻ اها متحده جي ذيلي تنظيم ”متحده رابطا ڪميٽي“ (M.R.C) هئي ۽ نصرت مرزا (جسقم ۽ متحده جي اتحاد کان پوءِ مهاجر رابطا ڪائونسل کي وري جياري جي ڪوشش ڪئي وئي آهي) جي بدران هڪڙن الطاف جي واهہ واهہ ڪئي ۽ بين متس چوهہ چنڊيا ۽ تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي تہ اهو سنڌ جي ورهاڱي جو پروگرام انهيءَ جو آهي. جڏهن تہ اها اصل ۾ هڪ سوچيل سمجهيل سازش هئي، تہ ايئن الطاف حسين ۽ متحده تي هٿرادو پريشر وڌرائي سنڌ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي ورهاڱي ۽ مهاجر صوبي جي حق ۾ مطالبو ڪرايو وڃي ۽ ماحول تيار ڪيو وڃي، جيئن گڏيل هندستان ۾ مسلم ليگ ۽ ٻين اهڙين فرقي. پرست سياسي تنظيمن طرفان محمد علي جناح تي زوريءَ زور بار وجهرائي، پاڪستان جو مطالبو ۽ هندستان جو ورهاڱو قبول ڪرايو ويو هو. جيتوڻيڪ جناح صاحب نه پاڪستان جو حامي هو ۽ نه ڪڏهن هن هندستان جي ورهاڱي جي گهر ڪئي هئي. پر جڏهن لاڳيتو هڪٻئي جي پويان هندو. مسلم فساد ڪرائي، هندستان جي ورهاڱي جي فلم جناح صاحب جي ڳچيءَ ۾ وڌي وئي ته هن به ڪٿي ان کي قبول ڪيو. ڇاڪاڻ ته صورتحال ئي اهڙي بڻائي وئي هئي، جو انهيءَ کان سواءِ هن وٽ ٻيو ڪو چارو به ڪونه رهيو هو. عبدالواحد آريسر صاحب چوندو آهي: ”جڏهن الجزائري قوم، فرانسيسي سامراج جي غلام هئي، فرانسيسي آبادڪار، راتوڪيون اوباريل ڊبل روٽيون صبح جو پنهنجن عاليشان فليٽن مان هيٺ اڇلائي ڇڏيندا هئا، جن تي الجزائري قوم جا بکيا ٻار پاڻ ۾ وڙهي مرندا هئا ۽ سروڻا هئي، هڪٻئي جا مٿا ڦاڙي رتورت ڪري وجهندا هئا.“(52)

هن وقت سنڌ جي روينيو جو 70 کان 80 سيڪڙو پنجاب زوريءَ ڦٻائي وڃي ٿو، ۽ سنڌ کي انهيءَ مان ويهه سيڪڙو به نٿو ڏئي. سائين جي. ايم. سيد لکي ٿو: ”اسان مرڪز کي اَسي (80) سيڪڙو ٽيڪس ڏيون، هو اسان تي 20 سيڪڙو به خرچ نٿو ڪري، بلڪ امن امان جي نالي تي ان مان به ڪايو وڃي ٿو.“ اهڙيءَ طرح بينظير پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکي ٿي: ”سنڌ صوبو وفاق کي ٽيڪس جي حوالي سان 80 سيڪڙو حصو ادا ڪري ٿو.“(53)

... ... ...

انهيءَ خيراتي بجيٽ تي سنڌي ۽ اردو آباديءَ کي نوڪرين وغيره ۾ ڪوٽا مقرر ڪري ڏني ويندي آهي ۽ واري واري سان ڪين پاڻ ۾ ويڙهايو ويندو آهي ۽ پوءِ پنجابي حڪمران طبقو پري کان بيهي تماشو ڏسندو آهي. اهڙيءَ طرح اهو ڪڏهن بنگالين جو قتل عام ڪندو آهي ۽ ٻين قومن جي عوام کي چوندو آهي ته پاڪستان کي ٿا بچايون، توهان پنجابي فوج جي انهيءَ قتل ۽ غارتگريءَ تي تاڙيون وڄايو. ڪڏهن بلوچن جو قتل عام ڪري چوندا آهن ته اهي پاڪستان جا غدار آهن، ان ڪري ٻين قومن جي ماڻهن کي بغل وڄائڻ گهرجن، ڪڏهن سنڌين تي گولين جو مينهن وسائيندا آهن، ۽ چوندا آهن ته سنڌي پاڪستان کي ٽوڙين ٿا، ان ڪري ٻين کي اُنهيءَ جي حق ۾ ڪڇيون هڻڻ گهرجن، ڪڏهن اردو آباديءَ جي نوجوانن کي ماريندا آهن ۽ چوندا آهن ته اهي جناح پور رٿا ٺاهين، ان ڪري توهان سنڌين کي پنجابين جو شڪرگذار ٿيڻ گهرجي. ايئن واري واري سان پنجابين جي مار به کائيندا رهندا آهيون ۽ پنهنجي ڪل لهرائي خوشيون ڪندا ۽ قاتلن جي حمايت ۾ تاڙيون وڄائيندا ۽ نعرا هڻندا رهندا آهيون ۽ پنجابي حڪمران طبقو اسان کي ڦريندو ۽ لٽيندو به رهندو آهي ۽ ماريندو، ڪٽيندو ۽ قتل ڪندو به رهندو آهي ۽ اسان کي غدار سڏيندو ۽ پاڻ کي محب وطنيءَ جو ٺپو هڻندو رهندو آهي ۽ اسان ڦرجندا، ۽ مارجندا به رهندا آهيون ۽ ملڪ ۽ قوم جا غدار ۽ دشمن به سڏجندا رهندا آهيون. سائين جي. ايم. سيد صحيح لکيو آهي ته: ”جڏهن مختلف



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تحريڪن جي دوران سنڌ ۾ سنڌين کي ماريو پئي ويو ته شهري آبادي پنجاب سان اتحاد ڪري ويٺي هئي، ۽ هاڻ جڏهن ساڳيا ماڻهو کين مارين ٿا ته سنڌي چپ آهن. اهو ڪيڏو نه افسوسناڪ پهلو آهي، جيتوڻيڪ اسان پٺي هڪ ئي ٻيڙيءَ جا سوار آهيون. شهرن ۾ اردو ڳالهائيندڙن کي ايم ڪيو ايم جو سمجهي ماريو پيو وڃي ۽ ٻهراڙين ۾ سنڌين کي جيئي سنڌ تحريڪ جو ڇئي ماريو پيو وڃي. هن وقت ٻنهي پاسي هڪجهڙي باهه ٻريل آهي. اسان ڏسون پيا ته الطاف حسين جو اٽ کمڙي پاسي ٿو جهُڪي، الطاف حسين جيڪڏهن شهرن مان غربت، بک ۽ بيروزگاري ختم ڪرڻ ۽ تعليمي ۽ طبعي سهولتون وٺڻ چاهي ٿو ته پوءِ ڪيس اسان سان تعاون ڪرڻو پوندو. ٻيءَ صورت ۾ ڪيس ڪجهه به نه ملندو ۽ اهڙيءَ طرح مار موچڙو جاري رهندو.سندس لنڊن مان واپسي پنجاب سان سودي بازيءَ (Compromise) کان سواءِ نه ٿيندي ۽ نه ٿي ٿي سگهي ٿي. الطاف حسين وٽ شهرن جي وڏي طاقت آهي، ان کي عقل ۽ ڏاهپ سان سياست ڪرڻ کپي ۽ سوچي سمجهي فيصلا ڪرڻ کپن.“ (54)

پنجاب جي توسيع پسندي ۽ پرماريت، سنڌي آباديءَ اڳ ۾ ئي سمجهي ورتي هئي ۽ ان کي هاڻ سنڌ جي اردو آباديءَ به سمجهي ورتو آهي. هاڻ اهو ڏينهن پري ڪونه آهي، جڏهن سنڌي قوم جو شهري حصو، جاگيردار طبقي کي.پوئتي ڌڪي، سنڌ جي قومي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ اڳتي نڪري ايندو. جنهن کي ڏسندي سنڌي قوم جو ڳوٺاڻو حصو به انهيءَ سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي قومي جدوجهد ۾ شريڪ ٿي ويندو ۽ پوءِ اها قومي جدوجهد جيڏي شديد ۽ ڏگهي ٿيندي ويندي، ايڏي ئي وڏي ۽ عظيم سنڌي قوم جي جديد تشڪيل ٿيڻ لڳندي. سنڌي قوم، تاريخي طور وڌڻ، ويجهڻ ۽ ”جذب پذيريءَ“ جي عمل مان گذري وسيع ۽ ويڪري ٿيڻ چاهي ٿي ۽ اهو ان جي قومي ارتقا جو تاريخي حق آهي ۽ انهيءَ عمل کي محدود ۽ سوڙهي ڪرڻ سان ڪانئس اهو حق کسجي سگهي ٿو. سنڌي قوم اڄ هڪ اهڙي پڙ. واٽي تي بيٺي آهي، جتان هڪ پاسي ان جي وڌڻ ويجهڻ ۽ ترقي ڪرڻ جون راهون کلن ٿيون. ۽ ٻئي پاسي، ان جي سڪڙجي سوڙهي ٿيڻ جون سرحدون سُسڻ شروع ٿين ٿيون. سنڌي قوم کي فيصلو ڪرڻو آهي ته يا جديد جذب پذيريءَ جي تاريخي تسلسل جاري رکي وڏي ويجهي ۽ ترقي ڪري ۽ هڪ عظيم قوم بڻجي وڃي يا جاگيرداري جمود جو شڪار ٿي اقليت ۾ بدلجي وڃي. سنڌي قوم ۾ اردو اباديءَ جي ”جذب ٿيڻ سان، دنيا جي ڪابه طاقت ان کي اقليت ۾ بدلائي نٿي سگهي. ان جي خلاف جيڪڏهن سنڌي قوم جي ”جذب ٿيڻ“ جي صلاحيت کي ٻُنجي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته سنڌي قوم کي اقليت ۾ ٿيڻ کان ڪير به روڪي نٿو سگهي. جڏهن ته وڌڻ ويجهڻ ۽ ترقي ڪرڻ سنڌي قوم جو تاريخي حق آهي، ان ۾ ئي ان جو قومي جياپو آهي ۽ اُنهيءَ تاريخي ضرورت ئي سنڌي قوم ۾ ”جذب پزيريءَ“ جي صلاحيت پيدا ڪئي آهي.·جنهن جي ڪري سنڌي قوم، سنڌ ۾ رهندڙ ٻين لساني ۽ ثقافتي حصن کي پاڻ ۾ جذب ڪرڻ لڳي آهي ۽ اهو ان جي قومي ارتقا جو تاريخي حق آهي. ڪيس انهيءَ تاريخي حق کان محروم ڪرڻ سنڌي قوم سان وڏي ۾ وڏي ويساهه گهاتي ۽ دشمني ٿيندي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سنڌي رڳو اهو ڪونہ آهي، جنهن جي زبان سنڌي آهي، ٻين ڪيترين ئي مادري ٻولين ڳالهائڻ وارا بہ سنڌي آهن. رڳو مادري زبان ئي ڪنهن قوم جي قوم هجڻ جو تعين نہ ڪندي آهي. هڪ قوم ۾ ڪيترين ئي مادري ٻولين ڳالهائڻ وارا شامل هوندا آهن. سنڌي قوم خود بہ انهيءَ جو وڏو مثال آهي. جنهن ۾، بلوچي، بروهي، سرائيڪي، ڪڇي، گجراتي، ڍاٽڪي، مارواڙي يا راجستاني ۽ ٻين ڪيترن ئي مادري ٻولين ڳالهائڻ وارا آهن، جن سيني ڪي ماءُ سنڌي ٻوليءَ ۾ لولي نہ ڏيندي آهي پر اهي سڀ ڄڻمن پنهنجن گهرن ۽ ويڙهن کان ٻاهر نڪرندا آهن تہ سنڌي ٻولي ڳالهائيندا آهن. ڪنهن قوم جي قومي زبان اهائي هوندي آهي، جيڪا مختلف مادري ٻولين جو مجموعو هوندي آهي. ان ڪري ڪنهن قوم يا ان جي قومي زبان کي مادري ٻوليءَ تائين محدود ۽ سوڙهو ڪرڻ ڪو سائنسي نقطہ نظر ڪونہ آهي پر اها هڪ نسل پرستي يا سوڙهہ دماغي آهي ۽ نسل پرستي سياست جو اهڙو هڪ مڪروهہ مهانڊو آهي، جنهن تي، جيڪڏهن عمل ڪبو تہ سنڌي قوم اقليت ۾ بدلجي ويندي. انهيءَ سياسي نقطہ نظر موجب سنڌي رڳو اهو ٿي سگهي ٿو، جنهن کي جمڻ وقت ڪن ۾ عربيءَ ۾ ٻانگ بدران شاهہ لطيف جو بيت پڙهي ٻڌايو وڃي. اها لفاظي ۽ لٻاڙ ماڻهوءَ کي جذباتي طور متاثر تہ ڪري سگهي ٿي پر ان جو حقيقت جي دنيا سان ڪوبہ واسطو ڪونہ آهي.

سنڌي قوم جي اهڙي سڃاڻپ نہ رڳو غير عقلي ۽ غير سائنسي آهي، پر بيوقوفي ۽ احمق-پائي بہ آهي ۽ سنڌ دوستيءَ جي ويس ۾ سنڌ دشمني آهي. جيڪڏهن سنڌي قوم جي سڃاڻپ اهڙن معمارن تي مقرر ڪئي ويندي تہ لازمي طور سنڌي قوم اقليت ۾ بدلجي ويندي. پر اسان جا ڪيترائي جذباتي دانشور ۽ ليکڪ وطن دوست قومپرستيءَ جي بجاءِ جاگيردار نسل پرستيءَ واريءَ قومپرستيءَ جي وهڪري ۾ وهي، لاشعوري طور سنڌي قوم جي اقليت ۾ ڪرڻ واريءَ سازش جو شڪار ٿي رهيا آهن ۽ سنڌي قوم جي وڌڻ، ويجهڻ ۽ ترقي ڪرڻ ۽ وسيع ۽ ويڪري ٿيڻ جي صلاحيتن کي هٿ وٺي محدود ۽ سوڙهي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، تہ جيئن اها جاگيرداري ثقافتي شاونزم جي جمود پرستيءَ جو شڪار ٿي، پنهنجي قومي ارتقا جو تاريخي حق وڃائي ويهي. اها نسلي ۽ ثقافتي تنگ نظري آهي، جيڪا جديد سياسي ۽ اقتصادي مفادن جي هم آهنگيءَ جي واڌويجهہ ۽ ارتقا جون راهون روڪي ڇڏيندي. ان ڪري ان کان جيترو ٿي سگهي، ٻري رهڻ گهرجي، تہ ان ۾ ئي سنڌ وطن ۽ قوم جي ڇڱائي آهي. ٻيءَ صورت ۾ جاگيرداري علحدگي ۽ اڪيلائي سنڌي قوم کي اڪيلائيءَ جي ڪاري ڪن ۾ اڇلائي، ان جي ترقيءَ ۽ تعمير جا رستا روڪي ڇڏيندي ۽ دنيا جي ٻين ڪيترين نااهل ۽ ناصالح قومن جي تنزل ۽ تباهيءَ جيان سنڌي قوم جي قومي وجود کي دفنائي ڇڏيندي. ڇاڪاڻ تہ صرف تاريخ جي سڄ ۾ سڄ ڏيندڙ قومون ئي پنهنجو وجود بچائي سگهنديون آهن ۽ قومي تڪميل ماڻي سگهنديون آهن.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

باب ڇهون

# رياست جو قومي ۽ غير قومي ڪردار

فطرت ۽ ڪائنات جي آفاقي اصول مطابق، شيون ۽ لقاءَ هڪ ٻئي ۾ مسلسل بدلجندا رهندا آهن. ڪمال زوال ۾ ۽ زوال ڪمال ۾ بدلجندو رهندو آهي. ايئن ويندي حق ۽ ناحق به تبديل ٿيندا رهندا آهن. ڪوڙ سچ ۾ ۽ سچ ڪوڙ ۾ بدلجندو رهندو آهي. "ڪڏهن مٽ ماٽيءَ تي، تہ ڪڏهن ماٽي مٽ تي" هوندي آهي. انصاف، بي انصافيءَ ۾ ۽ بي انصافي انصاف ۾ بدلجي ويندي آهي. هر ڪا شيءِ پنهنجي منطقي انجام تي پهچي، پنهنجي ضد ۾ بدلجي ويندي آهي. جيئن سرمائيداريءَ جي آزاد ڇتاپيٽي اجاريداريءَ ۾ بدلجي ويندي آهي ۽ مقابلو هڪ هٽيءَ ۾ بدلجي ويندو آهي. سرمائيداريءَ جي ڇڙواڳ ڇتاپيٽيءَ جو اهوئي منطقي نتيجو هوندو آهي تہ جيئن اها ڇڙواڳ ڇتاپيٽي پنهنجي منطقي نتيجي ۾ پنهنجي مدمقابل ڪي هارائي يا شڪست ڏئي، سڄيءَ ملڪي يا عالمي منڊي تي قبضو ڪري سگهي. جاڪاڻ تہ انسان پنهنجي ذاتي پورهيي سان جيڪا شيءِ جوڙيندو يا پيداوار ڪندو آهي، اها انهيءَ جي ايئن ذاتي ملڪيت هوندي آهي، جيئن هن جي پنهنجي ذاتي محنت، ذاتي ملڪيت هوندي آهي ۽ اها معاشرتي اخلاقيات توڙي سياسي قانون جي لحاظ کان بلڪل ٺي هڪ جائز ملڪيت هوندي آهي ۽ اها معاشرتي اخلاقيات توڙي سياسي قانون ۾ بہ ايڏي يا اهڙي ئي جائز هوندي آهي. جيئن مان پنهنجيءَ ذاتي محنت مان پيدا ڪيل، هر اها شيءِ ٻئي ڪنهن بہ ضرورتمندي کي ڏئي، ان جي بدلي ۾، پنهنجيءَ ضرورت لاءِ ٻي ڪاب اهڙي شيءِ وٺي يا خريد ڪري سگهان ٿو، جيڪا منهنجيءَ ضرورت ۾ ڪم ايندي آهي ۽ انهيءَ شيءِ کي استعمال ڪرڻ جو بہ مون کي جائز حق آهي. پر جڏهن مان انهيءَ سماجي تبادلي يا مٽاسٽا کي جائز سمجهي، انهيءَ جي عيوض يا بدلي ۾، ٻئي ڪنهن انسان کان ان جي ذاتي قوت محنت يا پورهيو خريد ڪريان ٿو، ۽ انهيءَ (خريد ڪيل) قوت محنت جي ذريعي اهڙي ڪاب پيداوار ڪريان ٿو، جيڪا منهنجيءَ ذاتي ضرورت کان وڌيڪ آهي، پوءِ اها منهنجي ذاتي استعمال جو ذريعو ٿيندي هجي يا ٻئي انسان جي قوت محنت جي خريد و فروخت جو ذريعو ٿيندي هجي، اها هر حال ۾ انسان جي هٿان انسان جي استحصال جو ذريعو بنجي ويندي آهي ۽ اها ناجائز ٿي پوندي آهي. جاڪاڻ تہ انهيءَ طريقي سان انصاف بي انصافيءَ ۾ ۽ حق، ناحق ۾ بدلجي ويندو آهي ۽ اهڙي ڏي وٺ يا خريد و فروخت واري چڱائي، برائي ۾ بدلجي ويندي آهي. اهڙيءَ طرح جيڪا شيءِ هڪ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

انسان جي هٿ مان نڪري، ٻئي انسان جي ذاتي ضرورت پوري ڪندي آهي، سا ڦري هڪ انسان جي هٿان، ٻئي انسان جي استحصال ڪرڻ جو ذريعو بنجي ويندي آهي. يعني ثواب، گناهه ۾ بدلجي ويندو آهي يا حق، ناحق ۾ بدلجي ويندو آهي. انهيءَ لاءِ ئي چوندا آهن تہ ”اهڙو سون ئي گهوريو، جيڪو ڪَنَ ڇني“ اهڙوئي انصاف يا چڱائي، جڏهن پنهنجي ضد يا ابتڙ ۾ بدلجي ويندي آهي تہ اهڙيءَ صورت ۾ ڪيترائي آزاد ملڪ ۽ رياستون، پنهنجيءَ آزاديءَ جي ضد يعني غلاميءَ جي قيد خاني ۾ بدلجي ويندا آهن.

1940ع ۾ پاڪستان جي جاگرافيائي سرحدن اندر رهندڙ ملڪن ۽ قومن پاڻ ۾ آزاد ۽ خودمختيار ملڪن ۽ قومن جي حيثيت ۾، گڏجي رهڻ جي معاهدي تحت مطالبو ڪيو هو تہ اهو هڪ بلڪل جائز مطالبو هو ۽ هندستان جي مسلمان قومن جي اهڙن ملڪن ۽ رياستن جي آزادي بلڪل حق بجانب هئي، پر جڏهن اهڙي جائز آزاديءَ جي مطالبيءَ کي فوجي ڏنڊي جي زور تي هڪ ئي جبري مرڪزي رياست جي حڪمرانيءَ ۾ بدلايو ويو ۽ اُنهيءَ کي مسلمان قومن جي غلاميءَ جو قيد خانو بڻايو ۽ کين استحصال ۽ ڦرمار جو ذريعو بڻايو تہ اها ڦري هڪ جبري رياست ٿي پئي. جنهن ڪري انهن قومن کي حق آهي تہ اهي انهيءَ قومي غلاميءَ جي قيد خاني کان پنهنجي قومي آزاديءَ لاءِ ايئن ئي مطالبو ڪن، جيئن اهي انگريزن جي سامراجي غلاميءَ کان آزاديءَ جي مطالبي ۾ حق بجانب هيون. جاڪاڻ تہ هن رياست ۾ قومي ظلم، ڏاڍ ۽ استحصال، پنهنجي منطقي انجام تي پهچي چڪو آهي. ان ڪري اها رياست پنهنجي جائز هجڻ جو بہ وڃائي چڪي آهي. بلڪل ايئن جيئن جائز شيون، پنهنجي منطقي انجام تي پنهنجي پنهنجي جياپي جو جواز وڃائي پنهنجي مخالف ضد ۾ بدلجي وينديون آهن. ٻين لفظن ۾ تہ اُهي پنهنجي ”هجڻ جو حق“ وڃائي، فطري طور موت جي منهن ۾ وڃڻ لڳنديون آهن.

...

يا جيئن انفرادي ۽ گروهي دهشتگرديءَ جي خلاف رياست جي دهشتگردي، پنهنجون مقرر ڪيل حدون اورانگهي، عدالت کان ماورا قتل ڪندي آهي تہ اها قانوني ۽ اخلاقي جواز وڃائي، پاڻ وڏي دهشتگردي تي پوندي آهي، جيئن اڄ کان 33 سال اڳ مشرقي پاڪستان ۾، پاڪستاني فوجي دهشتگردي، پنهنجن هم وطن ۽ هم مذهب لکين بنگالي مسلمان ڀائرن کي قتل ڪرڻ ڪري پنهنجي وطن دوستي وڃائي ويٺي هئي ۽ موت ۾ هڪ ٻيءَ وڏيءَ هندستاني فوجي دهشتگرديءَ جي نتيجي ۾، پنهنجي انجام تي پهچي ختم ٿي وئي هئي.

... ... ...

اهڙيءَ طرح نفيءَ جي نفي، انڪار جو انڪار يا دعويٰ جي جوابي دعويٰ بہ جدلياتي ٿيندي آهي. هندستان ۾ انگريزن جي راڄ دوران يا ان کان پوءِ، مسلمانن جي بالادست طبقي کي گڏيل هندستان ۾، هندو عوام جي اڪثريت سان گڏجي رهڻ کان



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

انڪار هو ۽ اها اڪثريت ڪين قبول ڪانہ هئي، ۽ ورهاڱي ڪان پوءِ وري ڪين، گڏيل پاڪستان ۾، بنگالي مسلمان پائرن جي اڪثريت سان گڏجي رهڻ ۾ بہ انڪار هو ۽ اها اڪثريت بہ ڪين قبول ڪانہ هئي؛ اُنهيءَ انڪار جي نتيجي ۾، بنگالي پائرن پاڪستان ۾ گڏجي رهڻ ڪان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ اوير پاڪستان نيٺ آزاد بنگلاديش بڻجي ويو. ساڳي ئي منطق تحت هاڻ باقي پاڪستان ۾، سنڌ ۽ بين مظلوم ۽ محڪوم قومن کي پنجابي اڪثريت ڪان انڪار آهي، ۽ ڪين اها پنجابي اڪثريت قبول ڪانہ آهي. ڇاڪاڻ تہ هڪ گهڻ قومي رياست ۾ جيڪا قوم، بين قومن ڪان تعداد ۾ وڌيڪ هوندي آهي يا معاشي لحاظ ڪان طاقتور هوندي آهي. سڌريل ۽ ترقي يافتہ هوندي آهي، اها بين قومن جو لازمي طور استحصال ڪندي آهي. ان جي ابتڙ، جيڪي قومون، معاشي طور يا طاقت جي لحاظ ڪان ڪمزور هونديون آهن ۽ سماجي طور پسماندگيءَ جو شڪار هونديون آهن، يا تعداد ۾ گهٽ هونديون آهن، اهي لازمي طور استحصال ۽ ڦرمار جو شڪار رهنديون آهن. جنهن جي ڪري اهڙيءَ رياست ۾، قومن جي ترقي غير هموار رهندي آهي. ۽ اها غير هموار ترقي، جيئن پوءِ تيئن وڌندي ۽ شديد ٿيندي ويندي آهي، جيڪا ڪين طاقتور قوم جو غلام بنائي ڇڏيندي آهي. اهو هڪ گهڻ قومي رياست جو لازمي لقاءُ هوندو آهي. جيئن هڪ طبقيوار رياست ۾، طبقيوار استحصال، ان جو هڪ لازمي لقاءُ هوندو آهي. تيئن اهڙيءَ رياست ۾ سامراجي پرماريت هڪ لازمي لقاءُ هوندو آهي. اهوئي سبب آهي جو گهڻ قومي رياست ۾ بااصول جمهوريت، ڪڏهن بہ وڌي ويجهي ۽ ترقي ڪري نہ سگهندي آهي ۽ نہ سيڪيولرزم پروان چڙهي سگهندي آهي. ڇاڪاڻ تہ سرمائيداري نظام ۾، بااصول جمهوريت صرف هڪ قومي رياست ۾ ممڪن آهي، تہ حق بجانب بہ آهي. ڪٿي ۽ ڪڏهن جيڪڏهن ڪنهن ملڪ يا اهڙي گهڻ قومي رياست ۾، بااصول جمهوري نظام ڪامياب ويندو بہ آهي تہ، اها ان جي هڪ استثنا هوندي آهي. جيئن آمريڪا يا سوئيزرلينڊ وغيره جو مثال آهي.

...

صرف قومي رياست سرمائيدار جمهوري نظام جو قانون آهي ۽ انهيءَ رياست ۾ ئي بااصول جمهوري نظام ڪامياب ٿي سگهي ٿو، پر هڪ گهڻ قومي رياست ۾ بااصول جمهوري نظام، صرف تڏهن ڪامياب ٿي سگهي ٿو، جڏهن ننڍيءَ توڙي وڏيءَ قوم کي ۽ هيٺيءَ ۽ ڏاڍيءَ قوم کي برابريءَ جي ووٽ جو حق هوندو آهي. ايوان بالا توڙي ايوان زيرين ۾، هرهڪ قوم کي هڪ جيتريون سيٽون هونديون آهن. پوءِ بہ ڪي بہ يا ٻن ڪان وڌيڪ قومون، اتحاد ۽ ٻڌي ڪري بين قومن جو استحصال ڪري سگهن ٿيون ۽ محڪوم ڪري سگهن ٿيون، اهڙيءَ صورت ۾، هرهڪ قوم کي ويٽو جو حق هجڻ ضروري ٿئي ٿو، تہ جيئن هرڪا قوم، پنهنجي قومي مفادن جو تحفظ ڪري سگهي. پر پوءِ بہ ڪا هڪ يا هڪ ڪان وڌيڪ قومون، توسيع پسنديءَ يا قومي شاونزم جو مظاهرو ڪري، بين قومن جي مفادن جي خلاف اجايو سجايو ويٽو جي حق کي استحصال ڪري سگهن ٿيون.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اهڙيءَ حالت ۾ هڪ رياست ۾، قومون گڏجي رهي نٿيون سگهن ۽ انهن لاءِ مڪمل علحدگي يا آزادي ناگزير ٿي پوندي آهي. ڇاڪاڻ ته اهڙيون گهڻ قومي رياستون، اڪثر ڪري قومي جهيڙن ۽ جهڳڙن جي ور چڙهي وينديون آهن ۽ انهن ۾ ڪڏهن به امن امان قائم رهي نه سگهندو آهي.

ڇاڪاڻ ته اهڙيون رياستون، دراصل جاگيرداري دور جي سرحدن تي قائم هونديون آهن، جيڪي شهنشاهي سلطنتي شڪلين جي باقيات هونديون آهن. اهوئي سبب آهي، جو اهڙين رياستن ۾ اڳي پوءِ قومي تحريڪون اڀري اينديون آهن. ايلون ٽافلر جي لکڻ موجب! اهڙين رياستن ۾ "قومپرستيءَ جا شعلا، اڄوڪيءَ سڄيءَ دنيا کي وڪوڙي ويا آهن، هڪ طرف حبش کان فلپائين تائين، قومي آزاديءَ جون تحريڪون زور وٺي رهيون آهن ۽ ڦجيءَ جهڙا ننڍا وڏا ملڪ يا قومون آزاديءَ جا اعلان ڪري، پنهنجن وفدن کي اقوام متحده ۾ موڪلي رهيا آهن، ٻئي طرف اعليٰ ترين ٽيڪنالاجيءَ ۾ عجيب غريب واقعا رونما ٿي رهيا آهن. دنيا ۾ هرهنڌ مرڪز مخالف قوتون وڌي ۽ ويجهي رهيون آهن. ساڳي صورتحال سوويت يونين ۽ آمريڪا جي آهي. بظاهر سوويت يونين جي ٽٽڻ جو امڪان (ايلون ٽافلر جو هيءَ موقف، اسيءَ جي ڏهاڪي جو آهي) نظر ڪونه ٿو اچي. پر هڪ آزاد خيال دانشور امالرڪ (Amalorc) اهڙي اڳڪٿي ڪئي آهي، ته آرمينيائي قومپرستن کي ماسڪو جي انڊرگرائونڊ اسٽيشن کي بم سان اڏائڻ جي الزام ۾ سوويت حڪومت عمر قيد جي سزا ڏني آهي. ڇاڪاڻ ته ان لاءِ هڪ خفيه قومي تحريڪ آرمينيائي اتحاد لاءِ هلچل هلائي رهي آهي. انهيءَ کان سواءِ ٻين سوويت رياستن ۾ پڻ اهڙيون قومي تحريڪون سرگرم آهن. انهيءَ کان سواءِ جارجيائي ماڻهن هزارن جي تعداد ۾ جلسا جلوس ڪري، جارجيائي ٻولي سرڪاري ٻولي تسليم ڪرائي آهي. اهڙيءَ طرح هڪ طرف جارجيا وارا روسي بالادستيءَ جي خلاف روزانو جلسا جلوس ڪري رهيا آهن ۽ ٻئي طرف وري انجاري قوم، جارجيا کان آزادي گهري رهي آهي."(55)

مٿئين حوالي مان خبر پوي ٿي ته سوويت يونين باوجود سوشلسٽ وفاق جي قومن کي متحد رکي ڪانه سگهي ۽ انهيءَ جي ٽٽڻ جو سبب به اهائي گهڻ قومي رياست جي زور جي ميندي هئي، جنهن ڪري قومن ۾ قومي آزاديءَ جي تڙپ ۽ تحريڪ وڌي وٺي هئي، ۽ قومون، سوويت سوشلسٽ وفاق ۾ ستر سال رهندي بيزار ٿي پيون هيون ۽ قومي آزادي انهن جي تاريخي ضرورت بنجي وٺي هئي. ڇاڪاڻ ته انهيءَ دوران يعني سوويت سماج ۾ رهندي، اهي قومون، پنهنجي پنهنجي قومي تڪميل به ماڻي چڪيون هيون. جنهن ڪري ڪين قومي رياستن جي بحاليءَ جي ضرورت ٿي پئي هئي، نتيجي ۾ اهي سوويت سوشلسٽ وفاق کي ٽوڙي مڪمل طور آزاد ٿي ويون.

... ... ...

سچ ۽ سچائي پنهنجي زمان ۽ مڪان جي اندر، سچ ۽ سچائي ثابت ٿيندي آهي ۽



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مجتا ماٿيندي آهي ۽ اهائي سچ ۽ سچائي هوندي آهي. ٻيءَ صورت ۾، هر سچ ۽ سچائي صرف يوٽوپيا، تصور يا خيالي خيال آهي. حقيقي سچ ۽ خيالي سچ ۾ اهوئي فرق آهي، حقيقي سچ ۽ سچائي پنهنجين حالتن جو سچ ۽ سچائي ٿيندي آهي ۽ اهو پنهنجي دور جو سچ ۽ سچائي هوندي آهي. پر خيالي يا تصوراتي سچ ۽ سچائي پنهنجي دور ۽ حالتن جي نہ ترجماني ڪندي آهي ۽ نہ نمائندگي ڪندي آهي؛ ان ڪري اها حقيقت جو روپ ڌاري نہ سگهندي آهي. اهڙو سچ ۽ سچائي يا امڪان ناممڪن هوندو آهي يا امڪان مجرد هوندو آهي پر امڪان صادق سچ ۽ سچائي، پنهنجي دور ۽ حالتن سان هم آهنگي رکندي آهي ۽ اهوئي صداقت ۽ سچائيءَ جو سچو پچو لقاءُ هوندو آهي. ڇاڪاڻ تہ حقيقي سچ ۽ سچائي معروضي يا جدلياتي ٿيندي آهي ۽ خيالي يا تصوراتي سچ ۽ سچائي موضوعي يا مابعد الطبعياتي ٿيندي آهي.

اهڙي نموني سچ ۽ سچائي نسبتي بہ ٿيندي آهي. جيڪا وقت ۽ حالتن مطابق بدلجندي رهندي آهي. هڪ روپ مان ٻيو روپ ڌاريندي آهي. انهيءَ لحاظ کان ڪڏهن ڪو طبقو ترقي پسند ڪردار ادا ڪندو آهي ۽ اهوئي سچ بہ هوندو آهي، تہ سچائي بہ هوندي آهي، ڪڏهن ڪو ٻيو طبقو ترقي پسند ۽ قومي ڪردار ادا ڪندو آهي ۽ اهوئي انهيءَ دور جو سچ بہ هوندو آهي ۽ سچائي بہ هوندي آهي. ڪڏهن ڪنهن طبقي جو ڪردار ۽ مفاد، وطن ۽ قوم جي اجتماعي قومي مفادن سان مشروط ٿي ويندو آهي، تہ ڪڏهن ڪنهن ٻئي طبقي جو ڪردار ۽ مفاد، وطن ۽ قوم جي اجتماعي قومي مفادن سان مشروط ٿي ويندو آهي ۽ اهوئي سچ ۽ سچائي هوندي آهي.

•••

گهڻو ڪري چوڻ ۾ ايندو آهي تہ ايشيا ۽ آفريڪا جو بورزوازي يا سرمائيدار طبقو، پنهنجو تاريخي قومي ڪردار ادا ڪري نہ سگهيو آهي ۽ ان جو سبب اهو ٻڌايو ويندو آهي تہ انهن ملڪن جو بورزوازي، عالمي سامراج جو ڇاڙتو آهي، پر انهيءَ جا حقيقي تاريخي ۽ سماجي سبب ٻيا آهن. اسان جي خيال ۾ تہ اُنهن ملڪن جي بورزوازيءَ جي قومي ڪردار بابت، اهو ڪو سائنسي تجزيو ڪونہ آهي؛ جڏهن تہ حقيقت اها آهي تہ ايشيا ۽ آفريڪا يا ٻين گهڻ قومي رياستن جو بورزوازي، پنهنجي جوهر ۾ قومي بورزوازي يا قومي سرمائيدار ڪونہ آهي، ۽ نہ انهيءَ ڪا قومي سرمائيدار واري شڪل ئي اختيار ڪئي آهي؛ ڇاڪاڻ تہ قومي بورزوا طبقو صرف هڪ قومي رياست جي پيداوار هوندو آهي. گهڻ قومي رياستن جو بورزوازي، قومي بورزواز طبقو ٿي نٿو سگهي. سرمائيداريءَ جي ترقيءَ جو تاريخي ڪردار هڪ قومي رياست ئي ادا ڪندي آهي، ان ڪري گهڻ قومي رياست ۾ سرمائيداري قومي ڪردار ادا ڪري نہ سگهندي آهي. انهيءَ رياست ۾ نہ وري سرمائيدار طبقو، قومي سرمائيدار جي شڪل اختيار ڪري سگهندو آهي، بلڪ گهڻ قومي رياست، قومي رياست جو ضد هوندي آهي. سائين جي. ايم. سيد لکي ٿو تہ: ”اسان ڪي ڀيءَ ڳالهہ سمجهڻي پوندي تہ سنڌ ۽ پاڪستان، هڪ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پٺي جو ضد آهن. سنڌ ۾ پنجن هزارن سالن جو تاريخي پس منظر آهي ۽ سنڌ جا رهاڪو هزارين سالن کان هڪ پٺي سان گڏ رهي، قومي حيثيت حاصل ڪري ويا آهن، جن کي پنهنجي خاص زبان، ثقافت، قومي ڪردار ۽ سياسي ۽ اقتصادي مفاد آهن. سنڌ تاريخ جي اڪثر دورن ۾، جداگانا ملڪ جي حيثيت ۾ رهي آهي. ٻئي طرف پاڪستان صرف چند سالن جو نئون چاول ملڪ آهي. جنهن جي نه هڪ زبان آهي، نه هڪ ثقافت آهي ۽ نه سياسي ۽ اقتصادي مفاد هڪجهڙا آهن."(56)

# گهڻ قومي رياست جو سامراجي ڪردار

پاڪستان، انگريزن جي سامراجي ڪالونائيزيشن جي باقيات آهي. جنهن ۾ نوابن، چوڌرين ۽ جاگيردارن کي ووٽ وٺڻ جي اجازت ڏني وئي آهي. جنهن جي اقتدار تي ڪڏهن جاگيردار ۽ نواب ته ڪڏهن فوج حڪمراني ڪندي رهي آهي. ان ۾ نه هڪ قومي رياست واريون خاصيتون موجود آهن ۽ نه سيڪيولرزم ۽ جمهوريت کي ڪا جاءِ ملي سگهي آهي. پر اها هڪ جاگيرداري دور واري شهنشاهي سلطنت نما رياست آهي. اهڙيءَ رياست جو سرمائيدار جيئن ته هڪ قوم کان وڌيڪ قومن جي استحصال تي پروان چڙهندو آهي، ان ڪري اهو انهيءَ جو هڪ سامراجي ڪردار جڙندو آهي ۽ جڏهن به سرمائيدار طبقو، سامراجي ڪردار ادا ڪندو آهي ته اهو قومي سرمائيدار جو ضد ٿيندو آهي ۽ قومي سرمائيدار وارو ڪردار وڃائي ويهندو آهي، بلڪ اهو ڪردار انهيءَ جي تاريخي عمل مان ئي خارج ٿي ويندو آهي. ڇاڪاڻ ته گهڻ قومي رياست، پنهنجي جوهر ۾، سامراجي رياست هوندي آهي ۽ انهيءَ رياست جي سرمائيدار جو ڪردار غير قومي هوندو آهي ۽ سامراجيت، جيئن ته غير قومي استحصال ڪندي آهي، ان ڪري انهيءَ جو تاريخي ڪردار به سامراجي ۽ رجعت پرست هوندو آهي. اهوئي سبب آهي جو گهڻ قومي رياستن اندر واڙيل قومن جي نه ترقي ٿي سگهندي آهي ۽ نه قومي تڪميل ٿي سگهندي آهي.

اهڙي گهڻ قومي رياست، وقت بوقت محڪوم قومن جي عوام جي مزاحمت کي منهن ڏيڻ لاءِ غير قومي قوتن جو سهڪار حاصل ڪندي آهي. ڪڏهن اها مردار جاگيردار طبقي کان مدد حاصل ڪندي آهي ۽ ڪڏهن پرڏيهي سامراجي قوتن جو سهڪار حاصل ڪندي آهي ته جيئن انهن غير قومي قوتن جي سهڪار سان، رياست جي غير فطري سرحدن ۾ واڙيل محڪوم قومن جي مزاحمت کي منهن ڏئي سگهجي. ڇاڪاڻ ته هڪ گهڻ قومي رياست کيءِ سامراجي رياست جي حيثيت ۾ سدائين محڪوم قومن جي مزاحمت کي منهن ڏيڻو پوندو آهي، ان ڪري ڪابه گهڻ قومي رياست، نه حقيقي سيڪيولر رياست ٿي سگهندي آهي ۽ نه حقيقي جمهوري رياست



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بنجي سگھندي آهي، نہ سرمائيداريءَ کي حقيقي طور ترقي ڏياري سگھندي آهي ۽ نہ انهيءَ رياست ۾ سرمائيداري ۽ سرمائيدار طبقو، حقيقي ترقي پسند ڪردار ادا ڪري سگھندو آهي. ڇاڪاڻ تہ گھڻ قومي رياست، پنهنجي قومي ڦرمار واري سامراجي ڪردار کي برقرار رکڻ لاءِ جيئن پرڏيهي پرماري قوتن جو سهڪار ضروري سمجھندي آهي، تيئن ڏيهي رجعت پرست ۽ جاگيردار طبقي جو سهڪار بہ ضروري سمجھندي آهي. انهيءَ جو وڏي ۾ وڏو مثال، پاڪستان ۽ هندستان جون گھڻ قومي رياستون آهن. ٻنهي رياستن اڳي پوءِ مذهبي بنيادپرستيءَ ۾ پناهہ ورتي آهي؛ ڇاڪاڻ تہ ٻنهي کي مذهبي وحدت فڪر جي ضرورت آهي، جيڪاڪين فڪري طور مذهب ئي فڪري هم آهنگي مهيا ڪري سگھي ٿو.

گھڻ قومي رياست جون سماجي ۽ تاريخي حالتون يا ان جو سامراجي ڪردار، حب الوطنيءَ جي حقيقي تصور کي بگاڙي پيش ڪندو آهي، جنهن ڪري توسيع پسند ۽ آزادي پسند تصورن جي ترقي پسند تيز ڪرڻ مشڪل ٿي پوندي آهي. جيئن مون سان ڪنهن ڳالهہ ڪئي تہ برناڊ شاهہ جو چوڻ آهي تہ: ”جنگين جو سبب حب الوطني آهي.“ مون ڪيس چيو تہ پهرين مون اهو ڪٿي پڙهيو ئي ڪونہ آهي، پر جي هن ائين چيو آهي تہ اهو اُنهيءَ جو سامراجي نقطہ نظر آهي. جنهن ۾ ڪيس جنگين جو سبب سامراجيت نہ پر حب الوطنيءَ ۾ نظر آيو آهي. جڏهن تہ سامراجيت حب الوطنيءَ جو ضد آهي. جنگين جو اصل سبب، سامراجيت ۽ توسيع پسندي آهي. سامراجيت ۽ توسيع پسندي، ٻين قومن ۽ ملڪن تي قبضي ڪري ۽ انهن جي استحصال کي جائز ۽ حق بجانب سمجھندي آهي. جيڪڏهن برناڊشاهہ واقعي ائين چيو بہ آهي تہ اهو ان جو توسيع پسند ۽ سامراجي نقطہ نظر آهي. جيڪو محڪوم قومن کي سامراجي ملڪن ۽ قومن جو محڪوم ڏسڻ گھرندو آهي. ۽ انهن جي مزاحمت کي فسادن ۽ جنگين جو ڪارڻ سمجھندو آهي. پر حب الوطني پنهنجي وطن ۽ قوم جي آزادي ۽ دفاع جو آفاقي جذبو آهي. جڏهن حب الوطني حد لنگھي ويندي آهي ۽ پنهنجي وطن ۽ قوم جي آزادي ۽ دفاع کان اڳتي وڌي، ٻين قومن ۽ ملڪن تي قبضي جي خواهش ڪندي آهي تہ اها ڦري توسيع پسندي ۽ سامراجيت ٿي پوندي آهي. جڏهن تہ حب الوطني ترقي پسند، وطن دوست ۽ انسان دوست هوندي آهي، جيڪا پنهنجي وطن ۽ قوم کي نہ ٻيءَ ڪنهن قوم ۽ ملڪ جو غلام ڏسڻ پسند ڪندي آهي ۽ نہ ٻين قومن ۽ ملڪن کي غلام ڏسڻ پسند ڪندي آهي.

هٽلر جي قومپرستي، جيسين پنهنجيءَ قوم ۽ وطن جي آزاديءَ لاءِ هئي، تيسين محب وطن هئي؛ پر جڏهن انهيءَ ۾ ٻين قومن ۽ ملڪن کي غلام ڪرڻ ۽ انهن تي زوريءَ قبضن ڪرڻ جي خواهش شامل ٿي تہ اها حب الوطنيءَ مان ڦري توسيع پسند ۽ سامراجي قومپرستي ٿي پئي. حب الوطنيءَ ۽ سامراجيت ۾ اهوئي فرق آهي. جڏهن دنيا مان توسيع پسندي ۽ سامراجيت ختم ٿي ويندي تہ لازمي طور جنگيون ۽ فساد بہ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ختم ٿي ويندا ۽ هرڪا قوم، پنهنجين جاگرافيائي سرحدن ۾، ايئن سک ۽ سلامتيءَ سان رهندي، جيئن هن وقت ڳوٺ ۽ شهر ۾ هرڪو شهري ۽ خاندان پنهنجي پنهنجي گهر جي چوڏيواريءَ جي اندر سک ۽ سلامتيءَ سان رهي ٿو. هرهڪ قوم ۽ ملڪ لاءِ، هر قوم ۽ ملڪ جي جاگرافيائي حدن جو احترام، ايئن ضروري ۽ لازمي ٿي پوندو، جيئن گهر جي چوڏيواريءَ جو احترام ضروري ۽ لازمي آهي.

وطن دوستي ۽ قومپرستي، اڄوڪي دور جو تاريخي ۽ ترقي پسند نظريو آهي. اهو خاص ڪري ايشيا ۽ آفريڪا جي مظلوم ۽ محڪوم قومن جو نظريو آهي؛ جيڪو اڄوڪي دور جي سيڪيولرزم ۽ جمهوريت جي نظرياتي طور تاريخي ضرورت آهي ۽ انهن قومن جي سماجي ۽ تاريخي حالتن جو سچو پچو ۽ حقيقي عڪس آهي. ڇاڪاڻ ته قومپرستيءَ کان سواءِ نه سيڪيولرزم ممڪن آهي ۽ نه جمهوريت جي تڪميل ممڪن آهي. قومپرستي، سيڪيولرزم ۽ جمهوريت، اڄوڪي دور جي قومي رياست جو قومي نظريو آهي ۽ سرمائيداريءَ جي ترقيءَ جو قانون آهي. قومي رياست جي تشڪيل ۽ تڪميل سرمائيداري نظام ۾ ٿي ٿيندي آهي ۽ اُنهيءَ نظام جو نظرياتي نظام يا بالائي ڍانچو قوُمپرستي، سيڪيولرزم ۽ جمهوريت ۾ مڪمل ٿيندو آهي.

قومي ارتقا، قومي تڪميل ۽ قومي رياست جي بحالي يعني مڪمل قومي آزادي، هر قوم جو تاريخي حق آهي ۽ اهو انساني تهذيب جي ترقيءَ جو آفاقي اُصول يا قانون آهي. جيئن سماجي دورن ۽ نظامن جي لحاظ کان اُنسانيت، اوائلي قبائلي سماجن مان غلامدار سماجن ۾، غلامدار سماجن مان، جاگيرداري سماجن ۾ ۽ جاگيرداري سماجن مان، سرمائيداري سماجن ۾ ترقي ڪندي رهي آهي، تيئن انسانيت، حياتياتي ۽ نسلياتي طور تاريخي تسلسل تحت به ترقي ڪندي رهي آهي. جنهن مطابق انسانيت قبيلن مان قومين ۾ ۽ قومين مان قومن ۾، ترقي ڪندي رهي آهي. انهيءَ ڪري اڄوڪي دور ۾، ننڍين وڏين قومن جي قومي تڪميل تاريخي ضرورت ٿي پئي آهي. ڇاڪاڻ ته عالمگير انساني تهذيب جي ترقي يافته دور ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ان کان اڳ ۾ آزاد ۽ خودمختيار قومن جي بين الاقواميت جي ضرورت آهي.

•••

مون اڳ به ڪٿي لکيو آهي ته: ”جيئن شاهه لطيف جي شاعري سنڌي قوم جي تاريخي شعور جي اعليٰ ثقافتي شڪل آهي،تيئن سائين جي. ايم. سيد جو قومي فڪر، سنڌي قوم جي تاريخي شعور جي اعليٰ سياسي شڪل آهي.“ شاهه لطيف جي شاعري، سنڌي قوم جي قوميتي تڪميل جو تاريخي تسلسل آهي ۽ سائين جي. ايم. سيد جو قومي فڪر، سنڌي قوم جي قومي تڪميل جو تاريخي تسلسل آهي. ڪنهن قوم جي ٻوليءَ جي ارتقا ۽ ثقافتي شعور جي هم آهنگي، قوم جي قوميتي تڪميل لاءِ ضروري هوندي آهي ۽ سياسي ۽ اقتصادي مفادن جي شعور جي هم آهنگي، قوم جي قومي تڪميل لاءِ ضروري هوندي آهي. قوم جي ٻوليءَ جي ارتقا ۽ ثقافتي شعور جي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهن. پنتو نتو پوي تہ ڪڏهن انسان ذات کي انهيءَ موذي مرض کان نجات نصيب ٿيندي. تجربي ۽ غور فڪر کان پوءِ آئون هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ ان جا ڪارڻ خود مطلبي ۽ پاڻ کي حق تي سمجهڻ جي خود فريبي، فسطائي نظريا ۽ تشدد پسندي آهي. انهن کي ختم ڪرڻ لاءِ بيخودي، جذبہ ايڪاري، انڪساري، عدم تشدد ۽ رواداري ڪارگر اعلاج آهي. ملان، پنڊت، پادري ۽ رهبانيت وارا مذهب، اُنهيءَ راهہ ۾ وڏي رڪاوٽ آهن. هاڻي وقت آيو آهي تہ مقابلي بازيءَ کي ڇڏي، بقاءِ باهميءَ ۽ تعاون جي آڌار تي معاشري جي تعمير ڪرڻ گهرجي ۽ نظرياتي نفرت کان پاسي ٿي، محبت ۽ ڀائيچاري کي اختيار ڪرڻ گهرجي."(60)

جنگ يا جنگي جنون، نہ صرف تهذيب جي تباهي آهي پر هر قسم جي پيداوار جي تباهي بہ آهي ۽ انسان ذات جي ترقيءَ کي اڌوهي تي لڳندي آهي، نتيجي ۾ ان جي سُک ۽ سلامتيءَ کي سُنُ ڪري ڇڏيندي آهي. دنيا ۾ جيستائين جنگ جوئي ۽ هٿيارن جي هيڇ قائم رهندي، تيستائين تهذيب ۽ تمدن جي ترقي ٿي نہ سگهندي ۽ نہ ئي حقيقي انساني آزادي ممڪن ٿي سگهندي. انساني تهذيب جي ترقي ۽ تعمير ۽ ان جي امن ۽ سلامتيءَ لاءِ هر قسم جي جنگي جبلت جي بيخ ڪني ضروري آهي ۽ جيئن تہ جنگ انساني وسيلن جو زيان آهي، ان ڪري جنگي خرچن تي پابندي وجهڻ ضروري آهي. تہ جيئن انسان جي ترقي ۽ تهذيب جي حقيقي آزاديءَ جي بنياد تي آزاد ۽ خودمختيار قومن جي بين الاقواميت قائم ٿي سگهي ۽ عالمگير انساني تهذيب جي ترقيءَ ۽ تعمير جا بنياد مضبوط ٿي سگهن. موجوده ترقي يافتہ دنيا ۾ هٿياربند رياست جو هجڻ ئي بذات خود وڏي ۾ وڏي بدتهذيبي آهي. جيڪا ڪڏهن بہ ملڪن ۽ قومن جي سک ۽ سلامتيءَ ۽ ان جي سچيءَ تهذيب کي تباهہ ۽ برباد ڪري سگهي ٿي.

جنگ اصل ۾ طاقت جي توازن کي انسان جي پراڻيءَ وحشي جبلت جي حق ۾ ڪرڻ لاءِ جهنگلي دور جو قانون آهي، جيڪو اڄوڪي تهذيب يافتہ دور تي هڪ وڏي چٽڙ يا پوڳ آهي. جنهن جي خلاف اڄوڪي تهذيب يافتہ انسان کي جنگ جوئڻ جي ضرورت آهي ۽ ثابت ڪرڻو آهي تہ پراڻي وحشي دور جي طاقت جي توازن کي بديءَ مان نيڪيءَ ۽ رواداريءَ ۾ بدلائڻ جي ضرورت آهي. سائين جي. ايم. سيد لکيو آهي تہ "هيءَ بقاءِ اصلح جو دور آهي، جنهن ۾ صحتمند ۽ صالحن کي قائم رهڻو آهي ۽ اڻ سڌريل ۽ ڪمزور کي ختم ٿيڻو آهي پر سگهوئي بقاءِ باهميءَ جو دور بہ شروع ٿيڻ وارو آهي. مختلف نظريا، طاقتور ۽ مهذب ۽ ترقي ڪندڙ قومون ۽ تهذيبون رواداريءَ ۽ باهمي تعاون سان گڏجي ترقيءَ جي راهہ تي گامزن ٿينديون."(61)

شاهہ سائين: انسان جي انسان سان جنگ کي ننڍي جنگ ۽ پنهنجي پاڻ سان وڏي جنگ سڏيو آهي.

اصغر ڏي آهين گهٽاءِ تون اڪبر کي اُٿارِ،
وڏي جنگ مَ وِسارِ، ننڍيان نفعو ناهہ ڪو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# آزاد ۽ خودمختيار قومن جي بين الاقواميت

انسان کي جانورن جي دنيا کان جدا ٿئي، ٽيھہ چاليھہ يا پنجاھہ هزار سال ٿيا آهن. تهذيب ۽ تمدن جي دنيا ۾ داخل ٿئي، ڏهہ ٻارنهن هزار سال ٿيا آهن. مذهب جي مرڪزي اختيار ڪندي بہ چار هزار سال ٿيا آهن ۽ جديد سائنس ۽ صنعت جي دنيا ۾ وک وجهندي بہ چار سؤ سال مس ٿيا آهن ۽ اينتري ٿي ان جي جديد تهذيب جي ننڍڙي عمر آهي. اُنهيءَ حساب سان اڄوڪي انسان جي ترقيءَ جو سفر، جڻ تہ ابتدائي ٻانبڙن پاڻ جي برابر آهي پر انسان جي جانورن سان گڏجي گذارڻ وارو عرصو لکين ۽ ڪروڙين سالن تي محيط آهي. جنهن ڪري اڄوڪي دور جي سڌريل انسان ۾ بہ ڪيترين ئي جانورن واريون جبلتون اڃا بہ موجود آهن. جڏهن ڪان وٺي انسان جانورن جي بجاءِ تمدن ۽ تهذيب اختيار ڪئي آهي، ان جو اهو عرصو تمام مختصر ترين آهي. پوءِ بہ انسان تمدن ۽ تهذيب جي ترقيءَ ۽ تعمير ۾ تمام تڪڙيون وکون کنيون آهن. اهڙيءَ طرح هن مهذب پٽي ۽ ماڻهپي اختيار ڪرڻ لاءِ وڏا وڏا وس ڪيا آهن. جنهن لاءِ هن ڪي مذهب ۽ آدرش جوڙيا آهن، جن ڪيس ماڻهپي اختيار ڪرڻ ۾ وڏي هٿي ڏني آهي. انهيءَ ڏونگر ڪي ڏوريندي، اڄوڪو انسانُ، سماجي ۽ معاشرتي 'انسانُ' تہ ٿي سگهيو آهي، پر هو اڃا اعليٰ ثقافتي انسان نہ ٿي سگهيو آهي. اهڙي مڪمل اعليٰ ثقافتي انسان لاءِ شاهہ سائين جو خيال آهي:

جِتِ آهِہ نہ ناهِ ڪامِ اِيءُ خاڪيءَ جو خيالُ،
جانِبَ جو جمالُ، پسڻ ڪان ئي پري ٿيو.

جيئن جيئن انسان جي انفرادي ۽ اجتماعي حقن ۽ مفادن جو دائرو وسيع ۽ ويڪرو ٿيندو وڃي ٿو، تيئن تيئن ان جي شعور ۽ ساڃاهہ جون سرحدون بہ وسيع ۽ ويڪريون ٿينديون وڃن ٿيون. بلڪل ايئن ئي ۽ انهيءَ نسبت سان، جيئن جيئن گهڻ قومي مرڪزيت پسند رياستن جون سرحدون ڍهنديون ۽ منهدمُ ٿينديون وڃن ٿيون، تيئن تيئن آزاد ۽ خود اختيار قومن جي بين الاقواميت وڌندي ۽ وسيع ٿيندي ۽ ڦهلجندي وڃي ٿي ۽ انهيءَ وسيع تر بين الاقواميت جي حقن ۽ مفادن جي وسعت مطابق عالمگير انساني تمدن ۽ تهذيب جي ترقي ۽ تعمير بہ وڌندي ۽ وڏي ٿيندي وڃي ٿي ۽ اُنهيءَ جي نسبت سان انسان جي ثقافتي ۽ روحاني دنيا بہ ايڏي ئي وڏي عالمگيريت اختيار ڪندي وڃي ٿي. اُنهيءَ تاريخي عمل جي تڪميل کان اڳ ۾ عالمگيريت جي خيالي دعويٰ جي خواهش خوشفهمي آهي. ڇاڪاڻ تہ اسان ڏسي رهيا آهيون تہ هڪ طرف هن وقت دنيا ۾ گهڻ قومي رياستن جي مرڪزيت منتشر ٿي رهي آهي ۽ ٻئي طرف آزاد ۽ خودمختيار قومن جي بين الاقواميت جي تعمير ٿي رهي آهي. هڪ طرف سامراجي ستمُ ۽ جبرُ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

دورَ ۾ داخل ٿيندڙ سرمائيداريءَ کي ٿلها ٽنيرا ۽ ترقي يافته صارفن وارا مارڪيٽ گهرجن ٿا. جن کان وڌ ۾ وڌ منافعي جي حاصلات ٿي سگهي. انهيءَ لحاظ کان ڏسڻ ۾ اهو اچي رهيو آهي ته ايندڙ نئين دور جي سرمائيداريءَ جا مفاد، جيئن پوءِ تيئن ماڻهن جي خوشحاليءَ سان مشروط ٿي رهيا آهن ۽ ايندڙ دور جي سرمائيداريءَ جو اهوئي ترقي پسند ڪردار آهي. جيتوڻيڪ ايندڙ دور جي سرمائيداريءَ جي ترقي پسند ڪردار لاءِ اهو هڪ تاريخي جبر آهي، ۽ جديد دور جي سرمائيداريءَ جي اها هڪ تاريخي مجبوري آهي ته اها جيترو دنيا جي مارڪيٽ کي وڌيڪ خوشحال رکندي، ايتروئي وڌيڪ انهيءَ مان منافعو حاصل ڪري سگهندي.

جيتوڻيڪ هيءُ موجوده دور جو هڪ نئون بحث آهي ۽ اهو نئين دور جي مادي اقتصادي حقيقتن تي روشني رهيو آهي. ان لاءِ ترقي پسند سوچ وارن ماڻهن کي جديد دور جي سرمائيداريءَ لاءِ نئين سر تجزياتي جائزي وٺڻ جي ضرورت آهي ۽ سرمائيداريءَ جي پراڻي انسان دشمن ڪردار کان نئين ترقي پسند ڪردار جي جائزي وٺڻ جي ضرورت آهي. انهيءَ لاءِ اسان جو نقطه نظر آهي ته جيئن پراڻي دور 18 ۽ 17 جي صدين جي سرمائيداريءَ يورپ جي اندر مذهب ۽ رجعت پرست جاگيرداري قوتن جي خلاف هڪ ڊگهي جنگ جوٽي هئي، تيئن اڄوڪي جديد دور جي سرمائيداري، پوئتي پيل ملڪن ۾ مذهبي بنيادپرستيءَ ۽ جاگيردار رجعت پرستيءَ جي خلاف جنگ جوٽڻ جو اعلان ڪري اڳتي وڌي رهي آهي ۽ پراڻيون قدامت پرست ۽ بنيادپرست قوتون، ايندڙ جديد دور جي سرمائيداريءَ جي انهيءَ ترقي پسند ڪردار کان ڊايون ڊنل آهن، ان ڪري اهي ان جي خلاف اُٿي کڙيون ٿيون آهن، ۽ پنهنجي جياپي جا آخري هٿ پير هڻي رهيون آهن. انهن ۾ مرندڙ مذهب پرست قوتون به آهن ته رجعت پرست جاگيردار قوتون به آهن ته قدامت پسند سوشلسٽ قوتون به آهن.

مارڪس، اينگلس ۽ ان کان پوءِ لينن ٻڌايو هو ته سرمائيداريءَ (پراڻي صنعتي) جي دور کان پوءِ ۽ عالمگير ڪميونسٽ نظام کان اڳ، مختلف ملڪن ۾ سوشلزم جو عبوري دور لازمي آهي. پر جيئن ته جديد سرمائيداريءَ جي ترقي پسند ڪردار، پراڻي سوشلزم جي عبوري دور جي تاريخ ساز دروازي کي ئي بند ڪري ڇڏيو آهي، ان ڪري اڄوڪي سوشلزم ۽ سوشلسٽ قوتون، جديد سرمائيداريءَ جي ترقي پسند ڪردار جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ قدامت پرست ثابت ٿيون آهن. انهيءَ لاءِ اهو چوڻ صحيح آهي ته پراڻا قدامت پسند سوشلسٽ، جديد سرمائيداريءَ جي ترقي پسند دور ۾ پراڻيءَ سوشلزم جي واپسيءَ جي اميد ايئن ڪري رهيا آهن، جيئن بنيادپرست ملان ۽ مولوي خلفاءِ راشدين جي اسلامي دور جي واپسيءَ جي اميد رکي رهيا آهن. جيڪڏهن قدامت پسند سوشلسٽن جو اهڙوئي مؤقف يا رويو رهيو ته اهو ڏينهن پري ڪونه آهي، جڏهن اهي جديد سرمائيداريءَ جي ترقي پسند ڪردار کي نه صرف منهن ڏيڻ جهڙا ئي ڪونه رهندا، پر اڳتي هلي ڪٿي اهي مذهبي ملائن ۽ مولوين جي اڳواڻيءَ ۾ انهن جا ڪلهي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٿي رهي آهي يعني "آزاد ۽ خودمختيار قومن جي بين الاقواميت" ۾ اڳتي وڪون وڌائي رهي آهي، جتي پهرين ته قومن جي پاران قومن جي استحصال جي خاتمي جي تاريخي ضرورت پوري ٿيڻ واري آهي ۽ انهيءَ کان پوءِ ئي فرد جي هٿان فرد جي استحصال جي خاتمي جي راهه هموار ٿيڻ واري آهي. ان لاءِ پهرين دنيا جهان جي قومن جي وچ ۾ بين الاقواميت جو قائم ٿيڻ ضروري ۽ لازمي آهي ۽ ان کان پوءِ عالمگيريت جي قائم ٿيڻ جي ضرورت مڪمل ٿيڻي آهي. اهائي ايندڙ دور جي تاريخي ومڪري جي رفتار آهي ۽ اهائي عالمگير انسانيت جي تابناڪ مستقبل جي تقاضا آهي. جنهن جي پورائي اڳي پوءِ لازمي طور ٿيڻ واري آهي. ۽ اهوئي دنيا جي سيني ڏاهن، مفڪرن ۽ داناءَ ماڻهن جو خواب آهي. هڪ يوٽوپيائي يا خيالي خواب نه پر اهو انسانيت جي آئيندي جو حقيقي ۽ سائنسي خواب آهي.

ايلون ٽافلر جي چوڻ مطابق ته: "ٽينءَ لهر جي تهذيب ديومالائي دور جي ماڻهن جي تصوراتي ماڻهن جي تهذيب نه هوندي ۽ نه ئي گوئٽي، ارسطو، چنگيز خان ۽ هٽلر جهڙن "سپر مين" يا ڏاڍن جي دنيا هوندي، ۽ اهو ڏسندي اسان کي فخر ۽ سرهائي ٿي رهي آهي ته اها دنيا واقعي به انساني تهذيب چورائڻ جي حقدار هوندي" چاڪاڻ ته "نئون انسان صرف توانائيءَ ۽ ٽيڪنالاجيءَ جا نوان بنياد ئي تخليق ڪونه ڪري رهيو آهي پر انسان جي اندر يا باطن ۾ به انقلاب برپا ڪري رهيو آهي. جنهن ڪري مستقبل جا خدو خال متعين ڪندي، ماضيءَ جا تجربا اجايا تصور ڪري ۽ سمجهي رهيو آهي.(69)



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# باب ستون

## حڪمرانيءَ جو غير طبقيوار نظام يا بونا پارٽ ازم

ٽيڊگرانٽ پنهنجي ڪتاب ”انقلاب ڪان رد انقلاب“ ۾ لکيو آهي تہ: ”ڪنهن بہ سماجي ۽ اقتصادي نظام جي اقتدار تي ڪونہ ڪو طبقو حڪمراني ڪندو آهي ۽ جي ايئن نہ آهي تہ پوءِ اها بوناپارٽزم حڪمراني آهي.“ انهيءَ ڪري سوويت يونين، چين ۽ ٻيا سوشلسٽ نظامن وارا ملڪ ”پورهيت راڄن“ جي نالي ۾، بيوروڪريسيءَ جون بونارٽ حڪمرانيون هيون يا جاگيرداري ۽ سرمائيداري سماجن جي وچ وارين عبوري دورن جون غير طبقيوار حڪمرانيون هيون؛ ڇاڪاڻ تہ جن جن اقتدارن تي ڪو واضح طبقو حڪمراني ڪري نہ سگهندو آهي، پر ڪي ٻيون قوتون اقتدار يا حڪمرانيءَ تي قابض ٿي ويندڙيون آهن تہ اهي هڪ قسم جون بوناپارٽ حڪمرانيون هونديون آهن.

موجوده دور واريون اهڙيون سموريون گهڻ قومي رياستون، جن جي اقتدار تي، نہ مڪمل طور جاگيردار طبقو قابض رهيو آهي ۽ نہ واضح طور سرمائيدار طبقو ٿي قابض ٿي سگهيو آهي. پر ان جي ابتڙ اقتدار تي، ٻيون ڪي قوتون قابض ٿي ويون آهن، تہ اهي لازمي طور حڪمرانيءَ جون بونارٽ صورتون آهن. انهيءَ لحاظ کان ڏٺو وڃي تہ پاڪستاني رياست جي اقتدار تي پهرين ڏينهن کان وٺي، پنجابي جنرل شاهيءَ جي بوناپارٽ حڪمراني رهي آهي. ڇاڪاڻ تہ هن رياست جي اقتدار تي نہ جاگيردار طبقو قابض رهي سگهيو آهي ۽ نہ سرمائيدار طبقو ٿي قبضو ڪري سگهيو آهي. اهي ٻئي طبقا هن رياست جي حقيقي اقتدار کان ٻاهر يا تڙيل رهيا آهن. جيتوڻيڪ اهي معاشي طور سماج جا حڪمران طبقا تہ رهيا آهن ۽ رهندا آيا آهن پر معاشي طبقي جي حيثيت ۾ رياست جي اقتدار تي قابض رهي نہ سگهيا آهن. اهي ٻئي طبقا انگريزن جي سامراجي راڄ ۾ بہ طفيلي يا محتاج طبقا رهيا هئا ۽ معاشي لحاظ کان نہ ايترا خودمختيار ۽ آزاد هئا ۽ نہ مستحڪم ۽ سگهارا ٿي سگهيا هئا ۽ انگريزي راڄ کان پوءِ هن ملڪ جي رياست جي اقتدار تي هڪدم پنجابي سول ۽ فوجي ڪاموراشاهي قابض ٿي وئي ۽ آزاديءَ جي ”سچيءَ ڪٺي ڪمائي“ جي وارث ٿي ويهي رهي. اها ڪاموراشاهي، ڏاڙهين‌ءَ انگريز سامراجي حڪمرانيءَ سان تہ وفادار هئي پر هن ملڪ جي عوام توڙي مٿئين طبقن مان ڪنهن سان بہ وفادار ڪانہ رهي آهي ۽ نہ ئي وري ملڪ ۽ ان جي عوام سان سچي رهي آهي. ان جي بجاءِ اها پهرين نمبر تي پنهنجن گروهي مفادن سان ۽ ٻئي نمبر تي پنجابي توسيع پسند مفادن سان سچي بہ رهي آهي تہ وفادار بہ رهي آهي ۽ انهن ئي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مفادن جي حفاظت ۽ سلامتيءَ لاءِ اقتدار تي قابض رهي آهي ۽ رهندي اچي ٿي.

پنهي طبقن مان جڏهن به ڪو طبقو، ٿورو گهٽو يا اڻڌو منڌو اقتدار تي پهچي ويندو آهي تہ ڪيس هڪدم پوئتي هٽايو ويندو آهي ۽ هڪ طبقي جي حيثيت ۾ ڪڏهن به اقتدار تي ويهڻ نہ ڏنو ويندو آهي. ان ڪري ئي هن ملڪ ۾ جاگيردار يا سرمائيدار طبقو ايتري سگهہ حاصل ڪري نہ سگهيو آهي، جو انهن مان ڪو بہ هڪ طبقو معاشي طبقي جي حيثيت ۾ رياست ۽ ان جي اقتدار تي ويهي آرام سان حڪمراني ڪري سگهيو آهي ۽ نہ پنهنجن طبقاتي مفادن ۾ ڪا سياسي يا معاشي منصوبابندي ڪري سگهيو آهي.

پاڪستان جي پوري تاريخ ۾ ٿورڙن ڏينهن کان وٺي مختلف سياسي مهرن کي اقتدار تي رکو ويهاريو ۽ لاٿو ويو آهي. ڪڏهن بہ ڪين ايتري مهلت ڪانہ ڏني وئي آهي، جيئن اهي رياست جي اقتدار ۽ حڪمرانيءَ تي پنهنجي ڪا طبقاتي والار قائم ڪري سگهن. سائين جي. ايم. سيد اهڙيءَ اقتدار جي اُٿل پُٿل بابت لکيو آهي: "عين انهيءَ وقت پنجاب ۽ بنگال جي سياستدانن ۾ طاقت ۽ اقتدار تان جهڳڙو شروع ٿي ويو. جيئن تہ بنگال تعداد ۾ زياده هو، ان ڪري جمهوري دستور مطابق، اتي جي سياستدانن پاڪستان جي حڪومت تي پنهنجو تسلط قائم ڪرڻ جائز ٿي چاتو، ٻئي طرف علم ۽ صلاحيت ۾ پنجاب زياده هو، ۽ اُتي جا اعليٰ عملدار 70 سيڪڙي کان وڌيڪ مرڪزي توڙي صوبائي مکيہ عهدن تي قابض هئا. ملٽريءَ ۾ تہ تقريباً اُهي ئي پرتي ٿيل هئا: سنڌن وچئين طبقي جا اقتصادي مسئلا اهڙا هئا، جو انهن پاڪستان جي حڪومت تي قبضو ڪري، ان کي پنهنجين ضرورتن جي پوري ڪرڻ لاءِ استعمال ڪي ضروري ٿي چاتو. انهيءَ کان سواءِ ڪين پنهنجو مستقبل تاريڪ ٿي نظر آيو." (70)

اهو قائدو برابر آهي تہ جيڪو طبقو اقتصاديات تي قابض هوندو آهي يا ان جو مالڪ هوندو آهي، اهوئي اقتدار ۽ حڪمرانيءَ جو مالڪ بہ ٿيندو آهي پر ڪڏهن ڪڏهن طبقاتي طاقتن ۾ توازن ۾ غير برابريءَ يا انهيءَ جي غير موجودگيءَ ۾، وچان ئي ڪي غير طبقاتي قوتون اقتدار تي قابض ٿي وينديون آهن. جن کي جديد سياسي ٻوليءَ يا اصطلاح ۾ حڪمرانيءَ جي بوناپارٽ شڪل سڏيو ويو آهي ۽ پاڪستان جي سياسي اقتدار جي تاريخ ۾ پنجابي سول ۽ فوجي ڪامورا شاهي اهڙي ئي غير طبقاتي بوناپارٽ ازم ثابت ٿي آهي، جيڪا ٿورڙن ڏينهن کان وٺي، هن ملڪ ۽ رياست جي اقتدار تي قابض بہ رهي آهي تہ اقتدار جو اصل سرچشمو بہ رهي آهي تہ ان جي حقيقي مالڪ بہ رهي آهي. جنهنڪري هن ملڪ ۽ رياست جي حقيقي ترقي جامد ٿي ۽ بيهي رهي آهي: چاڪاڻ تہ تاريخي عمل جي ڦيٿي کي ڦيرائيندڙ ڪانہ ڪا معاشي طبقاتي قوت هوندي آهي، جيڪا معيشيت جي مالڪ بہ هوندي آهي ۽ بنا ڪنهن غير جي شرڪت جي اقتدار تي قابض بہ رهندي آهي، تہ ترقيءَ جي عمل کي ترقي بہ ڏياريندي آهي ۽ پيداواري قوتن جي ترقيءَ جو سبب بہ ٿيندي آهي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پرڏهن ملڪ جي اقتدار تي قابض بوناپارٽ حڪمران قوتون، نه مرندڙ جاگيردار طبقي کي مڪمل طور تي مرڻ ڏين ٿيون ۽ نه اسرندڙ سرمائيدار طبقي کي اڳتي وڌڻ ڏين ٿيون. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن جاگيردار طبقو مڪمل طور تي مري ٿو وڃي ۽ سرمائيدار طبقو، سگهاريءَ سماجي طاقت جي حيثيت ۾، آزاد ۽ خودمختيار ٿي ٿو وڃي ته نه رهندو سندن بوناپارٽ ڪردار ۽ نه رهندي سماجي غير فطري حڪمراني.

اصل ۾ پاڪستان هڪ اهڙي مسخ ٿيل يا بگڙيل گهڻ قومي رياست آهي، جنهن جو پنهنجو فطري طور، سماجي ۽ اقتصادي لحاظ کان ڪو حڪمران طبقو ڪونه آهي. ان ڪري اقتدار ۽ حڪمرانيءَ جي سرچشمي تي به ڪو واحد معاشي طبقو قابض ڪونه آهي، ڇاڪاڻ ته ورهاڱي کان پوءِ هتان جو اصل مقامي (هندو) اسرندڙ سرمائيدار طبقو، جنهن جون سماج اندر فطري طور پاڙون ڪتل هيون، سو هترادو فسادن جي وَر چڙهي ملڪ ڇڏي ويو، جنهن جي ڪري ملڪ ۾ حقيقي وطن دوست بورزوا طبقي جو وڏو خال پيدا ٿي پيو. ۽ انهيءَ جي جاءِ ٻاهرئين غير مقامي سرمائيدار اچي والاري، جنهن کي نه مقامي ماڻهن جي حمايت حاصل هئي ۽ نه وري سول يا فوجي ڪاموراشاهيءَ جي حقيقي همدردي حاصل هئي.

جيتوڻيڪ اهو غير مقامي سرمائيدار، 1971ع تائين پنجابي سول ۽ فوجي ڪاموراشاهيءَ جي ڪلهن تي چڙهي ٿورو ٿڪو غير فطري سرمائيدارانه ڪردار ادا ڪندو رهيو. پر هر پيري وري وري اُنهيءَ تان هيٺ ڪرندو ۽ ڏڪا ۽ ٿاٻا کائيندو رهيو. پر 1971ع ۾ پاڪستان جي ورهاڱي ۽ بنگلاديش جي آزاديءَ کان پوءِ اُنهيءَ مان پنجابي سول ۽ فوجي ڪاموراشاهي مڪمل طور هٿ ڪيي وٺي بلڪ اُنهيءَ سنڌ ۽ پنجاب جي جاگيردار طبقي سان اتحاد ڪري، ڀٽي مرحوم جي حڪومت دوران، ان جي چيلهه ڇپي ڪري ڇڏي؛ جيڪو اڃا سوڌو پنهنجا ڦٽ ڦي چپيٽي رهيو آهي.

حمزو علوي لکي ٿو ته: "پاڪستان ۾ زميندارن جي ڀيٽ ۾ مقامي سرمائيدار اقتصادي ۽ سياسي طور سدائين ڪمزور ۽ هيٺو رهيو آهي. آزاديءَ کان اڳ ۾ پاڪستان واري خطي ۾ واپار وڏو گهٽو ٿٽو هندن جي هٿن ۾ هو، جن کي ملڪ مان ڌڪي ٻاهر ڪيو ويو ۽ انهن جي جاءِ مسلمان واپارين اچي والاري. جيڪي هندستان، برما ۽ اوڀر آفريڪا مان لڏي آيا هئا. جن ۾ وڏو حصو گجراتي ڳالهائيندڙن جو هو ۽ انهن جو اردو ڳالهائيندڙ قيادت سان يا ڪاموراشاهي ۽ فوج سان لڳ لاڳاپو ڪمزور هو. جيڪو به هو، سو گهٽو ٿٽو روڪڙيءَ رشوت تي داري مدار وارو هو. سماجي طور ڪين ڪمتر سمجهيو ويندو هو. جڏهن ته سرمائيدارن جو هڪ ٻيو غير ترقي يافته حصو، هاٺي نئين سر اهميت ماڻي رهيو آهي. جيڪو اتر هندستان جي پنجابي واپارين تي مشتمل آهي ۽ سوسائٽيءَ ۾ ٻيٺڪي قدرن جي نسبت سان واپاري طبقي تي زميندار ۽ ڪاموري لڏي کي وڏيڪ سماجي حيثيت ۾ ڏٺو ويندو آهي. ان ڪري ڏيهي واپارين کي به گجراتي واپارين جي لڳ ڀڳ ئي ڪمتر عزت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو آهي؛ سو به ان ڪري ته انهن جا سول ۽



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

فوجي ڪاموراشاهيءَ سان نسلياتي يا قوميتي تعلقات آهن.“(71)

... ... ...

ڪوبہ سماجي، ۽ سياسي نظام، حاوي حيثيت، تڏهن اختيار ڪري سگهندو آهي، جڏهن اهو پنهنجي سماجي دور جي اقتصادي پيداواري قوتن سان مطابقت ۽ هم آهنگي اختيار ڪندو آهي، پوءِ اهو چاهي ڪيڏو بہ اعليٰ آدرشي نظام چو نہ هجي يا ڪيڏو بہ وڏو سائنسي نظرياتي نظام چو نہ هجي، پر اهو پنهنجي سماجي دور جي اقتصادي پيداواري قوتن سان مطابقت پيدا ڪرڻ ڪان سواءِ زنده رهي نہ سگهندو آهي ۽ نہ وري قائم رهي سگهندو آهي. ان ڪري ان جي اڳي پوءِ پنهنجي دور جي سماجي ۽ اقتصادي نظام ڪان شڪست مقدر بڻجي ويندي آهي. پوءِ اهو خلفاءِ راشدين جو اسلامي مذهبي نظرياتي نظام هجي، جيڪو وڌ ۾ وڌ ٽيهہ سال جيئرو رهي سگهيو ۽ ان ڪان پوءِ اُنهيءَ پنهنجي سماجي دور جي جاگيرداري اقتصادي نظام جي اڳيان گوڏا کوڙي ڇڏيا. جيڪو ان جو تاريخي مقدر هو يا اهو لينن ۽ مائو جو سوشلسٽ نظرياتي نظام هجي. جيڪو وڌ ۾ وڌ سٺ ستر سال هلڻ ڪان پوءِ پنهنجي دور جي حاوي عالمگير سرمائيداري اقتصادي نظام جي اڳيان گوڏا ٽيڪي ويهي رهيو. ڇاڪاڻ تہ سماجي اقتصادي نظام، ڪڏهن بہ نظرياتي بنيادن تي قائم رهي نہ سگهندو آهي. پر پنهنجي پنهنجي دور جو ٿي سماجي يا اقتصادي نظام هوندو آهي ۽ اهو ٿي قائم بہ رهي سگهندو آهي تہ پنهنجي فطري سماجي عمر ماڻي بہ سگهندو آهي. جيئن غلامداري سماجي معاشي نظام هجي يا جاگيرداري سماجي معاشي نظام هجي يا موجوده سرمائيداري سماجي معاشي نظام آهي يا هن ڪان پوءِ ايندڙ دور جو ساميواد يا ڪميونسٽ معاشي نظام وغيره، ممڪن آهي. پر جڏهن بہ ڪنهن سماجي ۽ سياسي معاشي نظام کي نظرياتي نيٺرن ۾ جڪڙيو ويندو آهي تہ اهو هلڻ چلڻ ۽ ترقي ڪرڻ ڪان چُور يا معذور ٿي پوندو آهي. سائين جي. ايم. سيد لکي ٿو تہ: ”نظرين جي صحيح تبليغ ۽ فروغ تاليف قلب ۽ حسن اخلاق جي آڌار تي ڪرڻ ٿي بهتر آهي. نہ تہ اهي نظريا ذهني سامراج بڻجي تشدد ۽ تعصب جو ڪارڻ بڻجن ٿا. مذهب، ڪميونزم، ۽ فسطائيت آهستي آهستي ٿي ذهني سامراج جي صورت اختيار ڪري ويا آهن. تنهن ڪري بهتر رستو، قومپرستيءَ جو آهي. جنهن جي وسيلي هرهڪ ملڪ ۾ ماڻهن جي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي. نظرين کي قومپرستيءَ تي ترجيح ڏيڻ مان قومي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ جي راهہ ۾ رُڪاوٽ پيدا ٿئي ٿي. پوءِ اهو مذهب جو نظريو هجي يا سوشلزم جو نظريو هجي.“(72)

۽ جيئن تہ سوشلزم بہ هڪ نظرياتي نظام هوندو آهي، ان ڪري انهيءَ نظام ۾، هڪ سماجي اقتصادي نظام جي حيثيت ۾، قائم رهڻ ۽ مسلسل تاريخي قوتن يا پيداواري قوتن کي ترقي ڏيارڻ ناممڪن آهي. ڇاڪاڻ تہ سوشلزم، سرمائيداريءَ ۽ ڪميونزم جي نظامن جي وچ وارو هڪ اڌرو عبوري نظرياتي نظام آهي، جهڙو قبائلي، يا سرداري ۽ فيوڊل يا جاگيرداري نظامن جي وچ وارو اسلامي مذهبي نظرياتي عبوري



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نظام تي گذريو آهي: جيڪو صحراءِ عرب ۾ قبيلائي يا سرداري سماجي نظام اندر خلفاءِ راشدين جي حڪمرانيءَ طور ٽيهه سال مس قائم رهي سگهيو، جنهن کان پوءِ اهو خلافت مان بادشاهت ۽ ملوڪيت جي حڪمرانيءَ ۾ بدلجي ويو: جيڪو ان جو تاريخي مقدر هو. ايئن سوويت سوشلسٽ نظام به ست ستر سال قائم رهڻ کان پوءِ پنهنجي دور جي طاقتور عالمگير سرمائيداري نظام جي تاريخي جبر اڳيان هٿيار ڦٽا ڪري واءُ وکر ٿي ويو، جيڪو به ان جو تاريخي مقدر هو. ايلون ٽافلر جي لکيت موجب "اوٽويهين صديءَ جي وچ ڌاري مارڪس جو خيال هو ته "جيڪو به اوزارن، ٽيڪنالاجي... ۽ پيداوار جي ذريعن تي والار قائم ڪندو، اهوئي معاشري جو ڪل مختيار ٿيندو ۽ جيئن ته ڪم جو بنياد گڏيل سهڪار تي آهي، ان ڪري پورهيت، پيداوار ۾ دخل اندازي ڪري، مالڪن کان اهي اوزار ئي کسي سگهن ٿا ۽ اهي هڪ ڀيرو جيڪڏهن انهن اوزارن تي قبضو ڪري ويا ته سماجي اقتدار انهن جي ئي هٿن ۾ هوندو." پر ڏسجي ٿو ته تاريخ، مارڪس جي خيال سان وڏو ڪيڏ ڪيڏي وئي آهي: ڇاڪاڻ ته اُنهيءَ ئي گڏيل سهڪار جي بنياد تي هڪ نئون گروپ.... سڄي موجوده سسٽم کي منظم ڪرڻ لڳو آهي. جنهن کي ئي وڌ ۾ وڌ عروج ۽ استحڪام حاصل ٿيو آهي. نتيجي ۾ طاقت، اقتدار ۽ حڪمراني نه مالڪن کي ملي سگهي آهي ۽ نه پورهيتن ۽ مزدورن کي هٿ لڳو آهي، پر ٿيو هيئن آهي ته انهن ٻنهي تي تشڪيل ڪار يعني انتظام هلائيندڙ حاوي ٿي ويو آهي. اها طاقت يا اقتدار ۽ حڪمراني پيداوار جي ذريعن جي مالڪيءَ جي ڪري نه پر پيداواري ذريعن تي ڪنٽرول يا سنڀال جي صورت ۾ حاصل ٿي آهي."(73)

•••

تاريخ جي ڦيٽي کي انسان جون خواهشون نه پر انسان جون ضرورتون ئي ڦيرائينديون آهن: جيڪي پنهنجي عمل جي دوران، آزاد ۽ خودمختيار انساني سرگرمين جي تابع رهنديون آهن، پر ان جي ابتڙ هر نظرياتي نظام، هڪ يوٽوپيا يا خيال پرستيءَ جو ڪُڏ هوندو آهي. ۽ نه وري انهيءَ نظرياتي نظام جو ڪو طبقاتي ڪردار هوندو آهي، ان ڪري اُنهيءَ نظام تي لازمي طور اڳي پوءِ ڪينڪي غير طبقاتي بيگانيون قوتون قابض ٿي وينديون آهن. انهيءَ لاءِ اهو چوڻ ته هر سوشلسٽ نظام، پورهيت طبقي جو راڄ هوندو آهي. اهو صحيح ڪونه آهي. ڇاڪاڻ ته تجربي ثابت ڪيو آهي ته پورهيت طبقو، بحيثيت طبقي جي انهيءَ (سوشلسٽ) نظام ۾، نه ايڏو طاقتور ٿي سگهندو آهي ۽ نه وري منظم ٿي سگهندو آهي، ته جيئن اهو حڪمران طبقي جي حيثيت ۾، پنهنجو خالص طبقاتي نظام قائم رکي يا هلائي سگهي. نتيجي ۾، انهيءَ (پورهيت طبقي) جي جاءِ ٻيون قوتون اچي والارين ٿيون، جيڪي اُنهيءَ کان وڌيڪ منظم ۽ رياست جي نظام کي هلائڻ يا حڪمراني ڪرڻ جي قابل هونديون آهن ۽ جيڪي قوتون، رياست جي نظام کي هلائينديون آهن ۽ حڪمراني ڪنديون آهن، اهي لازمي طور پورهيت طبقي جي مفادن تي به حاوي ٿي وينديون آهن. اهو قانون صرف



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

30 سيڪڙو ڏيک قيمت وصول ڪئي ويندي آهي ۽ روانگيءَ تي وري 30 سيڪڙو گهٽ ادائگي ڪئي ويندي آهي. اهڙيءَ طرح ايران ۽ افغانستان کي بہ روسين تروتي گئس جي تمام گهٽ قيمت ڏني آهي. سرمائيدار ملڪن وانگر سوويت يونين بہ بيٺڪن تي اجايا سجايا زور بار وجهي، چڱو خاصو فائدو حاصل ڪندو رهيو آهي. جيڪڏهن اهي ايئن نہ ڪن تہ خود سندن صنعتي ترقيءَ جي رفتار بيهي ويندي.“ (75)

دراصل ڏسڻ ۾ آيو آهي تہ مارڪس جو سوشلزم جو طبقاتي جدوجهد ۽ پرولتاري آمريت جو نظريو، تاريخ جي مادي جدليات جي قانونن سان هم آهنگي پيدا ڪري نہ سگهيو آهي، ڇاڪاڻ تہ انهيءَ ۾ انسان دوستيءَ جي همدرديءَ ۾ انسان جي اختيار پسنديءَ کي وڌيڪ اهميت ڏني وئي آهي. جنهن ۾ هو سماجي ارتقا جي جبريت جي قانونن کي نظرانداز ڪري، انسان دوستيءَ جي جذبات جي وهڪري ۾ وڌيڪ وهي ويو آهي ۽ تاريخي تقاضائن کي نظرانداز ڪندي، انساني شعور جي اختياري پاسي کي اوليت ڏئي ويو آهي، جنهنڪري يوٽوپيا يا خيال پرستيءَ جو شڪار ٿي ويو آهي. چوي ٿو تہ: ”پورهيت طبقو، جيڪڏهن پيرس ڪميون وانگر، بورزوازيءَ جو تختو اونڌو ڪري، ”پورهيت راڄ“ ۾ پرولتاري آمريت قائم ڪندو تہ سرمائيداريءَ کان سواءِ بہ عبوري دور مان گذري ڪميونزم ۾ داخل ٿي سگهي ٿو.“ اهڙي نموني مارڪس سرمائيدار دشمنيءَ جي تعصب ۽ انسان دوستيءَ جي همدرديءَ ۾ خيال پرستيءَ ۾ وڌيڪ وهي ويو آهي ۽ پنهنجن ئي تاريخي ماديت جي جدلياتي اصولن جو انحراف ڪري ويو آهي: ڇاڪاڻ تہ جيئن غلامداريءَ ۽ جاگيرداريءَ جي نظامن کي پنهنجي پنهنجي تاريخي دورن جي تاريخي تقاضائن کي پوري ڪرڻ جي ضرورت هئي، تيئن ئي جديد سرمائيداري نظام کي بہ پنهنجي دور جي تاريخي تقاضائن جي پوري ڪرڻ جي ضرورت آهي. جيڪي ان کي مارڪس توڙي لينن ڏيڻ لاءِ تيار ڪونہ هئا. جنهن لاءِ اهي خوني انقلاب جي هٿيار بند دهشتگرديءَ جي جدوجهد کي تاريخي ضرورت سمجهي رهيا هئا. جيڪا انهن جي هڪ قسم جي نظرياتي خواهش بہ هئي تہ انارڪزم جي دٻاءَ جو نتيجو بہ هئي. ڇاڪاڻ تہ انارڪزم هر بريءَ شيءِ جو لازمي خاتمو ڪرڻ چاهيندي هئي پر ان جو متبادل ڏيڻ ضروري نہ سمجهندي هئي. جڏهن تہ جدلياتي نفيءَ جي نفي نہ صرف پراڻي جو متبادل ڏيڻ ضروري سمجهندي آهي پر ان جي صحتمند ۽ صالح جزن کي نئين ۾ جذب ڪرڻ بہ گهرندي آهي.

مارڪسزم جو مطالعو ۽ تاريخي حالتن جو جائزو ٻڌائي ٿو تہ: مارڪس ۽ لينن ان وقت جي سرمائيداريءَ جي زوردار مخالفت ۽ انارڪسزم جي پريشر جو ڪجهہ وڌيڪ ئي شڪار ٿي ويا آهن. جنهنڪري اهي سماجي ۽ اقتصادي تقاضائن جي مقداري ارتقا جي پورائي کان سواءِ سماج ۾ معياري تبديلي آڻڻ لاءِ تيار ٿي ويا هئا. جيڪا انهن جي ڪميونسٽ سماج ۾ داخل ٿيڻ لاءِ هڪ قسم جي اڀري ۽ تکڙي خواهش يا خيال پرستي هئي. انهيءَ خيالي وهم پرستيءَ جو شڪار ٿي، مارڪس ۽ اينگلس کان لينن ۽



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٽراٽسڪيءَ تائين، ۽ وينديءَ 1990ع تائين سوشلسٽ ۽ مارڪسوادي ۽ کيترائي ته اڄا تائين به دعويٰ ڪندا رهيا آهن ته ”سرمائيداري مري رهي آهي. بلڪ ڇاڻ مرڻ واري آهي يا انهيءَ جي تباهي ۽ بربادي آخري ڪنڌيءَ تي آهي.“ پر ٿيو، ان جي ابتڙ آهي. ته سرمائيداريءَ کان اڳ ۾ سوشلسٽ نظام ۽ ان جو نظريو مري رهيو آهي ۽ تاريخي عمل، ان کي وڏيڪ جياپي ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. جنهنڪري سرمائيداري ته ڪانه مري رهي آهي پر جتي ڪٿي سوشلزم مري رهيو آهي ۽ اهو سوويت يونين کان وٺي چين تائين ۽ ويٽنام کان ڪيوبا تائين هڏڪيون ڏئي ڏئي مري رهيو آهي. پر سرمائيداري نه رڳو زنده رهي آهي پر اڃا وڌيڪ ترقي ڪري رهي آهي. ڇاڪاڻ ته جيستائين پيداوار گهربل مقدار ۾ ناڪافي رهندي، تيستائين سماجي اڻ برابري به قائم رهندي. سماجي اڻ برابري صرف تڏهن ختم ٿي سگهندي، جڏهن پيداوار جي سطح وافر انداز ۾، انساني ضرورتن مطابق ٿيندي پر پيداوار جي گهربل مقداري سطح کان اڳ ۾ سماجي يا اقتصادي برابريءَ جي دعويٰ غير فطري سماجي خواهش آهي؛ جيڪا تاريخي تقاضائن سان مطابقت نٿي رکي سگهي. اهڙي خيالي خواهش، سماج ۾ وري ڪن بين تضادن جي پيدا ٿيڻ جو سبب ٿي سگهي ٿي. جيڪي انساني تهذيب جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ جو سبب ٿي سگهن ٿا. سماجي برابري قائم ٿيڻ کان اڳ ۾ پيداوار جي گهربل مٿاهين سطح ضروري آهي. ته جيئن هرهڪ انسان کي ضرورت مطابق پيداوار ميسر ٿي سگهي. انهيءَ کان اڳ ۾ بڪ ۾ برابري ته هوندي يا اڻ هوند جي برابري به ٿيندي؛ جيڪا انساني تهذيب جي ترقيءَ جي تاريخي تقاضائن کي پورو ڪري نه سگهندي. پيداوار جو گهربل مقدار ئي، انسانن ۾ معياري لاڳاپا قائم ڪري سگهي ٿو ۽ انسانن ۾ معياري لاڳاپن کان سواءِ حقيقي معياري انساني برابري به قائم ٿي ڪانه سگهندي.

# مارڪيٽ کان ماورا معاشيات جو تصور

انسان، نظريا يا خيال يا ڪوبه مڪتب فڪر ٻن طريقن سان قبول ڪندو آهي. هڪ طريقي مطابق هو، نظريو بحيثيت نظريي جي قبول ڪندو آهي. يعني ڪوبه خيال يا نظريو پڙهي پروڙي ۽ سمجهي قبول ڪندو آهي. ٻين لفظن ۾ ته ان کان متاثر ٿي قبول ڪندو آهي ۽ ٻئي طريقي مطابق: هو نظريي يا خيال کي بحيثيت ضرورت جي قبول ڪندو آهي، يعني جڏهن به ڪو خيال يا نظريو، حالتن جي ضرورت ٿيندو آهي ته اهو نظريو يا خيال انسانن جي دل ۽ دماغ ۾ پاڻ مرادو عڪسجي ۽ ذهن ۾ ويهڻ لڳندو آهي، ته انسان به ان کي قبول ڪري وٺندو آهي. پهرين قسم جا انسان، نظريي کي نظريو ڪري قبول ڪندا آهن، يعني سوچي سمجهي بحيثيت يقين جي قبول ڪندا آهن ۽ ٻيا انسان،



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

حالتن جي مجبوريءَ سبب بحيثيت ضرورت جي قبول ڪندا آهن. سچو پچو حقيقي سماجي نظريو اهو هوندو آهي، جيڪو حالتن جي ضرورت هوندو آهي ۽ اهوئي ڪنهن قوم يا انسانن جو حقيقي سماجي نظريو هوندو آهي. اهوئي سبب آهي، جو پوئتي پيل ۽ جاگيرداري باقيات ۾ رهندڙ قومن لاءِ سوشلزم يا ڪميونزم جو نظريو، بحيثيت نظريي جي تہ آهي پر اهو انهن جي سماجي حالتن جي تاريخي ضرورت ڪانہ آهي. بلڪ انهن جي سماجي حالتن جي تاريخي ضرورتن جو نظريو، قومپرستي آهي، ۽ اهوئي نظريو، سنڌي قوم جي قومي تڪميل جي ضرورت آهي. پر جيڪو نظريو، سنڌي قوم جي قومي تڪميل جي ٿي ضرورت ڪانہ آهيَ، اهو نظريو، سنڌي قوم لاءِ نہ صرف غير ضروري پر غير تاريخي بہ آهي ۽ جيڪي بہ ماڻهو اهڙي غير ضروري نظريي کي قبول ڪندا آهن، اهي انهيءَ کي خيالن ۽ خواهشن جي بنياد تي قبول ڪندا آهن. پر سنڌي قوم جي قومي تڪميل جي تاريخي ضرورت جي حيثيت ۾ قبول نہ ڪندا آهن. سنڌي قوم جي قومي تڪميل جو نظريو صرف، سنڌي قوم جي قومي شعور جي هم آهنگيءَ جو نظريو آهي ۽ سنڌي قوم جي قومي شعور جي هم آهنگي صرف سياسي ۽ اقتصادي مفادن جي هم آهنگي جي شعور ۾ ممڪن آهي.

•••

موجوده دور ۾، سنڌي قوم جي معاشي مرڪزيت منتشر آهي، ان ڪري سنڌي قوم جو سماجي شعور بہ منتشر آهي، جنهن جي ڪري سنڌي قوم جي سياسي وحدت وکوڙ واري آهي ۽ سياسي وحدت يا هم آهنگيءَ جي نہ هجڻ جي نتيجي ۾، سنڌي قوم جي قومپرست پارٽين ۽ تنظيمن جي جڻ تہ "ڪتني ويائي پئي آهي." ۽ انهيءَ سياسي ٽوڙي تنظيمي فرقيواريت جي ڪري قومي وحدت ۽ هم آهنگي بہ پيدا ٿي نہ سگهي آهي ۽ نہ ٿي قومي اتحاد ۽ ٻڌيءَ جو ڪو رجحان پيدا ٿي سگهيو آهي پر قوم جو هر فرد انفرادي مفادن جي مرض ۾ مبتلا آهي ۽ جيئن تہ فرد، سماج يا قوم جو هڪ يونٽ هوندو آهي، ان ڪري اهو (فرد) سماج ۽ قوم ۾ رهي، پنهنجي فرديت کي قائم رکي سگهندو آهي. تيئن قوم بہ بين الاقواميت جو يونٽ هوندي آهي ۽ قوم، بين الاقواميت ۾ رهي، پنهنجي قومي فرديت يا تہ شخص جي تڪميل ڪري سگهندي آهي. جيئن سماج فرد ڪان، ان جي فرديت ڪسي نہ سگهندو آهي، تيئن بين الاقواميت قوم ڪان، ان جي قومي فرديت يا قومي تشخص جو حق ڪسي نہ سگهندي آهي.

جيئن بااصول جمهوري نظام ۾ هرهڪ فرد کي فرد جي حيثيت ۾ ووٽ جو حق هوندو آهي؛ تيئن آزاد ۽ خودمختيار قومن جي بين الاقواميت ۾ هرهڪ قوم کي قوم جي حيثيت ۾، ووٽ جو حق هوندو آهي ۽ ان کي ئي سچي پچي يا بااصول جمهوري برابري چئي سگهبو آهي ۽ ان کي ئي سچي پچي يا بااصول آزاد ۽ خودمختيار قومن جي بين الاقواميت سڏي سگهجي ٿو. انهيءَ آفاقي اصول کان سواءِ نہ تہ جمهوريت جاري رهي سگهندي ۽ نہ ئي بين الاقواميت قائم ٿي سگهندي. اهڙيءَ ئي بااصول جمهوريت ۽ بين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

الاقواميت ۾ فرد جي آزادي ۽ قومن جي خوداراديت جو حق محفوظ رهي سگهي ٿو. بين لفظن ۾ تہ ۽ هرهڪ قوم ۾ قومي شعور جي هم آهنگي ضروري آهي تہ انهن جي جاگرافيائي سرحدن اندر موجود سمورا اقتصادي ۽ معاشي وسيلا، اُنهن جي قومي ملڪيت آهن ۽ انهن جي ورهاست جو سياسيُ اختيار بہ انهن جي قوم جي ماڻهن کي آهي ۽ قومن کي اهو سياسي اختيار صرف تڏهن ملي سگهندو آهي، جڏهن هرهڪ قوم جو سياسي اقتدار ۽ اختيار اُنهيءَ قوم جي ماڻهن جي هٿن ۾ هوندو آهي. بين لفظن ۾ قومون مڪمل طور آزاد ۽ خودمختيار هونديون آهن ۽ انهيءَ لاءِ هرهڪ قوم جي قومي تڪميل لازمي آهي. سائين جي. ايم. سيد جي خيال ۾ تہ: "خوداراديت مان مقصد آهي تہ هرهڪ قوم کي پنهنجي ملڪي حدن، ڪلچر، زبان، قومي ڪردار، سياسي ۽ اقتصادي مفادن جي قبضي ۽ حفاظت ۽ ترقيءَ جا مڪمل اختيار حاصل هجڻ گهرجن، ۽ ڪنهن بہ ڌارئينءَ قوم کي ڪنهن بہ عذر ۽ بهاني سان، ان جي اندروني معاملن ۾، دست اندازيءَ جو اختيار نہ هجي. سنڌي اهوئي چاهين ۽ گهرن ٿا، جنهن جو بين الاقوامي طرح قومن جي تسليم ٿيل اصولن مطابق هر قوم کي حق آهي؛ چاڪاڻ تہ اهي پنهنجي مٿان، ڪنهن بہ ڌارئينءَ قوم جو سياسي، اقتصادي، ڪلچرل يا ٻوليءَ جو تسلط نٿا چاهين. پوءِ ڪٿي اهو تسلط ڪهڙن بہ خوش نما لفظن جي آڙ ۾ ٿي مٿن ڇو نہ مڙهيو وڃي."(76)

...

تاريخي عمل جي تسلسل مطابق قوميتن مان ئي بين الاقواميت جي تعمير ٿي سگهندي. قومن جي قومي ارتقاءِ قومي تڪميل ۽ قومي رياستن جي مڪمل بحالي ئي بين الاقواميت جي حقيقي تشڪيل ۽ تعمير جا اهم ۽ بنيادي عنصر يا جزا آهن. قومن جي مڪمل قومي آزادي، نہ صرف بين الاقواميت جي تعمير يا اڏاوت لاءِ ضروري آهي پر هر قسم جي سامراجي بالادستيءَ جي خاتمي لاءِ بہ لازمي آهي. بين الاقواميت جي تڪميل لاءِ، قوميت جي تڪميل اولين شرط آهي. اهڙيءَ طرح قومي تهذيب جي تڪميل، عالمگير تهذيب جي تڪميل جي تاريخي ضرورت آهي. شوماخر انهيءَ کي هيٺين لفظن ۾ پيش ڪيو آهي: "ننڍي هوندي مون کي تاريخ جو تصور هن ريت ڏيکاريو ويو هو تہ شروع ۾ خاندان هئا، خاندانن گڏجي قبيلا ٺاهيا، ۽ پوءِ قبيلن گڏجي قومون ٺاهيون ۽ پوءِ قومن گڏجي اتحاد جوڙيو يا اقوام متحده قائم ڪئي. انهيءَ طريقي مطابق توقع ڪئي ويندي هئي تہ آخرڪار سڄيءَ دنيا جي هڪ ئي حڪومت ٿيندي. اُنهيءَ ڪهاڻي ٻڌڻ کان پوءِ مون ۾ انهيءَ بابت دلچسپي پيدا ٿي، پر پوءِ جلد ئي اها خبر پئي تہ معاملو انهيءَ جي ابتڙ وڃي رهيو آهي. چاڪاڻ تہ اقوام متحده جي ميمبرن جو پهرين سٺ کن تعداد هو، پر هاڻ ٻيڻ کان بہ مٿي ٿي ويو آهي ۽ اهو تعداد ٽيڻ پوءِ ٽيڻ اڃا وڌي رهيو آهي. منهنجي ننڍي هوندي، انهيءَ صورتحال کي "بلقان جي ورهاست" سڏيو ويندو هو ۽ انهيءَ کي خراب سمجهيو ويندو هو. پر ان جي باوجود، گذريل پنجاهہ سالن کان وڏيڪ عرصي اندر دنيا جي گهڻن حصن ۾، اهوئي ڪجهہ ٿي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رهيو آهي، جيڪو منهنجي حاصل معلومات کان بلڪل مختلف آهي. انهيءَ تي غور ڪرڻ جي وڏي ۾ وڏي ضرورت آهي.“(77)

...

جيئن جيئن انسان جي شعور جي وسعت ويڪري ٿيندي وڃي ٿي، تيئن تيئن انسان جي انفرادي شعور جي وسعت به ويڪري ٿيندي وڃي ٿي ۽ جيئن جيئن انسان جي اجتماعي حقن ۽ مفادن جو حدون وسعت اختيار ڪنديون وڃن ٿيون، تيئن تيئن انسانن جي انفرادي حقن ۽ مفادن جون حدون به وسعت اختيار ڪنديون وڃن ٿيون ۽ ان جي حقن ۽ مفادن جي وسعت جي نسبت سان، اُن جي انفرادي ۽ اجتماعي شعور جي شڪلين ۾ به ترقي ٿيندي رهي ٿي. جيتري انسان جي تهذيب وسيع ٿيندي وڃي ٿي، تيتري ان جي حقن ۽ مفادن جي دنيا به وسيع ٿيندي وڃي ٿي ۽ انهيءَ جي نسبت سان انسان جو شعور ۽ ساڃاهه به وسعت اختيار ڪندو وڃي ٿو. اڳوڻي پراڻي دور ۾، انسان جي حقن ۽ مفادن جي حفاظت جو دائرو خاندان يا برادريءَ تائين محدود هو. ان کان پوءِ ان جي حقن ۽ مفادن جي حفاظت جو دائرو قبيلائي راڄ پاڳ تائين وڏي ويڪرو ٿي ويو. پر هاڻ اهو حفاظت جو دائرو، وطن ۽ قوم جي اجتماعي قومي حقن ۽ مفادن تائين وسيع ۽ ويڪرو ٿي ويو آهي. اُنهيءَ نسبت سان انساني شعور جي وسعت به خانداني، برادريءَ ۽ قبيلائي حدون اورانگهي، اجتماعي قومي شعور جي شڪل اختيار ڪري رهي آهي. ڇاڪاڻ ته ”انسان خانداني ٻنڌڻ ۾ ٻڌل آهن ۽ خاندان قبيلائي ٻنڌڻ ۾ ٻڌل آهن ۽ قبيلا قومي ٻنڌڻ ۾ ٻڌل آهن. اها انساني ترتيب، مصر جي احرامن وانگر آهي. جنهن ۾ هڪ ڏاڪو ٻئي ڏاڪي سان ڳنڍيل ۽ سلهاڙيل آهي ۽ اسان کي اهائي ترتيب، فطرت ۾ به نظر اچي ٿي. بنيادي ذرڙا نيوڪليس کي ترتيب ڏيندا آهن، نيوڪليس ايٽم ٺاهيندا آهن، ايٽم Molecules سان جڙيل آهن ۽ Molecules گڏجي Bose جوڙيندا آهن. Aminoacids بنائيندا آهن ۽ Aminoacids پروٽين گڏجي ويندا آهن ۽ ايئن فطرت ۾ اهو هڪ نظام ۽ ان جو رشتو يا رابطو نظر ايندو آهي. جنهن تي ئي انساني سماج جو بنياد بيٺل آهي.“(78)

... ... ...

ڪلاسيڪي مارڪسزم مطابق: سرمائيداري سماجي نظام ۽ پيداواري قوتن جي وچ وارو بنيادي تضاد صرف سماجي انقلاب ئي حل ڪري سگهندو آهي، پر سوويت سوشلزم جي تجربي ثابت ڪيو آهي ته اهو تضاد صرف پيداواري قوتن جي اعليٰ ترين ترقي جي ذريعي ئي حل ٿي سگهي ٿو. جڏهن به پيداواري قوتون، ترقيءَ جي اعليٰ ترين سطح تي پهچنديون ۽ انهن جي ذريعي جيڪا وافر انداز ۾ سماجي پيداوار ٿيندي اهائي انقلاب جو سبب به ٿي سگهندي ته ذاتي ملڪيت جي تصور جو خاتمو به ڪري سگهندي ته رَسد ۽ طلب جي قانون کي به فنا ڪري سگهندي. جنهن جي ڪري ترقي يافته تهذيب لاءِ ضروري ٿي پوندو ته اها پيداوار ۽ ان جي ورهاست جي منصوبابندي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

عالمگير قائدو ۽ قانون تي پوندو. جنهن تي ٿي معيشيت جي مالڪن ۽ رياستن ڪي اجتماعي معاشرتي مفادن لاءِ عمل ڪرڻ ضروري ٿي پوندو. تہ جيئن انسان ۽ ان جي تهذيب، زندهہ بہ رهي تہ ترقي بہ ڪري سگهي. پيءَ صورت ۾، قناعيت ان جو مقدر بنجي ويندي.

چاڪاڻ تہ ايتري تائين انسانيت اجتماعي طور ايتري پختي ضرور ٿي ويندي، جيڪا اها ايڏي وڏي بحران مان آسانيءَ سان لنگهي سگهندي. انهيءَ عالمگير انساني تهذيب جي نشاندهي ڪندي ايلون ٽافلر لکي ٿو تہ: "ٽين لهر تاريخ جي پهرين ماورا مارڪيٽ تهذيب کي پيدا ڪندي. جيتوڻيڪ ماورا مارڪيٽ مان منهنجو اهو مفهوم ڪونہ آهي تہ تبادلي يا مٽاسٽا جي نيٽ ورڪ کان سواءِ تهذيب هوندي... ماورا مارڪيٽ مان هڪ اهڙي تهذيب جي مراد آهي، جيڪا مارڪيٽ تي دارومدار تہ رکندي، پر ان جي تعمير ۽ توسيع تي يا ان جي زيبائش ۽ آرائش تي ۽ ان جي اڏاوت جي مطابقت لاءِ پاڻ خرچ نہ ڪندي. اها تهذيب، نئين نئين ايجنڊائن جي تڪميل جي پورائي لاءِ ترقي ڪرڻ ۽ اڳتي وڌڻ جي اهل هوندي... چاڪاڻ تہ مختصر مارڪيٽن جي هنڌن جو تعين تہ هاڻ بہ ٿي چڪو آهي. ائين، جيئن سورهين صديءَ جو ڪوبہ شخص، اهو تصور بہ ڪري نٿي سگهيو، تہ مارڪيٽ جي ترقي ۽ واڌ... يا ٽيڪنالاجي سياست ۽ مذهب، آرٽ ۽ ادب، سماجي زندگيءَ يا شادي مراديءَ وغيره يا شخصيت جي ارتقا جو مفهوم، دنيا جي ايجنڊا کي ايترو بدلائي ڇڏيندو... ايئن ٿي اسان لاءِ مارڪيٽائيزيشن جي طويل عرصي جي اثرن جو تصور بہ ايڏوٿي اٿانگو ۽ ڏکيو ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي؛ جيڪو اسان تي نہ تہ اسان جي ٻارن جي زندگيءَ جي هرهڪ ڪنڊ پاسي تي انهن اثرن جا شعاع ۽ تجلا ضرور وجهندو... گذريل ٽن سون سالن کان جيئن ٿي انساني نسل جي پيدائش وڌي آهي، تيئن اُنهيءَ پيدائش جو هڪ خاص ۽ اهم حصو، مارڪيٽ جي تعمير ۽ توسيع جي پراجيڪٽ جي لاءِ وقف يا مخصوص ڪيو ويو آهي. انهيءَ جي بنيادي تعمير جي تڪميل سان گڏوگڏ عالمي مارڪيٽ جي تعمير جي استعمال لاءِ ۽ بين انساني مقصدن لاءِ هاڻ بہ ڪيتريون ئي توانايون وقف ٿيل آهن. صرف اُنهيءَ هڪڙيءَ حقيقت جي بنياد تي تهذيبي تبديلين جو هڪ طويل سلسلو شروع ٿي ويو آهي. نون مذهبن جون نيون تاويلون ٿي رهيون آهن ۽ انهيءَ کان سواءِ سياسي ۽ سماجي ادارن جا بہ نوان نوان قسم پيدا ٿي رهيا آهن."(78)

ايلون ٽافلر جو اهو مٿيون مؤقف يا نقطہ نظر، 1980ع جي ڏهاڪي جو آهي. پر ان کان پوءِ وارن ويهن پنجويهن سالن ۾ دنيا، اڃا گهڻو اڳتي وڌي ۽ ترقي ڪري وئي آهي. جڏهن تہ مفڪرن ۽ فلاسافرن جا تصور ۽ خيال يا نظريا حالتن جي پيداوار هوندا آهن ۽ جيئن جيئن سماجي حالتون نوان نوان رخ اختيار ڪنديون آهن تہ حالتن جي مطابقت سان نوان تصور ۽ خيال يا نظريا بہ اڀري سامهون ايندا آهن. جيتوڻيڪ ايلون ٽافلر جو مٿئون مؤقف مارڪسزم کان وڌيڪ سرمائيداراڻو آهي ۽ اُنهيءَ مارڪيٽ جي خاتمي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي پس منظر کي بہ انهيءَ نقطہ نظر کان ڏٺو آهي جڏهن تہ اسان جو انهيءَ بابت جدلياتي نقطہ نظر آهي، انهيءَ کري اسان جو نقطہ نظر آهي تہ مارڪيٽ جو موت، قوت خريد جي خاتمي ۾ ئي ممڪن آهي، ڇاڪاڻ تہ جديد ٽيڪنالاجي ۽ خودڪاريت جي ترقي جيئن پوءِ تيئن جسماني قوت محنت جي ضرورت کي گهٽائي رهي آهي، جنهن کري دنيا اندر لازمي طور بيروزگاريءَ جي طوفان کڙي ٿيڻ جو امڪان جيئن پوءِ تيئن وڌي رهيو آهي؛ نتيجي ۾ انهيءَ بيروزگاريءَ جي جم غفير مان قوت خريد ختم ٿيندي پئي وڃي، ان کري هڪ ڏينهن ضرور مارڪيٽ ويهي رهندي. جنهن مان ئي عالمگير بحران جي پيدا ٿيڻ جو امڪان آهي. جيڪي حالتون، ماڻهن ۾ نون تصورن، خيالن ۽ نظرين کي پيدا ڪنديون. ۽ دنيا ۾ نوان نوان انقلاب پيدا ٿيندا. جيڪي ئي انهيءَ عالمگير بحران جو حل ڳولهي سگهندا ۽ نئين دنيا جي نئين تعمير ۽ اڏاوت کري سگهندا. جيڪا انهيءَ دور جي عالمگير ضرورت هوندي. پر اهو بہ امڪان آهي تہ جديد ٽيڪنالاجي ۽ خودڪاري پيداوار جي واڌ سان گڏ جديد دنيا ضرور انسانن جي قوت خريد تي بہ ڌيان ڏيندي. ڇاڪاڻ تہ ايندڙ دور جي سماجي نظام جو جياپو انهيءَ ۾ آهي. نہ تہ انهيءَ جي خودڪشيءَ جي بنياد تي ئي ايندڙ دور ۾ عالمگير ڪيمونسٽ نظام جي تعمير ممڪن آهي.

## ذاتي ملڪيت، ذاتي محنت جو تصور آهي

انساني سماج يا تهذيب ۾ ذاتي ملڪيت جو تصور، پهريون ذاتي محنت ۽ پوءِ جمهوريت جو مظهر آهي. اهو ايئن تہ ”منهنجيءَ ذاتي محنت سان پيداوار منهنجي ذاتي ملڪيت آهي.“ ۽ اهو منهنجو هڪ جمهوري حق آهي ۽ جيڪڏهن مون کان اهو حق کسيو وڃي ٿو تہ اهو صرف ڏاڍ ۽ جبر جي ذريعي منهنجي مرضيءَ کان سواءِ کسي سگهجي ٿو، جيڪو هڪ غير جمهوري عمل يا رويو آهي.

جمهوريت سرمائيداري سماج جي عڪاسيءَ جو اعليٰ مظهر آهي، انهيءَ تحت ذاتي ملڪيت کي قانوني طور تحفظ ڏنو ويو آهي. ٻئي طرف سوشلسٽ يا پورهيت راڄ واري آمريت هڪ غير جمهوري عمل آهي. جنهن کي جديد دور جي مهذب جمهوري دنيا هلڻ ئي ڏنو آهي. ڇاڪاڻ تہ اهو نظام انسان کان ان جي ذاتي محنت سان گڏ ذاتي ملڪيت جو حق، کسي وٺندو آهي ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ، ان جي سيني ذاتي صلاحيتن جو حق بہ کسي وٺندو آهي. جنهن کري سماجي ۽ تهذيبي ترقي بيهي ويندي آهي. جڏهن بہ انسان کان ان جي ترقي ڪرڻ واريءَ صلاحيت جو ذاتي حق کسي ورتو آهي، تہ لازمي طور سماجي ۽ تهذيبي ترقي بہ جامد ٿي ويندي آهي. يعني آئون جيڪڏهن پنهنجين صلاحيتن جي بنياد تي پنجاهہ هزار ماڻهن جي محنت جيتري پيداوار ڪريان



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تو ۽ مون کي ان جو معاوضو نٿو ڏنو وڃي، پوءِ اهو اجتماعي حق جي نالي ۾ چونه هُجي، ته اهو منهنجيءَ ذاتي صلاحيت جي ملڪيت تي هڪ قسم جو ڌاڙو آهي. جيڪو مشترڪا يا گڏيل سماج جي نالي تي جائز ٺهرائي هنيو وڃي ٿو. اُنهيءَ سان گڏ انهيءَ سماجي نظام جي به مذمت ڪري سگهجي ٿي، جيڪو سڀني انسانن کي پنهنجيءَ پنهنجيءَ ذاتي صلاحيت جي ترقيءَ جا برابري وارا موقعا نٿو ڏئي سگهي. ڇاڪاڻ ته سڀني انسانن کي پنهنجيءَ پنهنلجيءَ ذاتي صلاحيت جي ترقي جا هڪجهڙا موقعا ملڻ اولين شرط آهي. ان کان پوءِ ئي جيڪو ماڻهو وڌيڪ صلاحيت وارو آهي ۽ انهيءَ پنهنجيءَ ذاتي صلاحيت مان جيڪا پيداوار ڪئي آهي يا ڪري ٿو، اها ان جو ذاتي حق آهي ته انهيءَ ۾ ڪاٻ بي انصافي ڪانه ٿي ٿئي.

منهنجي خيال ۾ اهڙو انصاف صرف عالمگير تهذيب ۾ ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو ۽ جيڪو نه رڳو هرهڪ انسان کي ترقي ڪرڻ جا ۽ صلاحيتن جي اوسر جا هڪجهڙا برابريءَ وارا موقعا مهيا ڪري سگهي ٿو پر هرهڪ انسان کي ان جي ضرورت مطابق ڏئي به سگهي ٿو. ڇاڪاڻ ته جيڪو انسان معاشي پيداوار ۾ جيترو وڌيڪ حصيدار ٿئي ٿو، اهو گڏيل انساني تهذيب جي ترقيءَ ۾ ايتروئي وڌيڪ ۽ اهم حقدار ٿئي ٿو. انهيءَ لحاظ کان جيڪو انسان انساني تهذيب جي ترقيءَ ۾ جيترو وڌيڪ حصيدار ٿئي ٿو، اهو ايترو ئي ان مان معاوضي جو حقدار به ٿئي ٿو ۽ جيڪڏهن ڪهڙي به ڇڱي نالي ۾ ڪيس اهو حق نٿو ڏنو وڃي ته اهو نه صرف ان انسان جو شديد استحصال ٿئي ٿو پر انساني تهذيب جي ترقيءَ لاءِ به هاڃيڪار ثابت ٿئي ٿو، ان ڪري جديد انسان ذات ۽ ان جي تهذيبي نظام کي اهڙين مهذب ترين ڳالهين جو خيال رکڻو پوندو ته جيئن ڪنهن به انسان ۽ ان جي صلاحيتن سان ڪا به بي انصافي نه ٿي سگهي. ڇاڪاڻ ته هر قسم جي بي انصافي انساني تهذيب جي ترقيءَ لاءِ هاڃيڪار ٿيندي. ان جي ابتڙ سچو پچو انصاف اهو آهي ته جيڪو ماڻهو پنهنجيءَ صلاحيت جي بنياد تي جيترو انساني تهذيب جي ترقيءَ ۾ حصو وٺي ٿو، ان کي ايترو ئي ان جو معاوضو ملڻ گهرجي ۽ اهائي جديد انساني تهذيب جي تقاضا آهي، جيڪا انساني ترقي جي تاريخ سان هم آهنگي اختيار ڪري سگهي ٿي، ۽ اهائي جديد مارڪسزم به آهي، جيڪا جديد دور جي تقاضائن جي مطابقت واري سماجي سائنس ٿي سگهي ٿي. ڇاڪاڻ ته سماجي سائنس اهائي ٿي سگهي ٿي، جيڪا جديد انساني تهذيب جي واڌ ويجهه ۽ ترقي جو سبب ٿي سگهي ۽ جيڪا به فلاسافي يا خياليات انسان جي تهذيب جي ترقيءَ جي تاريخ جو رخ مروڙي يا مڏو ڪري ڇڏي ٿي، اها سماجي سائنس ٿي نٿي سگهي. ان ڪري اسان کي ڪلاسيڪي مارڪسزم کي ورائي پڙهڻ جي ضرورت آهي ۽ ان کي جديد حالتن جي تقاضائن مطابق لاڳو ڪرڻ جي ضرورت آهي، جيڪا جديد انساني تهذيب جِي ترقيءَ جي تاريخي ضرورت آهي.

سوشلزم جي پورهيت آمريت جو نظريو، جمهوري قدرن جي ئي خلاف آهي. جيڪو انسان کان ان جي وڌندڙ ترقي يافته صلاحيتن جو انفرادي حق ڪسي اجتماعي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سماجي نظام کي ڏٺي چڙي ٿو. ان ڪري ٿي سوشلسٽ سماج حقيقي ترقي ڪرڻ چڙي ڏيندو آهي ۽ جمود جو شڪار ٿي ويندو آهي ۽ جيئن ته انساني تهذيب جي واڌ ويجهه ۽ ترقيءَ لاءِ پيداواري قوتن جي ترقي ضروري هوندي آهي، ۽ سوشلسٽ سماج ۾ پيداواري قوتون، جديد سرمائيداري سماج جي پيداواري قوتن جي ڀيٽ ۾ ترقي ڪري نه سگهيون آهن، ان ڪري اهو (سوشلسٽ سماج) نه پنهنجو وجود قائم رکي سگهيو ۽ نه انساني تهذيب کي جديد تقاضائن مطابق ترقي ڏياري سگهيو. نتيجي ۾ ٽپڙ کڻي ميدان خالي ڪري ويو ۽ اهوئي ان جو تاريخي مقدر هو. ڇاڪاڻ ته تاريخي عمل جو وهڪرو پيداواري قوتن جي واڌويجهه ۽ ترقيءَ سان مشروط هوندو آهي. ان جي برعڪس جنهن به سماج ۽ تهذيب ۾ پيداواري قوتون جمود جو شڪار ٿي وڃن ٿيون، انهيءَ سماج ۽ تهذيب کي تاريخي عمل ترقي ڪرڻ نه ڏيندو آهي. ڇاڪاڻ ته انساني تاريخ جي ترقي، پيداواري قوتن جي ترقيءَ جي چوڌاري ڦرندي رهي آهي، جيئن جيئن پيداواري قوتون ترقي ڪنديون آهن، تيئن تيئن انساني تهذيب جي تاريخ به ترقي ڪندي آهي.

هن وقت يا موجوده دور ۾ انساني تهذيب جي تاريخ جي ترقيءَ جو ڦيٿو سرمائيداري معيشيت جي چرخي موجب ڦري رهيو آهي، ان ڪري ضروري آهي ته انساني تهذيب جي ترقيءَ جي تاريخي عمل جي سائنس جي نئين سر تشريح ڪئي وڃي. ڇاڪاڻ ته جديد ترقي يافته پيداواري قوتن جون حالتون ئي، انهيءَ تاريخي عمل جي راهه هموار ڪري رهيون آهن ۽ انسان پنهنجي جسماني طاقت کي پيداواري قوت مان آزادي ڏياري، ذهني ۽ روحاني طاقت کي پيداواري قوت جي شڪل ۽ صورت ڏياري رهيو آهي ۽ پيداواري قوتون، تهذيبي بنياد بدلائي ثقافتي بنيادن تي ترقي ڪري رهيون آهن يعني جديد تهذيب جي پيداوار، مادي بنيادن مان وڌي ۽ ترقي ڪري ثقافتي بنيادن تي ترقي ڪرڻ لڳي آهي. اهوئي سبب آهي جو انسان تهذيبي ترقيءَ جا تمام تڪڙا ڏاڪا لتاڙي رهيو آهي ۽ انهيءَ سان گڏ انسان پنهنجي صلاحيتن جي حقيقي مالڪي به حاصل ڪري رهيو آهي. انهيءَ لحاظ کان ڏٺو وڃي ته انسان جي ذاتي ملڪيت جو تصور ان جي ذاتي محنت جو مظهر آهي.

جڏهن کان انسان فطري معيشيت کان آزادي حاصل ڪري، پنهنجيءَ تهذيب جي ترقيءَ جي تاريخ جو بنياد پنهنجيءَ ذاتي محنت تي رکيو آهي، تڏهن کان انسان ۾ ذاتي ملڪيت جو تصور پيدا ٿيو آهي يعني انسان جو ذاتي ملڪيت جو تصور، طبقيوار سماجي نظام کان وڌيڪ انسان جي ذاتي محنت ۽ پورهيي جي تصور مان پيدا ٿيو آهي ۽ انسان، جيئن جيئن ذاتي محنت کي ترقي ڏياريندو رهيو آهي ۽ پنهنجيءَ صلاحيت کي ترقي ڏياريندو رهيو آهي. تيئن تيئن ان جي ذاتي ملڪيت جو تصور به وڌيڪ پڪي ۽ پختي شڪل اختيار ڪندو رهيو آهي ۽ انسان جي ذاتي محنت جي اعليٰ صلاحيت، جيئن جيئن سرمائيداري دور ۾ ئي وڌي ويجهي ۽ اعليٰ پئماني جي ترقيءَ جي منزل تي پهتي آهي، تيئن تيئن انسان جي ذاتي صلاحيت جي پيداوار، ذاتي ملڪيت به اعليٰ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پٺماندي جي ترقيءَ جي منزل تي رسي وئي آهي، ڇاڪاڻ تہ انسان جي ذاتي محنت جي ترقيءَ سان گڏ، جيئن جيئن ذاتي ملڪيت جو تصور پختو ٿيندو رهيو آهي، تيئن تيئن ان جو جمهوري شعور بہ پختگي اختيار ڪري رهيو آهي. سرمائيداري، جتي انسان جي ذاتي محنت کي ترقي ڏياري رهي آهي، اُتي ان جي ذاتي ملڪيت جيٰ تصور کي بہ ترقي ڏياري رهي آهي ۽ انهيءَ سان ئي گڏوگڏ ان جي جمهوري تصور کي بہ ترقي ڏياري اعلىٰ شڪل ۾ صورت واري ڪري رهي آهي.

اهڙيءَ طرح ڏسڻ ۾ ايندو تہ جيسين انسان جي ذاتي محنت غير ترقي يافتہ هئي، تيسين انسان ۾ نہ ذاتي ملڪيت جو حقيقي تصور پختگي اختيار ڪري سگهيو ۽ نہ ان لاءِ يا ان جي هم آهنگيءَ وارو ايترو سگهارو ۽ ترقي يافتہ جمهوري تصور پيدا ٿي سگهيو. اهوئي سبب آهي جو سوشلزم جو نظريو ترقي يافتہ تهذيبي ملڪن جي بدران، پوئتي پيل ۽ جاگيرداري سماجن ۾ وڌيڪ مقبوليت ماڻيندو رهيو آهي، ڇاڪاڻ تہ ترقي يافتہ ملڪن ۾ انسان جي محنت بہ ترقي يافتہ ٿي رهي آهي. ان ڪري انهن ملڪن ۾ ذاتي ملڪيت ۽ جمهوريت جو تصور بہ وڌيڪ پڪو ۽ پختو ٿي رهيو آهي ۽ سوشلزم جو نظريو هار کائي رهيو آهي ۽ ان جي ابتڙ اهو پوئتي پيل سماجن ۾ سوشلزم جي نظريي مان ڦري مذهبي بنيادپرستي اختيار ڪري رهيو آهي. ڇاڪاڻ تہ ترقي يافتہ سماجن يا ملڪن ۾ ڪنهن بہ قسم جي آپيشاهي، پوءِ اها شخصي هجي يا سماجي هجي، مقبوليت ماڻي نہ سگهي آهي. پر اها اتي ئي مقبوليت حاصل ڪري سگهي آهي، جتي يا تہ گهڻ قومي رياستون آهن يا جاگيرداري سماجي نظام اڃا موجود آهي. انهيءَ ڪري بلڪل اهو چئي سگهجي ٿو ۽ چوڻ بہ گهرجي تہ سوشلزم جو نظريو، دراصل جاگيرداري سماجي نظريي جو جديد سرمائيداريءَ جي خلاف رِدعمل آهي. اهوئي سبب آهي جو سوشلسٽ ملڪن ۾ سوشلزم جي نالي ۾ ”پارٽي شهنشاهيتون وجود ۾ آنديون ويون هيون ۽ آهن، پر جتي بہ سرمائيداري ترقي يافتہ رهي آهي ۽ جمهوري نظام پختگي اختيار ورتي آهي، اُتي سوشلزم قائم ٿي نہ سگهيو آهي ۽ نہ وڌي ويجهي ۽ ترقي ڪري سگهيو آهي، جيئن روس هُجي، اوڀر يورپ هجي. يا لاطيني امريڪا جا ملڪ آهن، جيڪي ملڪ جديد سرمائيداري نظام کان گهڻو پوئتي پيل هئا، ان ڪري سوشلزم اتي ئي پير کوڙيندو ويو، پر جڏهن بہ انهن سماجن يا ملڪن مان جن بہ ترقي ڪئي ۽ تهذيب جي مٿاهين ڏاڪي تي پهتا، تہ سوشلزم هار کائي پوئتي سرمائيداري نظام ڏي موٽي ويو آهي. سوويت يونين يا اوڀر يورپ جي سوشلسٽ سماجن يا ملڪن سان اهوئي حشر ٿيو آهي.

اهي ملڪ پنهنجين تاريخي قوتن يعنيٰ پيداواري قوتن کي ترقي ڏياري ڪونہ سگهيا. ڇاڪاڻ تہ پيداواري قوتن کي ترقي يافتہ تهذيب ئي ترقي ڏياري سگهندي آهي ۽ جديد سرمائيدار تهذيب، جيئن تہ سوشلسٽ ملڪن جي تهذيب کان گهڻو اڳتي ترقي ڪري نڪري وئي آهي. جنهنڪري مجبوراً سوشلسٽ ملڪن کي سرمائيدار



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تهذيب جي اڳيان پنهنجي سوشلسٽ نظام مان هٿ کڻڻا پيا. انهن وٽ ان کان سواءِ ٻيو ڪو چارڪار ڪونہ هو. ڪين يا تہ ترقي يافتہ تهذيب ۾ داخلا ٿيڻ ضروري هو يا جاگيرداري سماجي شهنشاهيت ۾ رهي پسماندگي اختيار ڪرڻي هئي. سوشلسٽ ملڪن ۾ جديد ترين تهذيب ترقي ڪرڻ ڇڏي ڏني هئي ۽ جمهوريت بہ زوال پذيريءَ جو شڪار ٿي وئي هئي ۽ جيئن تہ جمهوري نظام، سرمائيداري نظام جو اعليٰ سياسي مظهر آهي، ان ڪري اهو سوشلسٽ سماجن ۽ ملڪن ۾ وڌي ويجهي ۽ ترقي ڪري نہ سگهيو.

دراصل سوشلزم جي تباهيءَ جو سبب اهوئي آهي، ڇاڪاڻ تہ فطري معيشيت جي نظام يعني راڄوڻي سماجي نظام کان پوءِ غلامداري سماج ۾ ذاتي محنت کي ذاتي ملڪيت ۾ وٺي ۽ پوءِ ان جي خريد و فروخت ڪئي وئي ۽ محنت جي اها غلاميءَ واري شڪل جاگيرداري سماج کان پوءِ ان جو اعليٰ ترين مظهر سرمائيداري سماج ۾ مزدور طبقي جي استحصال جي شڪل ۾ سامهون آيو آهي. جيڪو جديد سرمائيداريءَ ۾ پنهنجي ڪيفيتي شڪل تبديل ڪري جسماني محنت جي بدران ذهني ۽ روحاني محنت جو مظهر اختيار ڪري رهيو آهي. جنهن ڪري اهو محنت جو هڪ جديد ترين مظهر ٿي سامهون آيو آهي. جنهن جا بنياد تهذيب جي بجاءِ ثقافت تعمير ڪري رهي آهي ۽ محنت جي اُنهيءَ مظهر ئي ڪلاسيڪي سوشلزم جي تڏاويڙهہ ڪرائي آهي. ڇاڪاڻ تہ سوشلسٽ نظام، هڪ خالص نظرياتي نظام هو. جيڪو جڻ تہ گهوڙي جي اڳيان گاڏي جوڙڻ جي برابر هو. جيڪو مارڪسي فلاسافيءَ جي بنيادي سوال جي ئي خلاف آهي. ڇاڪاڻ تہ شعوري نظام تي مادي نظام جا بنياد رکيا ويا هئا ۽ جيئن تہ مارڪسي فلاسافيءَ مطابق وجود پهرين آهي ۽ ان جو نظرياتي نظام ان جو بالائي ڍانچو هوندو آهي ۽ سوشلسٽ ملڪن جي ڪميونسٽن، جيئن تہ پنهنجي ئي نظرياتي نظام کي مادي نظام جي مٿان ٺاڦي ٻيهاريو هو، جيڪو ستر سالن جي عرصي دوران گهڻي ڳهي نيٺ دهي اچي پٽ پيو. جيئن خلفاءِ راشديءَ جو مذهبي اسلامي نظرياتي نظام پنهنجي وقت جي سگهاري مادي نظام يعني جاگيرداري ۽ بادشاهي نظام جي مٿان زوريءَ ٺاڦيو ويو تہ اهو وڌ ۾ وڌ ٽيهہ سال هلي سگهيو ۽ پوءِ آس پاس جو جاگيرداري نظام، ان کي زوريءَ ڳڙڪائي ويو. اهوئي حشر سوويت يونين ۽ اوڀر يورپ جي سوشلسٽ نظرياتي نظامن سان بہ ٿيو آهي. ڇاڪاڻ تہ معاشي نظام پنهنجي پنهنجي دور جا ٿيندا آهن ۽ ان ڪري مذهبي يا ڪوبہ نظرياتي نظام هلي ۽ قائم رهي نہ سگهندو آهي. اهو انساني تاريخي عمل جي خلاف آهي، ڇاڪاڻ تہ اهو شعور جو محتاج هوندو آهي، جڏهن تہ ڪوبہ مادي نظام پنهنجي عڪس يعني شعور جو محتاج نہ هوندو آهي. اهو غير بنيادي ۽ غير سائنسي آهي، جيڪا هڪ يوٽوپيا تہ ٿي سگهي ٿي پر حقيقت ٿي نٿي سگهي.

حقيقت صرف اها ٿيندي آهي، جنهن جا فطري سائنسي بنياد هوندا آهن ۽ جيئن



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تہ مذهبي توڙي نظرياتي نظام جا ڪي بہ معاشي ۽ سائنسي بنياد نہ هوندا آهن، ان ڪري اهو نہ وڏي ۽ ويجهي سگهندو آهي ۽ نہ قائم رهي سگهندو آهي، جيئن هيگل پنهنجي جدلياتي نظام ڪي منڊيءَ پر بيهاريو هو. تيئن سوشلسٽ ملڪن، سوشلزم جي نظام ڪي منڊي پر بيهاريو هو. جنهن آخرڪار ڳاٽي پر اچي ڦهڪو ڪيو. باقي جيتري قدر عالمگير ڪميونسٽ نظام جو تعلق آهي، تہ اهو تڏهن ممڪن ٿي سگهي ٿو، جڏهن انساني تهذيب ۽ پيداواري قوتون، ترقي ڪري ذاتي محنت مان آزاد ٿي وينديون، ذاتي محنت جي آزادي ئي ذاتي ملڪيت جي تصور جو خاتمو ڪري سگهي ٿي. جيسين انسان ذاتي محنت جو مالڪ آهي، تيسين اهو ذاتي ملڪيت جو بہ مالڪ رهڻو آهي. انهيءَ ڪي ختم ڪرڻ انسان جي بنيادي جمهوري ۽ انساني حق جي خلاف ورزي آهي. اهو زور زبردستيءَ ڪان سواءِ ممڪن ڪونہ آهي ۽ زور زبردستي صرف آمراني نظام ۾ ئي ممڪن آهي. جيئن سوشلسٽ نظام ۾ ”پورهيت آمريت“ هوندي هئي. جتي ماڻهوءَ ڪان زوريءَ ذاتي محنت جو حق ڪسيو ويندو هو تہ ذاتي ملڪيت جو حق بہ ڪسجي ويندو هو. جنهن ڪري ماڻهن پنهنجيءَ ذاتي محنت ڪي ترقي ڏيارڻ ڇڏي ڏني. تہ سماجي معيشيت ۽ انساني تهذيب بہ ترقي ڪرڻ ڇڏي ڏني. جيڪا انسان ذات جي ترقيءَ لاءِ مذهب وانگر رجعت پرستي ۽ بنيادپرستي ثابت ٿي آهي. جنهن ڪري ئي ڪميونسٽن ڪي قدامت پرستيءَ جو ٺپو هنيو ويو ۽ قدامت پرستي ڪڏهن بہ ترقيءَ پسنديءَ جو ويس پائي پاڻ ڪي ڍڪي نٿي سگهي. اهو تاريخي عمل جي خلاف آهي ۽ انساني تاريخ، نہ انسان جي خواهشن جي تابع هوندي آهي ۽ نہ انساني عقل ۽ شعور جي محتاج هوندي آهي. تاريخ جا قانون پيداواري قوتن جي ترقي ۽ معاشي اوسر جي زير اثر ترقي ڪندا آهن ۽ جڏهن بہ انهن جي پيرن ۾ نظرياتي زنجيرون وڌيون وينديون آهن تہ اهي (پيداواري قوتون) تڙي ٿاڙي ۽ ڦٽڙي آزادي حاصل ڪنديون آهن. اهو تاريخي عمل جو پنهنجو منطق آهي. جيڪا ئي جدلياتي سائنس آهي، جيڪا انساني سماج ۾ تاريخي ماديت جي قانونن ۾ ظاهر ٿيندي آهي ۽ موجود سرمائيداريءَ جي دور ۾ تاريخي ماديت جا قانون في الحال عالمگير ڪميونزم جي بجاءِ آزاد ۽ خودمختيار قومن جي بين الاقواميت جي مظهر ۾ ظاهر ٿي رهيا آهن، جنهن ڪري ننڍيون وڏيون قومون ڏينهون ڏينهن ۽ جيئن پوءِ تيئن آزاديون حاصل ڪري رهيون آهن ۽ جيستائين اها آزاد ۽ خودمختيار قومن جي بين الاقواميت پنهنجي عالمي مظهر ۾ دنيا جي تختتي تي پڪي ۽ پختي نٿي ٿئي، تيستائين عالمگيريت جو خواب يوٽوپيا ۽ خيال پرستي آهي. جيڪا وقت ۽ تاريخي تقاضائن جي پورائيءَ ڪان اڳ حقيقت جو روپ ڌاري نٿي سگهي ۽ في الحال هن وقت موجوده دور جون تاريخي تقاضائون محڪوم ۽ پوئتي پيل قومن جي قومي تڪميل جي تعين ڪرڻ واريءَ راهہ جي حق ۾ آهن ۽ جڏهن بہ محڪوم قومن جي اها قومي تڪميل بين الاقوامي طور تڪميل ماڻيندي، ان ڪان پوءِ دنيا ۾ حقيقي عالمگيريت جي راهہ جو تعين ٿي سگهي ٿو ۽ قومن جي قومي سرحدن جي ڀڃ ڊاهہ جو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

باب انون

The New Progressive Interpratation of Historical Process

# تاريخي عمل (عالمي نظام)
# جي نئين ترقي پسند تشريح

## 1. تاريخ جو مزدور طبقي کان بحيثيت طبقي جي انتقام

موجوده دور جي ترقي يافته تهذيب ۾ جسماني قوت محنت (Physical Labour Power) حاوي پيداواري قوت جي حيثيت ۾ نه رهي آهي؛ ان جي جاءِ تي ذهني قوت محنت (Mental Labour Power) پيداواري قوت جي حاوي شڪل اختيار ڪري رهي آهي. ان ڪري، ترقي يافته سماجي تهذيب ۾ جسماني قوت محنت، ذهني قوت محنت جي پيداواري قوت ڪان مار ڪائي فرسوده ۽ رجعت پرستي اختيار ڪري رهي آهي ۽ انهيءَ سان گڏ جسماني قوت محنت جو مالڪ مزدور طبقو به فرسوده ۽ رجعت پرست سماجي قوت ۾ تبديل ٿي رهيو آهي. ان جي جاءِ تي ذهني قوت محنت، پيداواري قوت جي حيثيت ۾ ترقي پسند سماجي قوت جي شڪل اختيار ڪري رهي آهي. جيئن سرمائيداري سماجي نظام ۾ هاري طبقو، پنهنجن پراڻن اوزارن سميت غير هنرمند پيداواري قوت جي حيثيت ۾ هڪ فرسوده ۽ رجعت پرست سماجي قوت ٿي ويندو آهي، تيئن جديد خودڪار ٽيڪنالاجيءَ ۾ ڪلاسيڪل مزدور طبقي جي جسماني قوت محنت يا ليبر پاور فرسوده پيداواري قوت جي حيثيت ۾ رجعت پرست سماجي قوت ۾ بدلجي رهيو آهي. يعني جيئن جيئن سماجي پيداوار ۾ جديد خودڪار ٽيڪنالاجي داخل ٿي رهي آهي، تيئن تيئن مزدور، بحيثيت مزدور طبقي جي جديد خودڪار ٽيڪنالاجيءَ ۽ ان جي پيداوار مان بيدخل ٿيندو ۽ ٽڙجندو پيو وڃي. ٻين لفظن ۾ ته جديد سماجي پيداوار ۾ ان جي ضرورت نه صرف گهٽجندي ۽ ختم ٿيندي پئي وڃي، پر هڪ فرسوده ۽ بيڪار افرادي قوت به ٿيندي پئي وڃي؛ جيڪو اڳي پوءِ جديد سماجي پيداوار جي نه ڪم جو رهندو ۽ نه ان جي لائق رهندو. اهو هڪ انسان جي حيثيت ۾ انسان ته رهندو يا بحيثيت افرادي قوت ته رهندو، پر پيداواري قوت جي حيثيت ۾ پنهنجو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ترقي پسند ڪارج ۽ ڪردار وڃائي ويهندو. يعني جديد ترقي يافته تهذيب ۾ مزدور طبقو هڪ طبقي جي حيثيت ۾ ترقي پسند سماجي قوت جي بدران هڪ رجعت پرست سماجي قوت ٿي ويندو. جيئن ته هڪ رجعت پرست سماجي قوت جو نه ترقي پسند ۽ نه انقلابي ڪردار رهندو آهي، ان ڪري مزدور طبقو، جيسين پنهنجي پراڻي ڪلاسيڪي مزدور طبقاتي حيثيت نه بدلائيندو، تيسين هو نه صرف جديد سماجي پيداواري قوت ٿي نه سگهندو، پر جديد ترقي يافته تهذيب جي تخليق ۾ ڪو ڪردار به ادا ڪري نه سگهندو. اهائي ڳالهه آهي، جيڪا اينڊز جديد ترقي يافته سماج ۾ مزدور طبقي جي بحيثيت طبقي جي موت آڻي رهي آهي. اهو پراڻن دورن جي غلامن ۽ هارين جي قوت محنت جي پيداواري قوت جيان بحيثيت مزدور طبقي جي تاريخ جي قبرستان ۾ دفن ٿي ويندو، ڇاڪاڻ ته ان جي قبر کوٽيندڙ جديد ٽيڪنوڪريٽ ۽ دانشور طبقو پيدا ٿي چڪو آهي، جنهن کي تاريخ پنهنجي پيٽ مان پيدا ڪري ۽ پنهنجيءَ گود ۾ پالي تاتي، ۽ وڏو ڪري رهي آهي.

انهيءَ لحاظ کان تاريخ جي اينڊز جديد ترقي يافته سماجي تهذيب جي تخليق ۾ مزدور طبقي جو بحيثيت طبقي جي آخرڪار ڪهڙو ڪارج رهي ٿو؟ جڏهن هڪ ٽيڪنوڪريٽ يا دانشور پنجاهه هزار کان لک تائين يا اڃا مٿي مزدورن جي افرادي قوت جي عيوض پيداوار ڪري سگهندو ۽ انهن کان وڌيڪ سٺي، سستي ۽ معياري ۽ جلدي پيداوار ڪري سگهندو؟ ان صورت ۾ مزدور طبقي جي اهائي حيثيت وڃي رهندي، جيڪا غلامداري سماجي نظام جي خاتمي کان پوءِ غلامن جي وڃي رهي هئي يا جاگيرداري سماجي نظام جي خاتمي کان پوءِ هاري طبقي جي وڃي رهي ٿي. ٻين لفظن ۾ ايئن چئجي ته اينڊز جديد ترقي يافته سماج ۾ مزدور طبقي جي حيثيت بحيثيت طبقي جي هڪ فرسوده ۽ بيڪار افرادي قوت طور وڃي رهندي. جيئن پيداوار جي اوزارن جي وڌندڙ ترقيءَ غلامن جي پيداواري ڪارج کي ختم ڪري ڇڏيو هو يا جيئن پيداوار ۽ پيداوار جي اوزارن جي ترقيءَ جاگيرداري دور جي هاري طبقي ۽ ان جي اوزارن جي پيداواري ڪارج کي ختم ڪري ڇڏيو آهي، تيئن جديد دور جي ٽيڪنالاجيءَ ۽ روبوٽائيزيشن جي ترقي، ترقي يافته تهذيب ۾ صنعتي سرمائيداري دور جي پيداواري اوزارن ۽ ڪلاسيڪي مزدور طبقي جي پيداواري ڪارج کي ختم ڪري رهي آهي.

اهو برابر آهي ته جتي يا جن ملڪن ۾ اڃا جديد ٽيڪنالاجي يا خودڪار روبوٽائيزيشن وڏي پئماني تي نه پهتي آهي، اتي اڃا پيداوار ۾ جسماني قوت محنت جي اهميت حاوي ضرور آهي پر ترقي يافته سرمائيدار ملڪن ۾ جتي جديد ٽيڪنالاجيءَ ۽ ڪمپيوٽرائيزيشن باءِ روبوٽائيزيشن جي خودڪاريت (Computerisation by Robotisation of Automation) پيداوار ۾ حاوي حيثيت اختيار ڪندي پئي وڃي، اتي مزدور طبقي جي پيداواري قوت جي حاوي حيثيت ۽ پيداوار ۾



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وقت موجوده دنيا ۾ مارڪس جو اهو مقولو ٻيو روپ وٺي رهيو آهي ۽ اها اڄوڪي دور جي سچائي آهي؛ جيڪا اڄوڪي دور جي سياسي ۽ سماجي صورتحال جي حقيقت جي صحيح ۽ سالم سچائي آهي. اها هيءَ ته سرمائيدار طبقي جي نفي مزدور طبقو نه پر مزدور طبقي جي نفي جديد ٽيڪنوڪريٽ ۽ دانشور طبقو ڪري رهيو آهي؛ جيڪو سماجي پيداوار کي ايتريقدر اڳتي وڌائي رهيو آهي، جو مارڪيٽ ۽ ملڪيت پنهي جو موت سامهون نظر اچي رهيو آهي؛ ڇاڪاڻ ته جديد ترقي يافته سماج، جيئن جيئن اڳوڻي صنعتي معاشري مان جديد ٽيڪنالاجيءَ ۽ ڪمپيوٽرائيزيشن باءِ روبوٽائيزيشن جي خودڪار (Computerisation by Robotisation of Automation) معاشري ۾ تبديل ٿي رهيو آهي، تيئن تيئن پيداوار ۽ قوت محنت جي بدران پيداوار ۽ قوت خريد جي وچ ۾ بنيادي تضاد وڌي ويجهي ۽ ترقي ڪري رهيو آهي. ٻين لفظن ۾ عالمگير بنيادي تضاد سرمائيدار طبقي ۽ مزدور طبقي جي وچ ۾ نه، پر پيداوار ۽ قوت خريد جي وچ ۾ بنيادي تضاد جي شڪل اختيار ڪري رهيو آهي ۽ جيئن جيئن جديد ترقي يافته تهذيب ۾ انسانن جون ضرورتون وڌي رهيون آهن، پيداوار جي وڌنڙ واڌ ۽ قوت خريد جي گهٽجندڙ ڪميءَ جي وٿي، انهيءَ تضاد کي اڃا وڌائي ۽ ويڪري ڪري رهي آهي.

اهڙيءَ طرح ايندڙ جديد دنيا ۾ معاشي بحران جو بنيادي تضاد به پيداوار جي واڌ ۽ قوت خريد جي ڪميءَ ۾ نظر اچي رهيو آهي؛ ڇاڪاڻ ته پيداواري قوتون، پيداواري طريقي جو مواد هونديون آهن ۽ پيداواري تعلقات پيداواري طريقي جي شڪل جوڙيندا آهن. غلامداري پيداواري تعلقات، غلامداري پيداواري طريقي، جاگيرداري پيداواري تعلقات، جاگيرداري پيداواري طريقي ۽ سرمائيدار پيداواري تعلقات، سرمائيدار پيداواري طريقي جي شڪل جو تعين ڪندا آهن. هن وقت جيئن جيئن جديد پيداواري قوتون، يعني انسان جي جسماني قوت محنت نه، پر ذهني قوت محنت جديد پيداواري طريقي جي مواد ۾ تبديل ٿي رهي آهي، تيئن تيئن جديد پيداواري طريقي جي مطابقت وارا نوان پيداواري تعلقات به جڙڻ ڏانهن اڳتي وڌي رهيا آهن؛ جيڪي جديد پيداواري طريقي جو تعين ڪندا ۽ جيڪو ٺهي پيداواري طريقو، جديد پيداواري قوتن ۽ پيداواري تعلقاتن سان مطابقت رکندو، اهوئي پيداوار جو طريقو آخرڪار پيداوار جي عالمگير واڌ ۽ قوت خريد جي وچ واري عالمگير بنيادي تضاد جو تعين به ڪندو ته نبيرو به ڪري سگهندو. يعني اهو پيداوار جو طريقو ئي پيداوار جي سماجي نوعيت جو تعين به ڪندو. ٻين لفظن ۾ ته اهو پيداوار جي ورهاست جي ميدان مان سرمائي ۽ ان جي مالڪ سرمائيدار کي هٽائي ڇڏيندو، جيڪو صرف هڪ عالمگير سماجي نظام جي حيثيت ۾ ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو. جڏهن سڄي عالمي مارڪيٽ ويهي رهندي ۽ رسد ۽ طلب جو قانون فنا ٿي ويندو ۽ پيداوار وڌي ويندي، پر قوت خريد ختم ٿي ويندي ۽ دنيا ۾ بيروزگاريءَ جو عالمگير طوفان اٿي ڪڙو ٿيندو ۽ انهيءَ عالمگير



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ادا ڪندي، نہ صرف ٽراٽسڪيءَ جي "مسلسل عالمگير انقلاب" جي پيغام تي عمل نہ ڪيو، پر لينن جي "آزاد ۽ خودمختيار قومن جي بين الاقواميت" جي نظريي کي بہ نظرانداز ڪري ڇڏيو، جيڪو ٿي ان جي عالمي مزدور انقلاب جو اولين ۽ آخرين فرض هو. جنهن ڪان انهيءَ نہ صرف موقعي پرستي اختيار ڪئي، پر هڪ وڏي غداري بہ ڪئي، ڇاڪاڻ تہ مارڪس جو چوڻ هو تہ "ترقي يافتہ مزدور طبقي کي عالمي مزدور انقلاب جي ذريعي نہ صرف مزدور طبقي جي حيثيت ۾ پاڻ کي آزاد ڪرائڻو آهي، پر سموريءَ محڪوم ۽ غلام دنيا کي بہ آزاد ڪرائڻو آهي."- ۽ لينن جو واضح لفظن ۾ چوڻ هو تہ "ٺيڪ جهڙي نموني انسان ذات مظلوم ۽ محڪوم طبقي جي پورهيت راڄ جي عبوري دور مان گذرڻ کان پوءِ طبقن جو خاتمو ڪري سگهندي، بلڪل ٺيڪ اهڙيءَ طرح انسان ذات سمورين مظلوم ۽ محڪوم قومن جي مڪمل آزاديءَ يعني انهن جي آزاد علحدگيءَ جي عبوري دور مان گذرڻ کان پوءِ قومن جي ڪير ڪنڊ ٿيڻ واريءَ (آزاد ۽ خودمختيار قومن جي بين الاقواميت جي) ناگزير منزل کي پهچي سگهندي."(82)

تاريخ ثابت ڪيو آهي تہ سٽالن سرمائيدار ملڪن جي مزدور طبقي ۽ ان جي عالمي پورهيت تحريڪ مظلوم ۽ محڪوم قومن جي قومي غلاميءَ ۽ قومي ڦرمار ۽ سامراجي استحصال تي نہ صرف خاموشيءَ وارو ڪردار ادا ڪيو آهي، پر انهيءَ سامراجي استحصال ۾ وڏي چڙهي پاڳي پاڻيواري بہ ڪئي آهي. جڏهن تہ مزدور طبقي ۽ ان جي انقلابي تحريڪ جو سڀ کان اولين فرض هو تہ انهيءَ کي ڪنهن بہ قسم جي موقعي پرستي ۽ توسيع پسندي اختيار ڪرڻ بجاءِ تاريخي عمل جو ترقي پسند ڪردار ادا ڪرڻ کپندو هو. يعني ظالم جابر ۽ سامراجي قومن جي هر قسم جي توسيع پسنديءَ ۽ سامراجيت جي خلاف نہ صرف عالمگير پورهيت انقلاب جي قيادت ڪرڻ کپندي هئي، پر سمورين مظلوم ۽ محڪوم قومن جي قومي غلاميءَ جي خلاف قومي آزادين جي جنگ جوٽي پهرين آزاد ۽ خودمختيار قومن جي بين الاقواميت جي تڪميل ڪرڻ کپندي هئي ۽ پوءِ عالمگير انساني معاشري جي تعمير ڏانهن وک وڌائڻ کپندي هئي. پر جيئن تہ عالمي مزدور طبقو انهيءَ تاريخ ساز فرض سرانجام ڏيڻ ۾ نااهل ثابت ٿيو آهي، ان ڪري عالمگير تاريخي عمل مزدور طبقي کان اهو حق کسي، عالمگيريت جو متبادل رستو اختيار ڪري رهيو آهي ۽ هاڻ اهو سمورين مظلوم ۽ محڪوم قومن جي قومي آزادين جي تڪميل کي لازمي ۽ ضروري بنائي رهيو آهي تہ جيئن پهرين آزاد ۽ خودمختيار قومن جي بين الاقواميت جي راهہ هموار ٿي سگهي ۽ ان کان پوءِ رضاڪارانہ طور عالمگير انساني تهذيب جي حقيقي تعمير ممڪن ٿي سگهي. اهوئي سبب آهي جو هاڻي انسان ذات جي جديد عالمگير انساني تهذيب ۾ داخلا "مزدور انقلابن جي ذريعي نہ، پر مظلوم ۽ محڪوم قومن جي مڪمل قومي آزادين جي تڪميل کان پوءِ آزاد ۽ خودمختيار قومن جي بين الاقواميت جي ذريعي ممڪن آهي؛ ڇاڪاڻ تہ "اڄ ڪيترين ننڍين وڏين قومن جي قومپرستيءَ، خودمختياريءَ ۽ آزاديءَ جي خواهش،



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

دراصل وطني معيشيت جي تقاضائن جو منطقي اظهار آهي. پوئتي پيل ملڪن جي غريب عوام جون حالتون وطني معيشيت جي ترقيءَ ۽ استحڪام کان سواءِ سڌري نٿيون سگهن. اها ترقي وڏن شهرن کان پري مڙني ڀهراڙين تي مشتمل انهن علائقن ۽ خطن ۾ ٿيڻ گهرجي، جتي وڏي تعداد ۾ ماڻهو آباد آهن." (83)

## 2. جديد ٽيڪنالاجي سوويت سماج جي زوال جو سبب

مارڪسزم ترقي پسند تاريخي عمل جي سائنس ۽ سچائي آهي، جيڪا ڪنهن به خاص طبقي يا سماجي نظام جي دائميت يا لازواليت سان مشروط ٿي نٿي سگهي ۽ نه ئي ان جي اهڙي مشروطيت کي سائنسي نقطه نظر ٿي سگهي ٿو. ترقي پسند تاريخي عمل جي سائنس هجڻ جي حيثيت ۾ اها هر ان ترقي پسند عمل جي لازمي حمايت ڪري ٿي، جيڪو جمود پرستيءَ جي خلاف جنگ جوٽي ٿو، پوءِ اهو چاهي طبقو هجي، پيداواري قوتون هجن يا معاشرتي تعلقات ۽ پيداوار جو طريقو هجي. جيئن پراڻي راڄوڻي نظام جي جاءِ تي غلامداري نظام، غلامداري نظام جي جاءِ تي جاگيرداري نظام ۽ جاگيرداري نظام جي جاءِ تي سرمائيداري نظام کي مارڪسزم تاريخ جو ترقي پسند عمل سڏيو آهي ۽ جيئن ته تاريخ جي ترقي پسند عمل جو تسلسل ايئن رهيو آهي ۽ هن کان پوءِ جيڪو به تاريخي عمل جو تسلسل پيداواري قوتن کي ترقي ڏياريندو، مارڪسزم ان کي نه صرف ترقي پسند عمل ۾ شمار ڪندي، پر ان جي حامي ۽ همراه به رهندي ۽ اهو ئي تاريخي ماديت جو ترقي پسند ۽ جدلياتي قانون آهي. بقول مارڪس ۽ اينگلس جي ته "بورزواريءَ جتي جتي به برتري حاصل ڪئي، اتي ان سموري جاگيرداري، سرداري ۽ قبائلي تعلقاتن کي تباهه ڪري ڇڏيو ۽ انسانن جي وچ ۾ واضح ذاتي ۽ انفرادي غرض کان سواءِ ڪو به بنڌڻ باقي رهڻ نه ڏنو..." بورزوازي طبقو سمورن پيداواري اوزارن کي تيزيءَ سان ترقي ڏياري ۽ آمدرفت ۽ نقل و حمل جي نظام جي سهوليتن کي اعليٰ پيماني تي فروغ ڏياري، وحشي ۽ جهنگلي قومن کي به تمدن ۽ تهذيب جي دنيا ۾ گهلي ڪٺي آيو آهي."(84)

ترقي پسند تاريخي عمل جي پس منظر جي لحاظ کان سوويت سوشلسٽ نظام جي انهدام جا اسان جي نقطه نظر موجب، ٻه بنيادي سبب ٿي سگهن ٿا، جيڪي سوويت سماجي نظام جي موضوعي تضادن جي نشاندهي ڪن ٿا: هڪ اهو ته سوويت سماجي نظام، گهربل انداز ۾ پنهنجي پيداواري قوتن کي ترقي ڏياري نه سگهيو، جنهن ڪري اهو وڌيڪ ترقي ڪري نه سگهيو ۽ بقول خود مارڪس جي ته "جيڪو سماجي نظام، پنهنجي پيداواري قوتن کي ترقي ڏياري نه سگهندو آهي، اهو گهڻو وقت زنده رهي نه سگهندو آهي." ٻيو سبب اهو ٿي سگهي ٿو ته: سوويت سماجي نظام، بين ترقي يافته ۽



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سنٽريل سرمائيدار ملڪن وانگر جيئن جيئن جديد ٽيڪنالاجيءَ ۾ داخل ٿيڻ لڳو، تيئن تيئن انهيءَ نظام جي پنهنجي به انساني جسماني قوت محنت جي پيداواري قوت يعني بحيثيت پيداواري قوت جي مزدور طبقي مان دلچسپي ختم ٿي وئي.

اسان انهيءَ سلسلي ۾ اول هتي پهرئين موقف تي بحث ڪنداسين ۽ پوءِ پوئين نقطه نظر جي تجزياتي چنڊڇاڻ ڪنداسين: انهيءَ مطابق سوويت سماجي نظام جي انهدام جو سبب اهو ٿي سگهي ٿو ته اهي موجوده جديد سماجي ۽ تهذيبي ترقيءَ جي مطابقت ۾ جديد پيداواري قوتن کي ترقي ڏيارڻ جي بجاءِ پيداوار جي واڌاري لاءِ قوت محنت يعني انساني جسماني پيداواري قوتن تي وڌيڪ ڀاڙيندا ۽ زور ڏيندا رهيا، جيڪا انهن جي پنهنجي عوام سان همدردي ۽ انسان دوستي ته ٿي سگهي ٿي ته انسانن کي وڌ ۾ وڌ بيروزگاريءَ کان بچايو وڃي، پر سندن انهيءَ عمل جي ڪري جديد پيداواري قوتن جي ترقي بيهي وئي. جنهن ڪري نه صرف جديد تهذيب جي ترقي رڪجي وئي، پر جديد ٽيڪنالاجي ۽ خودڪاريت (Automation) به وڌي ويجهي ۽ ترقي ڪري نه سگهي. انهيءَ بابت پروستريڪا ۾ گورباچوف جو اعتراف هيٺين لفظن ۾ پڙهي سگهجي ٿو: "گذريل پندرهن سالن ۾، آمدنيءَ ۾ واڌاري جو انگ اڌ کان به گهٽجي ويو آهي ۽ 1980ع جي ڏهاڪي جي شروعات ۾، اهو اَيتريقدر هيٺ ڪري چڪو هو، جو ڳالهه اقتصادي نااهليءَ جي ڪنڌيءَ تي اچي پهتي هئي. جيڪو ملڪ دنيا جي سنٽريل ملڪن کي ويجهو پهچي ويو هو، سو هاڻ ڪيترن شعبن ۾، انهن ملڪن کان پوئتي رهجي ويو هو. صنعت جي پيداواري صلاحيت ۽ صنعت جي پيداواري معيار ۾، توڙي سائنسي ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ترقيءَ ۾ ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ جي پيداوار توڙي بين ترقي يافته طريقن جي استعمال ۾، اسان جي ڪارڪردگي تمام گهٽجي هيٺ ڪري چڪي هئي ۽ جديد پيداوار ۾ گهربل حدن کان به هيٺ مقدار ۽ معيار ۾ ڏينهون ڏينهن فرق وڌي رهيو هو، جيڪو تنزل ۽ تباهيءَ جو اشارو ڪري رهيو هو."(85)

سوويت سماجي نظام جي زوال پذيري جديد ٽيڪنالاجيءَ جي جاءِ تي انساني جسماني قوت محنت تي وڌيڪ ڀاڙڻ جو نتيجو به ٿي سگهي ٿي، جيڪا ڳالهه ترقيءَ جي رفتار کي نظرياتي زنجيرن ۾ جڪڙي رهي هئي. جڏهن ته تاريخي عمل جي ترقي انساني ذهن ۽ شعور کان آزاد ٿيندي آهي ۽ اهوئي تاريخي عمل جي ترقيءَ جو عالمگير معروضي منطق آهي. اهڙيءَ طرح خود سوويت قيادت پنهنجي نظرياتي نقطه نظر ۽ فلسفي جي بنيادي سوال کان انحراف ڪري، انساني تاريخي عمل کي انساني شعور کان آزاد ترقيءَ جي حق کان محروم ڪري ڇڏيو ۽ ڪليسائيت ۽ مذهب جيان نظرياتي سنگهرن ۾ سلهاڙي، ان جي وڌڻ ويجهڻ ۽ ترقي ڪرڻ جون راهون روڪي ڇڏيون، جنهن ڪري نه صرف سوويت معاشري ترقي ڪرڻ ڇڏي ڏني، پر اهي سرمائيداري تهذيب جي وڌندڙ ترقيءَ جي تاريخي وهڪري اڳيان هٿيار ڦٽا ڪري پڇي ويا. ٻين لفظن ۾ ايئن چئجي ته انهن جي نظرياتي فلاسافي، انساني تهذيب جي ترقي يافته دنيا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي اڳيان نئين دور جو ڪليسائي مذهبي ڪردار ادا ڪري رهي هئي، ڇاڪاڻ ته خود مارڪسي نقطه نظر مطابق ته انساني تاريخ ۽ ان جي تهذيب جي ارتقا انساني سوچڻ ۽ خيالن کان آزاد ٿيندي آهي ۽ آزاد رهندي آهي. جڏهن ته تاريخي عمل جي ترقيءَ جي پيرن ۾ نظرياتي هٺ ڪڙيون وڌيون ويون آهن ته يا تاريخ ۽ ان جي تهذيب ترقي ڪرڻ ڇڏي ڏيندي آهي، يا تاريخي عمل جي ترقي نظرياتي نيٽرن کي ٽوڙي آزاد ٿي ويندي آهي. شاهه صاحب جو هيٺيون شعر ان جي صحيح ترجماني ڪري ٿو ته:

نَوَ نيٽَرَ ڏهہَ ڏاوڻيون، پندرهن پٽڻ پياس،
جڏهن سڄڻَ ياد پياس، ته چرڪَ ڇنائين هڪڙي.

پيداواري قوتن جي ترقيءَ جي آزادي، انساني تهذيب جي ترقيءَ جي آزادي آهي ۽ انساني تهذيب جي ترقيءَ جي آزادي، انساني شعور ۽ ساڃاهه جي ترقيءَ جي آزادي آهي.

سوويت سوشلسٽ نظام جي انهدام جو ٻيو اهم سبب اهو ٿي سگهي ٿو ته سوويت سماجي نظام ۾ جيستائين مزدور طبقي جي جسماني قوت محنت جي پيداواري قوت جي حيثيت ۾ پيداوار لاءِ ضرورت هئي، تيستائين رياست ۽ ان جي نظام جي مزدور طبقي ۽ ان جي جسماني قوت محنت ۾ دلچسپي موجود هئي، پر جڏهن سماجي پيداوار لاءِ پيداواري قوت طور ٽيڪنالاجي ۽ ان جي خودڪاريت يا روبوٽائيزيشن اهم ضرورت ٿي پئي ۽ مزدور طبقي جي اڪثريتي قوت محنت جي پيداواري قوت جي جاءِ تي مخصوص ماڻهو، ٽيڪنوڪريٽ ۽ دانشور جديد پيداواري قوت ثابت ٿي رهيا هئا ته رياست ۽ ان جي نظام لاءِ مزدور طبقي جي اڪثريت جي بدران چند ٽيڪنوڪريٽن جي اهميت وڌي وئي، ڇاڪاڻ ته اهي ماڻهو ئي سڄي سماجي پيداوار جي پيداواري قوت ثابت ٿي رهيا هئا. اهوئي سبب آهي جو رياست ۽ ان جو انتظام هلائيندڙ انتظاميا جي مزدور طبقي جي اڪثريت جي جسماني قوت محنت مان دل کڄي وئي، جيئن چوندا آهن ته: ”ڪم پرين آهي، پر ڇَم پُرين ڪونه آهي.“

جيڪڏهن سوويت سماجي نظام، جديد ذهني قوت محنت (جديد ٽيڪنالاجي) جي پيداواري قوت جي اهميت کان اکيون پوري پراڻي ڪلاسيڪي مزدور طبقي جي قوت محنت جي پيداواري قوت تي ئي ڀاڙيندو رهي ها ته سوويت پيداوار جو ترقي يافته ملڪن جي ترقي يافته پيداوار سان نه مقابلو ممڪن هو ۽ نه ان جو تحفظ ئي ممڪن هو. نتيجي ۾ سوويت پيداواري قوتون پنهنجي اندروني پيداوار سميت سوويت سرحدن اندر ئي سڪي، سڙي، مري، کپي وڃن ها. انهيءَ ڪري انهن لاءِ پنهنجي پيداوار ۾ جديد ٽيڪنالاجيءَ ۽ ان جي خودڪاريت کي داخل ڪرڻ ۽ طبقيوار مفادن تان لادعويٰ ٿيڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ئي ڪونه هو. انهيءَ باري ۾ گورباچوف جي پروسترائيڪا جا هيٺيان ٽڪرا ڏيان ڇڪائيندڙ آهن:

”لينن طبقاتي مجبورين کان مٿيرو ٿي، عام انساني قدرن ۽ انهن جي مستقبل



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آقائن ۽ انهن جي نظام کي وڏيک پيداوار ڪري ڏيندا هئا، تيستائين اهي پنهنجن آقائن ۽ انهن جي نظام جي بہ ضرورت هئا تہ انهن ۾ انهن جي دلچسپي بہ هئي، پر جڏهن انهن غلامن جي اڳوڻي پيداوار گهٽجي وئي ۽ غلام ڪمائيندا گهٽ هئا ۽ کائيندا وڌيک هئا، تہ آقائن سان گڏ، انهن جي رياست توڙي نظام، غلاميءَ جي نظام مان ئي هٿ ڪيدي ڇڏيا. ساڳيءَ طرح سوويت رياست ۾ ان جي سوشلسٽ نظام لاءِ جيستائين مزدور طبقو، بحيثيت طبقي جي قوت محنت جي حيثيت ۾، پيداواري قوت جو واحد ۽ حاوي ذريعو هو، تيستائين سوويت رياست ۾ ان جو سماجي نظام، نہ صرف پورهيت راڄ جا وڏا محافظ هئا ۽ پورهيت فلاسافيءَ جا وڏا نظرياتي پرچارڪ هئا، پر جڏهن رياست ۾ ان جي نظام جي پيداوار تي پورهيت عوام، بحيثيت پورهيت طبقي جي هڪ قسم جو بار يا انٽي تي چنٽي ثابت ٿيڻ وارا هئا تہ مرڳو ئي پورهيت راڄ جو ڊينگو ڊيري ڪيو ويو ۽ ان اينٽ اچي ڦهڪو ڪيو، جيئن ڪچي پٽ ٿوري گهٽي مينهن ۾ زمين بوس ٿي ويندي آهي. انهيءَ مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ سوشلسٽ نظرياتي نظام ۾ بہ مزدور طبقو بحيثيت پيداواري قوت جي تہ قبول آهي، پر بحيثيت افرادي قوت جي قابل قبول نٿو رهي. قابل قبول ڪمائي آهي، پر واندڪائي ڪانہ آهي. ڪمائيءَ ۽ واندڪائيءَ جو فرق پورهيت راڄ بہ واضح ۽ پڌرو ڪري ڇڏيو آهي.

سوويت سماجي نظام لاءِ مزدور طبقي جي بحيثيت قوت محنت جي پيداواري قوت جي ضرورت نہ رهي، تہ نہ صرف پورهيت راڄ مان هٿ ڪيا ويا، پر روسي سلطنت شاهيءَ ۾ واڙيل قومن جي غلاميءَ جا رسا بہ ڪوليا ويا، ڇاڪاڻ تہ انهن قومن جي سرحدن ۾ موجود وسيلن جو روسي رياست رت ست چوسي ۽ نپوڙي چڪي هئي. جڏهن اهي قومون انهيءَ مادي دولت کان خالي ٿي چڪيون ۽ 'رشين سامراجي ديو' کي وڌيک ڪارائتي ڇهڙيون نہ رهيون تہ رشين رياست ۾ ان جو پورهيت نظرياتي نظام انهن جي آزاديءَ لاءِ پاڻ ئي راضي ٿي ويا ۽ ڪين سندن استحصال ۾ وڌيک دلچسپي ڪانہ رهي. جيئن ڏوڌ تي ورتل مينهن ڦنڍي ٿيڻ کان پوءِ مالڪ کي موٽائي ڏبي آهي يا شهري واڙن جا مالڪ ڦنڍيون مينهون ڳوٺ موڪلي ڇڏيندا آهن، هاڻ اهي قومون انهيءَ صورتحال ۾ هيون. جتي انهن روسي رياست کان جيڪڏهن ڪجهہ ورتو ڪونہ ٿي، تہ ڏنو بہ ڪونہ ٿي. باقي چيچنيا جي رياست پوئتي پيل بہ هئي ۽ مالدار بہ هئي ۽ ان ۾ تيل ۽ گئس جا وڏا ذخيرا بہ هئا تہ روسي حڪمران انهيءَ کي ڀئي هٿ وجهي چنبڙي پيا، جو انهيءَ مان اڃا مال ملڻ جي اميد هئي.

نيو مارڪسٽ معيشيت دان هارورڊ شرمن لکي ٿو تہ: ”ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کان فوراً پوءِ سوويت يونين اوڀر يورپ مان ڪيترن وسيلن جو چڱو خاصو تعداد بنا ڪنهن برابريءَ واريءَ قيمت ادا ڪرڻ جي وصول ڪيو... ڪجهہ تہ سڌو سنئون مال غنيمت هو ۽ ڪجهہ جنگي تاوان هو... ڪيترين ئي جوائنٽ ڪمپنيون روسي بالادستيءَ ۾ قائم ڪيون ويون، تہ جيئن انهن ملڪن مان حاصل ٿيندڙ منافعي تي بہ سوويت استحصال



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جاري رهي سگهي. انهيءَ ڪان سواءِ ڪيترائي امڙا اڻ برابريءَ وارا تجارتي ناهه به ٿيا، جن جي ذريعي جنگ جي تاوان جي مقدار ۾ مزيد اضافو ٿيو.“(87)

تاريخ ٻڌائي ٿي ته سامراجي ملڪ ۽ قومون ۽ انهن جا نظام، تيستائين قائم رهندا آهن ۽ رهڻ چاهيندا آهن يا رهڻ ڏنا ويندا آهن، جيستائين اهي ٻين ملڪن ۽ قومن جو هڏ رت چوسيندا ۽ ماس پٽيندا رهندا آهن، پر جڏهن به اهو چوُسارو ڊيگهارو ٿي ويندو آهي ۽ انهن جي ڏاڍن ڪي توسيع پسنديءَ جو رت لڳڻ بند ٿي ويندو آهي ته سامراجي ملڪن ۽ قومن جي انهن ملڪن ۽ قومن جي غلاميءَ مان پاڻ مرادو دل کٽي ٿي ويندي آهي. سڄيءَ دنيا جي ملڪن ۽ قومن ۽ استحصالي قوتن جي اها تاريخ رهي آهي ۽ ايئن قومن ۽ طبقن سان به دلچسپي رهي آهي ته نظرين، فڪرن ۽ مذهبن سان به دلچسپي رهي آهي. نظريا، فڪر ۽ مقدس مذهب به تيستائين پيارا لڳندا ۽ وڻندا آهن، جيستائين اهي مفادن جون مرادون پوريون ڪندا رهندا آهن يا گهٽ ۾ گهٽ سندن ملڪ ۽ قوم جي ترقيءَ ۽ تعمير لاءِ ضروري هوندا آهن، پر جڏهن به اهي مفادن جي مراد پوري نه ڪري سگهندا آهن يا سڪي سڙي، سوڙها ٿي، پنتي پئجي ويندا آهن ته انهن مان اهي ملڪ ۽ قومون توڙي انهن جا نظام هڪدم هٿ ڪڍي وٺندا آهن. اهوئي سبب آهي جو جيستائين پورهيت طبقو، بحيثيت قوت محنت جي پيداواري قوت طور ڪارگر ۽ ڪمائتو هو، تيستائين انهيءَ مزدور طبقي جو پورهيت راڄ به پيارو هو ۽ ان جي نظرياتي نظام سان نباهه به هو ۽ ان جي ڏاڍي زور شور سان پروپيگنڊا به ڪئي ويندي هئي. پر جڏهن اهوئي پورهيت طبقو غير پيداواري افرادي قوت جي شڪل اختيار ڪرڻ لڳو ته پورهيت طبقو، بحيثيت پورهيت طبقي جي ۽ پورهيت نظريو، بحيثيت پورهيت نظريي جي ساڳيءَ سوويت رياست ۽ ان جي نظام لاءِ گهڻيءَ جو ڳارو ٿي پيا ۽ انهيءَ رياست ۽ ان جي حڪمران طبقي، جيڪو پاڻ ڪي ڪميونسٽ سڏائيندي ٿڪجندو ڪونه هو، انهيءَ پورهيت طبقي جي قوت محنت تان نه صرف هٿ ڪڻندي دير ئي ڪانه ڪئي، پر پنهنجي پوري نظرياتي نظام ڪي ئي طلاق ڏئي ڇڏي. ڇاڪاڻ ته هاڻ پورهيت سوويت رياست ۽ ان جي ڪميونسٽ قيادت ڪي نه پورهيت طبقي جي قوت محنت جي ضرورت هئي ۽ نه پورهيت راڄ جي فڪري نظام جي ضرورت هئي. دنيا هاڻ جديد ٽيڪنالاجيءَ جي ڪري ڪمپيوٽرائيزيشن ۽ روبوٽائيزيشن جي دور ۾ داخل ٿي رهي هئي، جنهن ۾ افرادي قوت جي قوت محنت کان وڌيڪ ذهني قوت محنت جي پيداواري قوت جي ضرورت اهم هئي؛ ان ڪري پورهيت راڄ جي نالي ۾ سڄي ملڪ جي ڪروڙين خلق ڪي ڪارائڻ ڏکيو هو ۽ انهن جي جديد دنيا جي تقاضائن مطابق تعليم ۽ تربيت ڪرڻ به ڏکي هئي. پر مخصوص ماڻهن جي مهارت حاصل ڪرڻ سولي هئي، ان ڪري ٽيڪنوڪريٽ ۽ دانشور طبقي جي تعليم ۽ تربيت تي ٻاجهه ۽ شفقت جو هٿ رکيو ويو، جيڪي جديد دور جي ترقي يافته تهذيب جي پيداواري قوت ثابت ٿي رهيا هئا ۽ اهي ان جي ضرورت به هئا.

اها ساڳي ڪميونسٽ قيادت، جيڪا مزدور طبقي ڪي خدا ڪري پوڄيندي هئي،



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ان ئي ان جي جنگ وڙهڻ چڙهي ڏني، جو تہ هاڻ وٺڻ جي بدران ڏيٽا پئجي تي ويا. وٺڻ سولو آهي، پر ڏيڻ ڏکيو آهي، پوءِ اها ڪميونسٽ پارٽي جو نہ هجي، يا ڪميونسٽ نظام جو نہ هجي. پورهيت طبقو، پيداواري قوت جي حيثيت ۾، پورهيت راڄ کي بہ پيارو آهي تہ سرمائيدار سماجي نظام کي بہ پيارو آهي، پر پورهيت طبقو جڏهن پنهنجي اها تاريخي خاصيت وڃائي ويهي ٿو تہ خود پورهيت پارٽيءَ کي بہ پيارو نٿو لڳي؛ ڇاڪاڻ تہ جڏهن پورهيت طبقو، پيداواري قوت نٿو رهي تہ ان جو سماج ۽ تهذيب جي ترقيءَ ۽ تعمير ۾، بنيادي ڪردار بہ نٿو رهي.

اڄوڪي دنيا جسماني قوت محنت جون سرحدون لتاڙي ذهني قوت محنت جي دنيا ۾ داخل ٿي رهي آهي. يعني جسماني طاقت کي طلاق ڏئي، ذهني ۽ روحاني راڄڌانيءَ ۾ داخل ٿي رهي آهي. جسماني طاقت پراڻي دور جي غير انساني حيواني باقيات بنجندي پئي وڃي ۽ ان جي جاءِ تي انسان جي قوت ذهانت جديد ترقي يافتہ تهذيب جو ثقافتي روپ ڌاريندي پئي وڃي. ان ڪري جديد ترقي يافتہ معاشرن مان قوت محنت ۽ سرمائي جي وچ وارو بنيادي تضاد بہ غائب ٿيندو پيو وڃي. ان جي بدران هن وقت جسماني حيواني طاقت ۽ انساني روحاني ثقافت جي وچ ۾ زور آزمائي ٿي رهي آهي. بين لفظن ۾ تہ دنيا ۾ هاڻ صرف حيوانيت ۽ انسانيت جي وچ ۾ جنگ جاري رهندي ۽ اهائي جنگ تاريخي عمل جي ترقي پسند ۽ رجعت پرست ڪردار جو تعين ڪندي. شايد ڪنهن چيني ڏانشور جو چوڻ آهي تہ "هڪ ماڻهوءَ کي يونيورسٽيءَ ۾ موڪلڻ، ٽيهن هارين جي پورهيي جي برابر آهي ۽ اهو ماڻهو يونيورسٽيءَ ۾ جيڪڏهن پنجَ سال رهي ٿو تہ اهو هاريءَ جي ڏيڍ سؤ سالن جي پورهيي جي برابر آهي."

## 3. جديد پيداواري طرقي جي جدلياتي پيش قدمي

جيئن جيئن پيداواري قوتون، پوڙهيون ۽ پراڻيون ٿينديون وينديون آهن، تيئن تيئن اهي پيداواري ڪارج وڃائينديون ۽ فرسوده ٿينديون وينديون آهن. جيئن گذريل دور جو هاري طبقو، هر پاڃاريءَ ۽ ڏاندن جي جوڙي سميت بحيثيت پيداواري قوت جي پوڙهو، پراڻو ۽ فرسوده ٿي چڪو آهي، تيئن جديد سرمائيدار پيداوار ۾ جديد ٽيڪنالاجيءَ (Computerisation Robotisation) جي داخل ٿيڻ ڪري مزدور طبقو پنهنجن پراڻن اوزارن سميت بحيثيت پيداواري قوت جي پوڙهو ۽ پراڻو ٿي فرسودگي اختيار ڪري رهيو آهي؛ ڇاڪاڻ تہ پيداواري اوزارن جي فرسودگيءَ سان گڏ انهن اوزارن جي استعمال جو هنر ۽ ٽيڪنڪ يا شعور بہ فرسودگي اختيار ڪري ويندي آهي.

هن وقت ڪلاسيڪي مزدور طبقو ۽ ان جا ڪلاسيڪي پيداواري اوزار (ڏاٽو ۽ هٿوڙو وغيره) جيئن تہ فرسودگي اختيار ڪري رهيا آهن، ان ڪري مزدور طبقي کي پنهنجن



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پراڻن پيداواري اوزارن سميت، نئين ۽ پيداواري قوت ثابت ٿيڻ لاءِ پاڻ ۾ نون پيداواري اوزارن جي استعمال جي صلاحيت ۽ هنر يا ٽيڪنڪ يا شعور به پيدا ڪرڻ ضروري آهي. يعني مزدور طبقي کي بحيثيت مزدور جي نه پر بحيثيت جديد ٽيڪنوڪريٽ ۽ دانشور طبقي جي پنهنجي اڳوڻي پراڻي پيداواري قوت جي شڪل ۽ صورت بدلائڻ جي ضرورت آهي. صرف اهڙيءَ صورت ۾ هو جديد پيداواري قوت ثابت ٿي سگهي ٿو ته زنده به رهي سگهي ٿو، ته جديد سماجي پيداوار جو خالق به سڏائي سگهي ٿو. ٻيءَ صورت ۾ هو بحيثيت پيداواري قوت جي پنهنجو وجود وڃائي ويهندو. اهوئي ان جي جديد جياپي جو ذريعو به آهي ته جديد ترقي پسند سماجي قوت ٿيڻ جو طريقو به آهي.

جيئن جيئن سرمائيداري اجا وڌيڪ ترقي ڪندي ۽ جديد خودڪار ٽيڪنالاجيءَ ۾ داخل ٿيندي ويندي، تيئن تيئن جديد پيداواري اوزارن جي استعمال جي ٽيڪنڪ ۽ تعليم ۽ تربيت به تبديل ٿيندي ويندي، گهري ۽ پيچيدي ٿيندي ويندي ۽ اعليٰ دماغي محنت واري به ٿيندي ويندي ۽ انهيءَ جي نسبت سان بحيثيت پيداواري قوت جي جديد ٽيڪنوڪريٽ ۽ دانشور طبقو به پيدا ٿيندو رهندو ۽ ٿي رهيو آهي. يعني پراڻي اجرتي مزدور طبقي جي جسماني قوت محنت جي جاءِ تي دانشوراڻي ذهني قوت محنت، پيداواري قوت ۾ بدلجندي ويندي ۽ بدلجي رهي آهي. انهيءَ جديد دانشوراڻيءَ ٽيڪنڪ ۽ هنر سان گڏوگڏ ۽ انهيءَ جي مطابقت وارن پيداواري تعلقاتن ۽ پيداواري طريقي جي تبديليءَ جي ضرورت به پيدا ٿيندي ۽ ٿي رهي آهي؛ جيڪو اڳوڻي سرمائيدار اجرتي نظام جي پيداواري طريقي جي جاءِ تي هڪ ٻئي نئين نظام جي پيداواري طريقي ۾ تبديل ٿيندو ۽ ٿي رهيو آهي. انهيءَ نئين نظام جي پيداواري طريقي ۾ ذهني قوت محنت جي مالڪ پيداواري قوت يا پيداوار ڪندڙ جي پيداوار ۾ حصيداريءَ جي گنجائش به پيدا ٿيندي وڃي ٿي ۽ ٿي رهي آهي.

ٻين لفظن ۾ پيداوار ڪندڙ يا ان جي خالق ٽيڪنوڪريٽ ۽ دانشور طبقي جي فردن کي ايتري وافر ۽ ڪشادي اجرت ملندي ۽ ملي رهي آهي، جو اهي پنهنجيءَ ۽ پنهنجي خاندان جي ضرورت کان واڌو آمدنيءَ کي پيداوار جي حصيداري خريد ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندا ۽ ڪري رهيا آهن ۽ اها پيداوار جي خالق جي، پيداوار جي مالڪ سان حصيداري يا شراڪتداري، جيئن جيئن ثانوي شڪل مان حاوي شڪل اختيار ڪندي ويندي، تيئن تيئن نئين سماجي نظام لاءِ نون پيداواري تعلقاتن جي بنياد تي نئين پيداواري طريقي جي ضرورت وڌندي ويندي. ٻيءَ صورت ۾ نئين سماجي نظام جون پيداواري سرگرميون لازمي طور جامد ٿي وينديون. بلڪ ايئن چوڻ گهرجي ته موجوده سرمائيداري نظام ۾، جديد پيداواري اوزارن يا خودڪار ٽيڪنالاجيءَ واريءَ پيداوار ۾ پيداوار ڪندڙ جي حصيداريءَ واري سسٽم داخل ٿيڻ جي ڪري موجوده پيداواري طريقي جي نظام مان آهستي آهستي، هڪ ٻئي نئين پيداواري طريقي جي نظام ۾ داخل ٿيڻ جي راهه هموار ٿي رهي آهي ۽ اها راهه بلڪل ايئن هموار ٿي رهي آهي، جيئن



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پراڻي غلامداري نظام مان جاگيرداري نظام جي راهه هموار ٿي رهي هئي. بلڪل ايئن ئي اجرتي پيداواري قوتن جي پيداواري طريقي جي نظام مان هڪ شراڪتدار پيداواري قوتن جي پيداواري طريقي جو نظام وجود ۾ اچي رهيو آهي، جنهن جي ڪليدي (Proper) صورتحال اينڊز دور ۾ هلي واضح ٿي سگهندي. هڪ شراڪتدار ڪمپنيءَ جي سنيالينڊز مسٽر اسڪاٽ بيبر جي لفظن ۾ "منافعي جي شراڪتداري يا ڀاڱي ڀائيواري يا ملڪيت يا ڪابه اهڙي اسڪيم، جنهن ۾ مختلف ماڻهو گڏيل واپار ۾ ننڍا ننڍا مفاد رکندا آهن. انهيءَ جي فطري ترقيءَ جي هڪ صورت مشترڪ ملڪيت يا دولت مشترڪا (Common Wealth) آهي، جنهن ۾ ملڪيت جو حق گڏيل ٿيندو آهي، ۽ جيئن اسان ڏٺو آهي تہ گڏيل ملڪيت جا فائدا بہ عجيب ۽ غريب آهن."(88)

جڏهن غلامداري نظام ۾ غلام ڪمائيندا گهٽ هئا ۽ کائيندا وڌيڪ هئا تہ غلامن جي آقائن ۽ اُنهن جي غلامدار نظام جي پنهنجي ضرورت ٿي پئي تہ اهي انهيءَ نظام ۾ تبديلي آڻين. انهيءَ تبديليءَ کي پهرين ننڍي پيماني تي رائج ڪيو ويو يعني غلام کي آقا وٽ ڪمائڻ جي بجاءِ هفتي جا چار ڏينهن آقا جي زمين تي ۽ ٽي ڏينهن پنهنجيءَ ذاتي زمين جي ٽڪري تي ڪمائڻ جي اجازت ڏني وئي ۽ پوءِ اهو طريقو پهرين ٽي پٽيءَ ۽ پوءِ اڏواڏ بڻائي جي طريقہ ڪار ۾ بدلايو ويو. بلڪل ايئن ئي موجوده سرمائيداري نظام اندر پورهيو ڪندڙ يا پيداوار ڪندڙ کي سرمائيداريءَ جي سيٽ اپ ۾ رهندي شعرن ۽ حصن ڏيڻ جو طريقو اختيار ڪيو ويو آهي. انهيءَ طريقي ۾ جيئن جيئن جديد ٽيڪنالاجي ترقي ڪندي ۽ اڳتي وڌندي ويندي، تيئن تيئن انهيءَ تناسب سان جديد ٽيڪنوڪريٽ ۽ دانشور طبقي جي اجرت يا معاوضو بہ وڌندو ۽ ترقي ڪندو ويندو، جيڪو جڏهن ان جي ذاتي ۽ خانداني ضرورتن کان بچت ۾ رهندو، تہ اها بچت هو لازمي طور جتي ڪم ڪندو هوندو يا ٻئي هنڌ جي پيداوار ۾ حصيداريءَ جي خريداريءَ ۾ سيڙپ ڪندو ويندو. ايئن ڪندي هڪ اجرتي يا معاوضي وارو ٽيڪنوڪريٽ ۽ دانشور هڪ ئي وقت اجرت يا معاوضي تي ڪمائيندڙ بہ هوندو ۽ ننڍو وڏو سرمائيدار بہ ٿيندو ويندو. انهيءَ جي اها سرمائيڪاريءَ جي حيثيت، جيئن جيئن ترقي ڪندي ۽ اجتماعي صورت اختيار ڪندي ويندي، تيئن تيئن اهو اجرت يا معاوضي تي ڪمائيندڙ ٽيڪنوڪريٽ ۽ دانشور، نت نئين سرمائيڪاريءَ جي سيڙپ ڪاريءَ جو حصيدار (Share holder) ٿيندو ويندو. ٻين لفظن ۾ ان جي حصيداري بلڪل ايئن پيداوار جي نئين طريقي جي شڪل اختيار ڪندي ويندي، جيئن غلامداري پيداواري طريقو، جاگيرداري پيداواري طريقي جي شڪل اختيار ڪري ويو هو. بلڪل ايئن موجوده سرمائيداري پيداواري طريقي جي جاءِ هڪ جديد ۽ نئون پيداواري طريقو جاءِ والاري سگهي ٿو، جيڪو پهرين پيداواري تعلقاتن جي تبديليءَ جي تقاضا ڪندو ۽ پوءِ موجوده پيداواري طريقي کي مڪمل طور بدلائي ڇڏيندو، "جڏهن هڪ شخص يا خاندان کان ملڪيت جو حق، ڪنهن گروهہ يا اجتماع ڏانهن منتقل ٿيندو آهي تہ اها



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ملڪيت جي تبديليءَ جي ڪردار جي اهڙي تبديلي هوندي آهي، جنهن کي 'اجتماعي ملڪيت' چوڻ بجاءِ 'خانگي ملڪيت جو خاتمو' چوڻ ڪپي. مالڪن جي تعداد ۾ اهڙي مقداري تبديلي، ملڪيت جي مفهوم ۾ قدري تبديليءَ جو سبب ٿيندي آهي، خاص ڪري انهيءَ صورت ۾، جڏهن ملڪيت گڏيل هوندي آهي ۽ دولت مشترڪ جي ميمبرن جي انفرادي حقن جو مطلق تعين ٿيل نه هوندو آهي ته ملڪيت جي حق جي جاءِ انتظامي حق ۽ زميندارين اچي والارينديون آهن."(89)

موجوده دور جون جديد پيداواري قوتون، جديد پيداواري طريقي جو مواد آهن ۽ جڏهن اهو جديد پيداواري طريقي جو مواد، مقداري لحاظ کان اڳتي وڌي معياري شڪل اختيار ڪرڻ لڳندو ته لازمي طور جديد پيداواري تعلقاتن سان مطابقت واري جديد پيداواري طريقي جي قائم ڪرڻ جي ضرورت پوندي. جيڪڏهن جديد پيداواري طريقي جي مقداري مواد جي معياري تبديليءَ جي باوجود موجوده سرمائيداري پيداواري طريقي کي بدلايو نه ويندو ته لازمي طور معاشرو ۽ ان جي تهذيب جمود جو شڪار ٿي ويندا. اهڙي صورتحال هڪ بئي نئين انقلابي صورتحال کي پيدا ڪندي، جيڪا جديد پيداواري طريقي جي انقلابي تبديليءَ کي ضروري ۽ لازمي بڻائي ڇڏيندي. بلڪل ائين به ممڪن آهي ته جيئن غلامداري نظام کان پوءِ جاگيرداري نظام ۾ زمين جي ملڪيت جي مالڪي ته جاگيردار طبقي وٽ هئي، پر زمين مان پيداوار ڪندڙ ۽ ان جي سارسنڀال لهندڙ هاري طبقو هوندو هو: تيئن اڳتي هلي جديد ٽيڪنالاجيءَ جي دور ۾، ٽيڪنوڪريٽ ۽ دانشور طبقو نه صرف پيداوار ڪندڙ ٿيئي، پر ان جو ڪاروهنوار سنڀاليندڙ به اهوئي ٿئي. اهڙيءَ طرح انهيءَ جي پيداوار ۾ گهٽ وڌ حصيداري به ممڪن آهي، جيڪا ڳالهه ايندڙ دور جي امڪان ۾ موجود آهي ته جيئن جيئن جديد پيداوار ۾ پيداواري قوتن سان گڏ، پيداواري تعلقات ڦرندا ويندا، تيئن تيئن انهن پيداواري تعلقاتن جي مطابقت سان پيداواري طريقو به لازمي طور تبديل ٿيندو ويندو.

مٿئينءَ سڄيءَ صورتحال تي اسان جو نقطه نظر آهي ته پيداوار ڪندڙ جي پيداوار ۾ شرڪت ۽ حصيداري جديد پيداواري طريقي جي تبديليءَ جي شروعات آهي ۽ اها سرمائي جي مالڪ جي سرمائي سان گڏ پيداوار جي خالق جي سرمائي ۾ شرڪت ۽ حصيداريءَ سبب، انهن ٻنهي جي وچ واري تضاد، جيڪو پيداوار جي مالڪ ۽ پيداوار جي خالق جي وچ ۾ موجود موڙهو آهي، انهيءَ تضاد جو خاتمو آڻي ڇڏيندي، ڇاڪاڻ ته اها شراڪت يا حصيداري ٻنهي سرمائيدار ۽ صانع (پيدا ڪندڙ) جي مفادن ۾ هم آهنگي پيدا ڪري ڇڏيندي. نتيجي ۾ اها ٻنهي جي وچ واري مخاصمت کي ختم ڪري ڇڏيندي، ان ڪري جو اهڙيءَ طرح پيداوار ۽ ان جي ترقيءَ ۾ پيداوار جي مالڪ ۽ پيداوار جي خالق جا مفاد هڪ ئي وقت موجود هوندا. جنهن ڪري ٻنهي جي مفادن جي ابتڙائي پنهنجي پراڻي ڇڪتاڻ واري اهميت وڃائي ويهندي، ڇاڪاڻ ته پيداوار ۾ هر قسم جو نقصان جهڙو سرمائيدار جي مفاد کي ڇيهو رسائيندو، تهڙو ئي پيداوار ڪندڙ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي مفاد کي ڇيهو رسائيندو ۽ پيداوار مان فائدو جهڙو پيداوار جي مالڪ لاءِ هوندو، تهڙو پيداوار جي خالق لاءِ هوندو. انهيءَ سلسلي ۾ شوماخر هڪ شراڪتدار "اسڪاٽ دولت مشترڪا ڪمپنيءَ" جو حوالو ڏيندي لکي ٿو تہ: "مسٽر بيڊر جو اهو آندل (حصيداريءَ وارو) انقلاب غيرخوني انقلاب آهي، چوڌاري هڙتالون ٿينديون رهنديون آهن، پر اسڪاٽ بيڊر فخر سان اهو چئي سگهي ٿو تہ اسان وٽ ڪڏهن بہ ڪا هڙتال ڪانہ ٿيندي آهي. ان جي باوجود ڪمپنيءَ ۾ هرڪو شخص انهيءَ ڳالهہ کان واقف آهي تہ مقصد ۽ حاصلات ۾ اڃا گهڻو فرق آهي، پر ڪوبہ ٻاهريون ماڻهو انهن جي مقصد ۽ عملي طريقہ ڪار سان اختلاف ڪري نٿو سگهي. ان جي باوجود هڪ اهڙي معاشري ۾، جنهن ۾ حرص ۽ حوس جي حڪمراني آهي، اسڪاٽ بيڊر ۽ ٻيا ماڻهو، فهم ۽ فراست جي ننڍڙن ننڍڙن جزيرن جي حيثيت رکن ٿا."(90)

اهڙيءَ صورتحال ۾ پيداوار جي مالڪ ۽ پيداوار جي خالق جا گڏيل مفاد، انهيءَ ۾ ٿين ٿا تہ پيداوار نہ صرف وڌندي رهي، پر انهيءَ واڌ جي مناسبت سان منافعي جي شرح بہ وڌندي رهي ۽ اهڙيءَ طرح ٻنهي پيداوار جي مالڪ ۽ پيداوار جي خالق جا گڏيل مفاد مارڪيٽ ۽ قوت خريد جي واڌ ۾ بہ گڏوگڏ دلچسپيءَ وارا ٿي سگهن ٿا. جيئن جيئن معاشري ۾ ماڻهن جي قوت خريد وڌندي ويندي آهي، تيئن تيئن معاشري ۾ ماڻهن جون ضرورتون بہ وڌنديون وينديون آهن ۽ تيئن تيئن وري ٻنهي جي مفادن جي تڪميل بہ ٿيندي ويندي آهي. يعني ٻين لفظن ۾ معاشري جي ترقيءَ، تهذيب جي ترقيءَ ۽ ماڻهن جي معيارِ زندگيءَ جي ترقيءَ ۾ پيداوار جي مالڪ سان گڏ پيداوار جي خالق جي دلچسپي بہ وڌندي ويندي آهي، جيڪا ڳالهہ معاشري ۽ تهذيب جي ترقيءَ لاءِ جيئن پوءِ تيئن اڃا وڌيڪ ترقيءَ جو سبب ٿي سگهي ٿي، چاڪاڻ تہ جڏهن پيداوار جي مالڪ سان گڏ، پيداوار جي خالق جي پيداوار ۾ حصيداري هوندي تہ اهي جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ معاشري ۽ ماڻهن جي معيار زندگيءَ جي ترقيءَ ۾ دلچسپي وٺڻ لڳندا ۽ انهن مڙني جي ترقي وري قوت خريد ۾ پوشيدہ هجي ٿي. يعني جيترو معاشرو خوشحال ۽ تهذيب شاهوڪار ٿيندي ويندي، ايترو ئي معاشرو ۽ تهذيب پيداوار کي هضم ڪندا ويندا ۽ اهائي نئين تاريخي عمل جي نئين ترقي پسند تشريح آهي.

## 4. عالمگير انساني تهذيب جي اعليٰ ترقي يافتہ شڪل

مارڪسزم سماجي تاريخ جي ترقيءَ جي تشريح مرحليوار سماجي نظامن جي تعلق سان ڪئي آهي: جيئن غلامداري سماجي نظام مان جاگيرداري سماجي نظام ۽ جاگيرداري سماجي نظام مان سرمائيداري سماجي نظام، سرمائيداري سماجي نظام مان سوشلسٽ يا ڪميونسٽ سماجي نظام وغيره. پر اڄوڪي جديد دور ۾، انساني ۽



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سماجي تاريخ جي ارتقا جي هڪ بلڪل نئين فڪريٰ تشريح بہ سامهون آئي آهي: جيڪا ايلون ٽافلر پنهنجي ڪتاب "ٽين لهر" ۾ ڏني آهي. هن جو چوڻ آهي تہ انساني سماجي تاريخ جي ارتقا ۾ ابتدائي شڪاري دور کان پوءِ هڪ زراعتي دور رهيو آهي، جنهن ۾ غلامداري ۽ جاگيرداري نظامن جا دور اچي وڃن ٿا؛ ٻيو صنعتي دور رهيو آهي، جنهن ۾ سرمائيداري ۽ سوشلسٽ نظامن جا دور اچي وڃن ٿا ۽ ٽيون هاڻوڪو ۽ ايندڙ جديد ٽيڪنالاجيءَ جو ڪمپيوٽرائيزيشن ۽ روبوٽائيزيشن جو دور آهي. جنهن ۾ موجوده دور جي جديد اليڪٽرانڪ دنيا داخل ٿي رهي آهي. ايلون ٽافلر جي انهيءَ نقطہ نظر کي سمجهڻ لاءِ سندس ڪتاب "ٽين لهر" مان ڪجهه اقتباس پيش ڪرڻ ضروري آهي ۽ انهيءَ کان پوءِ پنهنجو تجزياتي نقطہ نظر پيش ڪجي تہ بهتر آهي:

"... انساني سماجي ارتقا ۾ زراعت جو عروج، پهريون اهم موڙ هو ۽ صنعتي انقلاب ٻيو اهم قدم هو... پهرئين لهر کان اڳ ۾ انسان گهڻو ڪري ننڍن ننڍن خانہ بدوش گروهن ۾ رهندا هئا ۽ سندن گذر سفر ٿوري گهڻي پوکي راهي ڪرڻ، شڪار ڪرڻ ۽ مال متاع چارڻ هو. اٽڪل ڏهہ هزار سال اڳ ۾ زرعي انقلاب جي شروعات ٿي هئي، جنهن آهستي آهستي سڄيءَ ڌرتيءَ کي پنهنجيءَ لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو، جيڪو ننڍن وڏن ڳوٺن، راڄوڻي پنچاتن، زرعي زمينن ۽ زندگيءَ جي ٻين نون طور طريقن ۾ بدلجي ويو... انهيءَ پهرئين لهر جو اڃا زور ٽٽو ئي ڪونہ هو تہ سترهين صديءَ جي خاتمي سان يورپ ۾ صنعتي انقلاب جي شروعات ٿي ۽ ڏسندي ئي ڏسندي جلد ئي ٻي عظيم لهر سڄيءَ ڌرتيءَ کي پنهنجيءَ لپيٽ ۾ وٺي ڇڏيو ۽ اهو صنعت سازيءَ جو جديد عمل تمام تيز رفتاريءَ سان هر قوم ۽ ڪنڊ ۾ ڦهلجي ويو....

"اڄوڪيءَ دنيا ۾ پهرين لهر پوري ٿي چڪي آهي. ڏکڻ آمريڪا، پاپوا يا نيوگنيءَ ۾ ڪجهہ ننڍيون وڏيون قبائلي برادريون آهن، جن زراعت اڃا ڪانہ پهتي آهي. پر بنيادي طور پهرين عظيم لهر جي طاقت پنهنجي خاتمي کي پهچي چڪي آهي، انهيءَ دوران ٻي لهر، ڪجهہ ئي صدين ۾ يورپ، اتر آمريڪا ۽ دنيا جي ٻين ڪيترن خطن جي زندگيءَ ۾ انقلاب پيدا ڪرڻ کان پوءِ اڄ ملڪن ۾ پنهنجو وهڪرو جاري رکيو آهي، جيڪي اڃا تائين بنيادي طور زرعي ملڪ آهن. ۽ جيڪي فولاد سازي، موٽر ڪارن، ڪپڙي جي ڪارخانن، ريلوي لائينن ۽ کاڌ خوراڪ جي شين (Processing plant) انڊسٽرين هٿڻ لاءِ متاثڪت ڪري رهيا آهن. جنهي صنعت سازيءَ جو متحرڪ وجود اڄ بہ موجود آهي ۽ جنهن ٻيءَ لهر جي طاقت اڃا ختم ڪانہ ٿي آهي. پر انهيءَ عمل جي جاري رهڻ جي باوجود هڪ وڏي ۽ تمام اهم عمل جي شروعات ٿي چڪي آهي. ٻي عظيم جنگ کان پوءِ وارن ڏهاڪن ۾ صنعتي راڄ جي عروج تي پهچڻ جي نتيجي ۾ سمجهہ کان ٻاهر هڪ ٽين لهر موجزن ٿي وئي آهي ۽ انهيءَ جي آڏو جيڪا بہ شيءِ آئي آهي، انهيءَ جي شڪل ئي بدلجي وئي آهي....

"... اسان پهرينءَ لهر جي ابتدا لڳ ڀڳ اٺ هزار سال قبل مسيح کان ڪٿي آهي ۽



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اما بنا ڪنهن رنڊڪ جي 1650ع ۽ 1750ع تائين مٿي ڏرتيءَ تي جاري رهي، ان کان پوءِ پهرئينءَ لهر جي متحرڪ قوت ختم ٿي وئي ۽ ٻيءَ لهر جو وهڪرو شروع ٿي ويو. اما ٻيءَ لهر جي صنعتي پيداوار جي تهذيب، پنهنجي دور ۾ سڄيءَ دنيا تي مڪمل راڄ ڪري، هاڻ پنهنجي عروج تي پهتي آهي. آمريڪا ۾ لڳ ڀڳ 1955ع کان پوءِ اهو تازو تاريخي موڙ شروع ٿيو آهي... جنهن دوران پهريون ڀيرو صنعتي مزدورن کان خدمت جي شعبن ۾ ڪم ڪندڙ سفيد پوش ماڻهن جو تعداد وڌي ويو آهي ۽ وڏي پئماني تي ڪمپيوٽرن جي استعمال جي شروعات ٿي چڪي آهي، جيٽ هوائي جهازن جو ڪمرشل سفر، جمر روڪ جي گورين ۽ ڪيترين طاقتور ايجادن جو استعمال وڌڻ لڳو آهي. مطلب ته انهيءَ کان پوءِ آمريڪا جي متحده رياستن ۾ ٽين لهر پنهنجي طاقت گڏ ڪرڻ لڳي آهي ۽ ٿوري ٿوري وقفي کان پوءِ ٻيون صنعتي قومون، برطانيا، فرانس، سويڊن، جرمني، سوويت يونين ۽ جپان سميت انهيءَ وهڪري ۾ داخل ٿي رهيون آهن.“(91)

اسان هيءُ هيٺيون وڏو حوالو ڏئي پڙهندڙن سان ڏاڍائي ته ڪئي آهي، پر هن تجزياتي نقطه نظر کي چڱيءَ ريت سمجهڻ لاءِ اهو ايڏو وڏو حوالو اسان ضروري به سمجهيو آهي. اما به حقيقت آهي ته انهيءَ حوالي واري ڪتاب جي لکجڻ کان پوءِ دنيا اجا گهڻو اڳتي نڪري وئي آهي ۽ اسان کي انهيءَ بحث جو سائنسي طور تجزيو ڪرڻو آهي. اهو تاريخي عمل ۽ پيداواري قوتن جي ترقيءَ جي تعلق سان ڪرڻو آهي، ۽ جنهن جي Synthesis ۽ Antithesis، Thesis هيٺئن ٿي سگهي ٿي ته هڪڙو دور دستڪاريءَ جو رهيو آهي ۽ ٻيو دور صنعتڪاريءَ جو رهيو آهي ۽ ٽيون دور خودڪاريءَ جو اچي رهيو آهي. ٻين لفظن ۾ ته پهرين جسماني ۽ ذهني پورهئي جي هم آهنگي هئي، ۽ پوءِ جڏهن انساني سماج طبقيوار نظام ۾ داخل ٿيو ته ذهني پورهيو جسماني پورهئي کان جدا ٿي ويو ۽ هاڻ وري ذهني پورهيو، جسماني پورهئي جي جاءِ والاري رهيو آهي.

انسان صنعتي انقلاب جي دور کان اڳ ۾، جڏهن جهنگ، جبل ۽ سمنڊ ڇڏيا، زراعت تي گذارو ڪرڻ لڳو ته سڀ کان اڳ ۾ هو پنهنجن هٿن کي اوزارن جي جاءِ تي پيداواري قوت طور استعمال ڪرڻ لڳو. اهو ان جي خالص جسماني پورهيي جو دور هو، جيڪو هزارين سالن تي محيط رهيو آهي. جتي جتي به زراعت پير ڄمائيندي وئي، اتي ماڻهو وڏن وڏن ويڙهن ۾ ”گهڻ گهراڻيون“ زندگيون گذارڻ لڳا. هڪ ئي ويڙهي ۾ پيٽون ۽ پائر، سوٽ ۽ ماسات، چاچا ۽ ماما، ڏاڏا ۽ ڏاڏيون، نانا ۽ نانيون ۽ ٻيا مائٽ مٽ ۽ نوڪر چاڪر گڏجي رهندا هئا ۽ گڏجي ڪائيندا پيئندا هئا ۽ هڪ ئي معاشي پيداواري يونٽ جي حيثيت ۾ هٿ هٿ ۾ ڏئي پورهيو ڪندا ۽ ڪمائيندا هئا.

ان کان پوءِ جيئن جيئن زراعتي دور، صنعتي دور جي معاشري ۾ داخل ٿيندو ويو، تيئن تيئن معاشي پيداوار زمينن کان ڪارخانن ڏانهن منتقل ٿيندي وئي ۽ انسان جي خالص هٿ جو پورهيو، حرڪت ۽ موومينٽ يا لوڪوموشن (Locomotion) جي دور ۾ داخل ٿيندو ويو. ۽ انسان پنهنجي هٿ ۽ ذهن، ٻنهي کي گڏوگڏ ڪم آڻڻ لڳو. پر انهن



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٻنهي دورن جي برعڪس اڄوڪو انسان خالص ذهني پورهيي جي دور ۾ داخل ٿي رهيو آهي، جنهن ۾ انسان جو جسماني پورهيو يعني جسماني قوت محنت پنهنجي اڳوڻي پراڻي اهميت وڃائي رهي آهي ۽ ان جي جاءِ ذهني پورهيو وٺي رهيو آهي، جيڪو ٿي اڄوڪي جديد دور جي پيداواري قوت جي حيثيت اختيار ڪري ۽ ان ڪي مڃرائي رهيو آهي. جڏهن انسان جو اهو ذهني پورهيو، سڄيءَ سماجي پيداواري قوت جي حاوي حيثيت اختيار ڪري ويندو، ته انسان جي ”جسماني قوت محنت“ نه صرف پنهنجي پيداواري قوت جي وقعت وڃائي ويهندي، پر ان جي استعمال جو تصور به ختم ٿي ويندو.

جيئن جيئن انسان جو ذهني پورهيو يعني ذهني قوت محنت، پيداواري قوت جي حيثيت اختيار ڪندي ويندي، تيئن تيئن انهيءَ پيداواري قوت جي ذريعي پيداوار اڳ جي ڀيٽ ۾ تمام گهڻي وڌي ويندي، نتيجي ۾ اها واڌو ۽ وافر پيداوار سماجي نظام جي پيداواري طريقي لاءِ هڪ وڏو ڀونچال پيدا ڪندي، ڇاڪاڻ ته ذهني پورهيي جي پيداوار ۾ لازمي آهي ته انساني آباديءَ جو هڪ خاص يا قليل تعداد حصو وٺي سگهندو ۽ باقي سڄي انساني آبادي پيداواري عمل مان واندي ٿي ويندي ته دنيا اندر بيروزگاريءَ جو طوفان اٿي ڪڙو ٿيندو ۽ اربين انسانن مان قوت خريد ختم ٿي ويندي. ظاهر آهي ته سرمائيداري مارڪيٽ جي اقتصاديات افراتفريءَ جو شڪار ٿي ويندي ۽ رسد ۽ طلب جو قانون پنهنجي اهميت وڃائي ويهندو. انهيءَ اقتصادي افراتفريءَ يا انارڪيءَ جي ضابطي لاءِ سماج کي آخرڪار گڏيل منصوبابنديءَ جي ضرورت پوندي، ته جيئن انهيءَ وافر اندازواريءَ پيداوار جي سماج ۽ ماڻهن جي گهرجن مطابق ورهاست ڪري سگهجي ۽ سڄيءَ سماجي پيداوار کي اجتماعي پيداوار ۾ بدلائي سگهجي ۽ سڄيءَ انسانيت جي خوشحاليءَ ۽ ترقيءَ جو ذريعو بڻائي سگهجي. ٻيءَ صورت ۾ چند پيداوار ڪندڙ پيداوار کان بيدخل ٿيل انسانن جي تباهيءَ ۽ موت جو سبب ٿي سگهن ٿا. ۽ نه وري انهن کي اهڙي اجازت ڏئي سگهجي ٿي ته اهي ڌرتيءَ تي آباد انسانيت کي تباهيءَ ڏي ڌڪي ڇڏين. اهو به ممڪن آهي ته انهيءَ دوران انسانيت اجتماعي طور هڪ اهڙيءَ عالمگير تهذيب ۾ داخل ٿي وڃي، جيڪا خالصتاً انسانپڻي جي تهذيب هجي، جيڪا پيداواري تعلقاتن جي تبديليءَ سان گڏ سماجي تعلقات به تبديل ڪرڻ تي آماده ٿئي!

يعني اهڙيءَ طرح سماجي نظام ۽ ان جي نظرياتي نظام ۾ ته تبديلي اچي سگهي ٿي، پر انساني تهذيب جي حقيقي ۽ بنيادي ترقي صرف پيداواري قوتن، پيداواري اوزارن ۽ پيداواري ذريعن جي ترقيءَ سان ممڪن ٿي سگهي ٿي. جيئن غلامداري ۽ جاگيرداري نظامن جي تهذيب لڳ ڀڳ ساڳي ۽ هڪجهڙي رهي آهي ۽ ايئن سرمائيداري ۽ سوشلسٽ نظامن جي تهذيب به لڳ ڀڳ ساڳي ۽ هڪجهڙي رهي آهي. پر هاڻوڪيءَ جديد ٽيڪنالاجيءَ جي اوزارن ۽ ذهني پورهيي يعني ذهني قوت محنت جي پيداواري قوت جي پيداوار تهذيب جي ترقي ۽ تعمير لازمي طور نه صرف معياري طور مختلف رخ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

واري ٿي سگهي ٿي، پر اعليٰ ترين ترقي يافتہ بہ ٿي سگهي ٿي. ۽ اها ئي عالمگير حقيقي انساني تهذيب جي شڪل اختيار ڪري سگهي ٿي، جيڪا معياري لحاظ کان هڪ نئين عالمي تهذيب ٿي سگهي ٿي.

جنهن وقت مارڪس، ڪميونزم جو نظريو پيش ڪيو هو، ان وقت انسان جي جسماني پورهيي يعني جسماني قوت محنت جي نہ صرف وڏي اهميت هئي، پر ان جي فنائيت جو ڪو تصور بہ موجود ڪونہ هو. بلڪ انسان جي جسماني قوت محنت ئي سماجي پيداوار جو واحد ۽ بنيادي سرچشمو هئي. ان ڪري انهيءَ جسماني قوت محنت جو بي رحم استحصال وڏي ۾ وڏي انسان دشمني سمجهي ويندي هئي، بلڪ انسان ۽ ان جي سماج ۽ تهذيب جي ترقيءَ جو سارومدار انسان جي جسماني پورهيي يعني قوت محنت سان مشروط هو. پر ڏيڍ پن سؤ سالن کان پوءِ واريءَ اڄوڪي انساني تاريخ ۾، انسانيت ايتري ترقي ڪري اڳتي نڪري آئي آهي، جو انسان پنهنجيءَ جسماني قوت محنت مان جند ڇڏائي ذهني پورهيي يعني قوت ذهانت جي تاريخي عمل جي دنيا ۾ داخل ٿي رهيو آهي. ان ڪري انساني تهذيب بہ معياري لحاظ کان هڪ نئين عالمگير انساني تهذيب جي دنيا ۾ داخل ٿي رهي آهي. اهڙيءَ طرح انسان جي پيداواري قوت جو بنيادي ۽ مکيہ ذريعو انساني تهذيب مان ثقافتي پيداواري قوت جي شڪل اختيار ڪري رهيو آهي. ٻين لفظن ۾ تہ انسان جي روحاني دنيا ايتري وسعت اختيار ڪري رهي آهي، جو اها بذات خود انسان جي مادي تهذيب جي تخليق ڪري رهي آهي.

مارڪسي فلاسافي چوي ٿي تہ شعور، وجود جي پيداوار ۽ ان جو عڪس آهي، ان ڪري انساني شعور، انسان جي عملي سرگرمين جي پيداوار آهي. يعني انساني شعور جو تعين، انسان جي پيداوار ڪندي آهي. پر ايندڙ دور جي جديد دنيا جو انسان، تهذيبي طور ايترو بااختيار بڻجي رهيو آهي، جو بذات خود شعور پيداواري قوت ۾ بدلجي رهيو آهي. جڏهن انساني شعور يا ان جي روحاني ۽ ذهني دنيا عالمگير پيداواري قوت ۾ بدلجي ويندي تہ اها پنهنجيءَ ابتڙائي يعني ضد ۾ بدلجي ويندي. انساني شعور، انساني تهذيب جي پيداوار جي بجاءِ بذات خود تهذيب جي خالق هجڻ جي حيثيت اختيار ڪري ويندو ۽ اهائي انسان جي حقيقي تڪميل ذات هوندي، جنهن جي بنياد تي انسان طبقاتي ۽ سماجي ٻيائيءَ ۽ دوئيءَ (سماجي ۽ اقتصادي اڻ برابريءَ) جون سرحدون اورانگهي انساني وحدت ۾ داخل ٿي ويندو.

پڙاڏو سوءِ سَڏُ، وَرُ وائيءَ جو جي لهين،
هٿا اگ ۾ ڳڏُ، ٻُڌڻ ۾ بہ ٽيا.
(شاهہ)

جيئن انسان اوائلي انساني برابريءَ ۽ وحدت واري زندگي گذاريندو هو، ۽ پوءِ ترقي ڪري ذاتي ملڪيت جي طبقيوار سماجي ۽ تهذيبي ٻيائيءَ جي دنيا ۾ داخل ٿيو، تيئن هاڻ وري ٻيهر غير طبقيوار سماجي ۽ تهذيبي انساني وحدت جي دنيا ۾ داخل ٿي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رهيو آهي. انهيءَ جو نقشو يا تصوير ڪجهه من طرح جي ٿي سگهي ٿي: انسان اوائلي طور خالصتاً فطرت جي جبر ۾ رهي زندگي گذاريندو هو، ان ڪري انهيءَ جي فطرت سان هڪ قسم جي مڪمل هم آهنگي هئي ۽ پوءِ آهستي آهستي جيئن جيئن ترقي ڪندو ۽ فطرت کي فتح ڪندو ويو، تيئن تيئن فطرت جي جبر جا ليڪا لتاڙيندو بااختيار ٿيندو ويو آهي ۽ هاڻ قوت محنت (جسماني طاقت) مان جند ڇڏائي ذهني قوت محنت جي دنيا ۾ داخل ٿي رهيو آهي. ٻين لفظن ۾ ته اهو هاڻ شعور جي سوجهري جي زندگي گذارڻ لڳو آهي. اهو انسان جي بااختيار ٿيڻ جو تاريخي عمل آهي ۽ انهيءَ جي جدليات يا نفيءَ جي نفي هيٺئين ريت سمجهي سگهجي ٿي:

(1) خالص جسماني پورهيو (Thesis)

(2) جسماني- ذهني پورهيو (Antithesis)

(3) خالص ذهني پورهيو (Synthesis)

پهرين انسان فطرت سان سنئيءَ ريت واسطي ۾ رهي، صرف فطري معيشيت تي زندگي گذاريندو هو، ان تي ئي ياڙيندو هو ۽ پاڻ کي فطرت جو حصو سمجهندو هو ۽ پوءِ آهستي آهستي فطرت کان جدا ٿيندو ويو ۽ جسماني پورهيو ڪري يعني جسماني قوت محنت جي پيداوار معيشيت تي زندگي گذارڻ لڳو. ٻين لفظن ۾ ته وحشيت ۽ بربريت مان تهذيب ۾ داخل ٿيو ته فطرت ۽ انسان ۾ ٻيائي پيدا ٿي پئي، جنهن ڪري انسان به تصوراتي ۽ روحاني ٻيائيءَ جو شڪار ٿي ويو ۽ اهڙيءَ طرح هو فطرت جي وحدت مان نڪري زندگي گذارڻ لڳو، جنهن کي طبقيوار ۽ سماجي اڻ برابري يا ٻيائي چئي سگهجي ٿو. يعني جڏهن انسان جي مادي زندگيءَ ۾ ٻيائي پيدا ٿي پئي ته ان جي روحاني زندگي به ٻيائيءَ جو شڪار ٿي وئي، پر اڳتي هلي جڏهن انسان پنهنجيءَ مادي ۽ سماجي ٻيائيءَ واري زندگيءَ تي قابض ٿيڻ لڳندو ته تصوراتي ۽ روحاني ٻيائيءَ جي زندگيءَ کي به لازمي طور ترڪ ڪري ڇڏيندو. اهڙيءَ طرح جڏهن انسان پاڻ مان هر قسم جي ٻيائيءَ ۽ دوئيءَ کي دور ڪندو يا ترڙي ڪيندو ته پوءِ هر قسم جي طبقاتي، گروهي، نسلي، لساني ۽ مذهبي ۽ روحاني ويڇن ۽ ورونڌن کان به آجو ۽ آزاد ٿي زندگي گذاريندو ۽ صرف فطرت سان پنهنجي اختيار ۽ آزاديءَ جي جنگ لڙندو. يعني انسان ڪائنات جي ڳولا ۽ ان جي تسخير ۾ نڪرندو ۽ اهائي انسان جي اعليٰ انساني تڪميل ذات هوندي:

ڏوٿي سا ڏورين، جا جوءِ سٽي نه پڏيءِ،
پاسا متي پاڻهين، ڪاهوڙي ڪوڙين،
ويا اُتِ ووڙين، جت نهايت ناهه ڪا.

(شاهه)

اهڙيءَ عالمگير انساني تهذيب ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ انسان هٿ جي پورهيي يا قوت محنت يعني اقتصادي غلاميءَ کان آزاد ٿي ويندو. ٻين لفظن ۾ انسان صرف



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

حياتياتي گهرجن لاءِ نہ پر عالمگير انساني تهذيب جي ترقيءَ ۽ تعمير لاءِ پاڻ پتوڙيندو. انسان نہ صرف حيواني يا حياتياتي گهرجن تي فتح حاصل ڪندو پر پنهنجي اندر جي حيواني ۽ فطري جبلتن کي فتح ڪري، خالصتاً تهذيبي جبلتن جي تابع رهي زندگي گذاريندو ۽ اها ان جي شعوري ۽ روحاني يا خالصتاً ثقافتي زندگيءَ جي تڪميل ذات هوندي. يعني انسان جي تهذيبي ۽ ثقافتي زندگي هڪ ٻئي ۾ "ضم" ٿي وينديون. ائين ڪٿي چئجي تہ ان کان پوءِ هڪ غير ثقافتي مادي فطرت جي دنيا هوندي ۽ ٻي مڪمل ثقافتي ۽ روحاني انساني دنيا هوندي. غير ثقافتي مادي دنيا فطرت، جمادات، نباتات ۽ حيوانات جي دنيا هوندي ۽ ثقافتي روحاني دنيا، انسان ۽ ان جي تهذيب ۽ سماج جي دنيا هوندي. اهو هڪ مڪمل ثقافتي انسان هوندو ۽ اهو جيئن جيئن وڌيڪ ثقافتي ٿيندو ويندو تيئن تيئن ان جي تهذيبي ۽ سماجياتي عمل مان جنگ جي جبلت جي جستجو ئي ختم ٿيندي ويندي.

جنگ خالصتاً جسماني طاقت جو تصور آهي ۽ جسماني قوت جو اظهار آهي. پر انسان جي شعوري ۽ ثقافتي زندگي حڪمت ۽ ڏاهپ جو ڏاڄ ۽ معراج هجي ٿي. انسان جي انهيءَ عظيم ترقي يافتہ ثقافتي زندگيءَ ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ ٻن هڪٻئي جي متضاد حقيقتن جي ڪشمڪش شروع ٿي ويندي. جنهن ۾ هڪ طرف حيواني دنيا جي جسماني طاقت جي جبر جي زور آزمائي هوندي ۽ ٻئي طرف روحاني دنيا جي ثقافتي اختياريءَ جي دانائي هوندي ۽ انسان جي روحاني ۽ ثقافتي اختياري، جيئن پوءِ تيئن حيواني ۽ جسماني طاقت تي فاتح ٿيندي ويندي. ٻين لفظن ۾ ڏاهپ جهالت کي مڪمل طور فتح ڪري وٺندي. جهالت جسماني ۽ مادي طاقت تي ڀاڙيندي آهي ۽ علم ۽ ڄاڻ ذهني عرفان تي اعتماد رکندي آهي. جنهن کي رهبر سنڌ سائين جي. ايم. سيد هن ريت پيش ڪيو آهي: "هن عالمِ ناسوت (جسماني عالم) ۾ ظاهري طرح بہ متضاد طاقتون هڪ ٻئي جي خلاف زور آزمائي ڪري رهيون آهن: هڪ تڪميل پسند (Integration) طاقت آهي ۽ ٻي تخريب پسند (Dis-integration) طاقت آهي. پهرين اتحاد، امن ۽ ترقيءَ جي طرف چڪي رهي آهي ۽ ٻي تنزل، تخريب ۽ نفاق طرف گهلي رهي آهي... تبديلي فطرت جو قانون آهي. اهو اصول نہ صرف فردن سان لاڳو رهي ٿو، پر قومن ۽ تهذيبن سان بہ لاڳو رهي ٿو... قدرت جي قانونن تي عمل ڪرڻ واريون قومون ترقي ڪن ٿيون، ۽ ترڪ ڪرڻ واريون تنزل ڏي وڃن ٿيون... ڪو وقت هو مشرقي ملڪ ترقيءَ تي هئا، هاڻ لهيٰ پست پيل آهن ۽ مغربي ملڪ ترقيءَ تي آهن. هڪ طرف ترقيءَ ۽ تعمير لاءِ ايجادون پيون ٿين، ٻئي طرف تخريب ۽ تباهيءَ لاءِ ايٽم بم ۽ زهريليون گئسون پيون تيار ٿين. ڏسڻ ۾ ايئن پيو اچي تہ "اهرمن" ۽ "اهرمزد" ٻئي پنهنجي پنهنجي ڪم ۾ مشغول آهن، پر آءٌ گهٽي غور ۽ تجربي کان پوءِ ان نتيجي تي پهتو آهيان تہ اهي ٻئي متضاد قوتون نہ آهن، پر تنگ نظر ماڻهن کي انهيءَ جو پتو نہ ٿو پوي. سمنڊ جي مدو جزر لاهن ۽ چاڙهن وانگر زندگي بہ مختلف لاهن چاڙهن مان گذرندي رهي ٿي. نہ تخريب دائمي آهي ۽ نہ تنزل مستقل



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهي." (92)

هن ڪان اڳ ۾ ۽ هن وقت پيداواري قوتون، سماجي شعور جي شڪل جو تعين ڪنديون رهيون آهن، پر هاڻ شعور پاڻ پيداواري قوت ثابت ٿي رهيو آهي. جڏهن اهو پيداواري قوت جي حاوي حيثيت اختيار ڪري ويندو ته اهو پنهنجي سماجي شعور جي شڪل جو تعين پاڻ ڪندو يعني شعور ۽ پيداواري قوتن جي هم آهنگي يا وحدت ئي نئين عالمگير انساني تهذيب جي تعمير ڪندي. ٻين لفظن ۾ ته جديد انساني تهذيب جو تعين، جديد دور جي پيداواري قوت يعني ثقافت تهذيب جو تعين ڪندي.

جيئن جيئن انسان ذات مان هر قسم جي دوئي ۽ ٻيائي ختم ٿيندي ويندي، تيئن تيئن انهيءَ مان مذهبي فرقيواريت ۽ مت ڀيد، طبقاتي ۽ گروهي تضاد ۽ نسلي ۽ لساني وير وروڌ ۽ ويڇا به ختم ٿيندا ويندا ۽ انسان ذات جي هڪ ئي تهذيب ۽ ثقافت ۽ هڪ ئي شعوري ۽ روحاني وحدت هوندي ۽ هڪ ئي عالمگير انساني آگاهي ۽ ان جي هم آهنگي هوندي.

سِرُ ڏُونيڀيان، ڏَڙُ نه لهان، ڏڙ ڏونيڀيان سِرُ ناهِ،
هَٿَ ڪَرايُون، آڱريون، ويا ڪيڏي ڪانهَ،
وحدت جي وِهانءَ، جي ويا سي وَڍيا.
(شاهه)

رهبر سنڌ سائين جي. ايم. سيد جو ان بابت چوڻ آهي ته "سنڌ دنيا جو حصو آهي. سنڌي قوم انسان ذات جي شاخ آهي، انهيءَ ڪري سنڌين کي هر ڪم انهيءَ نقطه نگاهه کان ڪرڻو پوندو، جيڪو اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقي بني آدم ۽ قومن جي آزاديءَ ۾ مددگار ٿي سگهندو. سنڌ جي ثقافت، سنڌ جي تعليم، سنڌ جي معيشيت ۽ سنڌي قوم کي اهڙيءَ طرح تيار ڪرڻو پوندو، جيئن اهي آخري طور انسان ذات جي اجتماعي مفادن لاءِ ڪارآمد ٿي سگهن."(93)

•••



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

(1) تاريخ مزدور (پرولتاري) طبقي کان سوشلسٽ انقلابن جو حق کسي ورتو آهي. مارڪس جو خيال هو تہ دنيا ۾ سوشلسٽ انقلاب برپا ڪرڻ مزدور (پرولتاري) طبقي جو تاريخي فرض آهي ۽ جي مزدور (پرولتاري) طبقو پنهنجو اهو تاريخي ڪردار ادا نٿو ڪري تہ تاريخ ان جو متبادل ڳوليندي ۽ مزدور (پيولتاري) طبقي کي اهو تاريخي ڪردار سڌريل سرمائيدار ملڪن ۾ ادا ڪرڻو آهي. پر ان جي ابتڙ مزدور انقلاب لڳ ڀڳ جاگيرداريءَ مان سرمائيداريءَ ڏي ويندڙ ملڪن ۾ آيا. پوءِ اهو سوشلسٽ انقلاب روس جو هجي، چين جو انقلاب هجي يا لاطيني آمريڪا يا ايشيا جا ملڪ هجن. پر سڌريل سرمائيدار ملڪن ۾ اڃ سوڌو سوشلسٽ انقلاب ڪونہ آيا.

(2) مارڪس جو خيال هو تہ جيڪو سماج يا سماجي نظام پيداواري قوتن کي ترقي نہ ڏياريندو، اهو پنهنجي جياپي جو تاريخي حق وڃائي ويهندو ۽ سوشلسٽن يا مارڪسٽن جو سڄو زور انهيءَ تي هو تہ سرمائيداري پيداواري قوتن کي ترقي ڏياري ڪانہ سگهي آهي ۽ نہ ڏياري سگهندي، ان ڪري سرمائيداريءَ جو موت لازمي آهي. پر دنيا ڏٺو تہ سرمائيداري سوشلسٽ نظام کان وڌيڪ پيداواري قوتن کي ترقي ڏياري وئي ۽ ڏياريندي رهي آهي. پوءِ اها انفرميشن ٽيڪنالاجي هجي، ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي هجي، روبوٽائيزيشن هجي يا آٽومائيزيشن هجي ۽ انهن جديد اوزارن کي چرپر ۾ آڻيندڙ ٽيڪنوڪريٽ يا ماهر هجن. پر سوشلسٽ نظام ان جي بنسبت پوئتي رهجي ويا. جنهنڪري اهي عالمگير سرمائيداري نظام جي اڳيان گوڏا کوڙي ويهي رهيا ۽ تنزل پذير ٿي ويا. ان ڪري تاريخ سوشلسٽ انقلابن لاءِ ترسي ويهي رهڻ جي بجاءِ اڳتي نڪري وئي ۽ پورهيت (پرولتاري) طبقي کان انقلابن جو حق کسي ورتو. ۽ انسان ذات جي روشن ۽ تابناڪ مستقبل جو حق جديد دؤر جي سرمائيداريءَ کي ڏنو ۽ اهائي اڄوڪي دور جي مارڪسزم آهي.

(3) موجوده دور جي سرمائيداريءَ لاءِ پيداوار ڪرڻ ڪو مسئلو نہ رهيو آهي پر پيداوار جو نيڪال مسئلو آهي، هن وقت سڌريل سرمائيدار ملڪن ۾ دنيا جي آباديءَ جو 20 سيڪڙو رهي ٿو پر اهو پيداوار جو 80 سيڪڙو واپرائي ٿو ۽ پوئتي پيل دنيا جي 80 سيڪڙو آبادي پيداوار جو 20 سيڪڙو بہ ڪانہ ٿي واپرائي. ان ڪري جديد دؤر جي سرمائيداري پوئتي پيل ملڪن جي عوام جي خريد قوت وڌائي سڌريل سرمائيدار ملڪن جي برابر ڪرڻ ۽ خوشحال ۽ تهذيب يافتہ دنيا خود سرمائيداريءَ جي پنهنجي تاريخي ضرورت ٿي پئي آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيُوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمتائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڏي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٺين، جيڪي بہ ڪٺين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناڍانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چـو، ڇـالاءِ ۽ ڪـينئـن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَـنَ پَـنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book